Tareekh ji Laat

Author: Ruk Sindhi

تاريخ جي لاٽ

مصنف:

رک سنڌي

فهرست

1. ادب ۾ سماجي حقيقت نگاري
2. هاري هلچل جي شهيد مائي بختاور
3. سنڌ جي تاريخ ۽ اسان جون ذميواريون
4. واءَ سان گڏ هلو!
5. آ ٿم ٿم ٿم ٿم لاٽ اجان!
6. اچو ته پنهنجي ڌرتيءَ کي بچايون
7. اچو ته پنهنجو ڪارو مُنهن ڪريون
8. تاريخ جي لاٽ
9. فقير محمد لاشاري: هڪ آدرشي انسان
10. آمي ۾ ڦاپيءَ جو شڪار
11. مير مرتضى جو قتل ۽ نئين سر سياسي صفبنديءَ جو سوال
12. پورين اکين واري ڪشميرڻ جو درد
13. برسات ۾ پنل ناريءَ جو آمريڪا کي نياپو
14. سريلنڪا ۾ سياسي سڌارا ۽ تامل دهشتگردي
15. فوجي آپيشاهي سٽيل ٿائيلينڊ ۾ پيهر ڪمزور حڪومت
16. اڳوڻي يوگوسلاويا ۾ امن بابت آمريڪي منصوبو
17. روس ۾ پارليامينٽري چوندن جو چهچٽو

18. وچ اوڀر امن لاءِ ڪوششون لبيا جي وڏندڙ اڪيلائپ
19. فرانس جا ايٽمي ڌماڪا دنيا جو امن
20. اسرائيلي وزيراعظم رابن جو موت وچ اوڀر امن جي خواهش
21. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي
22. ترقي پسند اديب گوبند مالهي
23. اسان جو لينن
24. اسان جي سنڌ
25. سنڌي ٻولي رت رتولي
26. رالف فاڪس
27. ”سچ“ سنڌ جي عوام جي ملڪيت آهي

ادب سماجي حقيقت نگاري

رڪ سنڌي

”مـان چاهيـان ٿـو تـه ادب حقيقتن ڪـان مـٿي اپـري اچي، مٿان بيهي حقيقتن تي نظر وجهي؛ ڇاڪاڻ تـه سندس مقصد صرف حقيقتن کي پيش ڪرڻ يا چٽڻ ناهي: اهو ڪافي نه آهي ته جيڪو ڏسون ٿا، ان جـو چتر پيش ڪريون. پر اسان کي ان جو به خيال رکڻ گهرجي ته ڇا حاصل ڪري سگهجي ٿو يا ڇا حاصـل

ڪرڻ ممڪن آهي.“ هي لفظ آهن، دنيا جي عظيم دانشور ۽ اديب مئڪسم گورڪي جا- ۽ ها سائنسي سوچ ۽ فڪر جو حامل ادب اهو ئي آهي، جيڪو نه صرف حقيقت پسند هجي، پر سچائي کي ظاهر ڪندڙ به هجي- ۽ ان سان انساني ذهن ۾ نئون انقلاب اچي، نئين سوچ جنم وٺي. ادب نه صرف حقيقتن کي بيان ڪري پر ان سان گڏ حقيقتن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ انهن جي وجود ۾ اچڻ جا سبب پڻ ٻڌائي.

ادب ۾ حقيقت نگاري ڇا آهي؟ يا سماجي حقيقت نگاري ڇا آهي؟ جيستائين اهو نه سمجهبو، تيستائين ان تي وڌيڪ بحث ڪرڻ اجايو ٿيندو. روز مره جي زندگيءَ ۾ جيڪي نوان نوان واقعا جنم وٺن ٿا، نيون شيون وجود ۾ اچن ٿيون ۽ پراڻيون ڊهن ٿيون، نوان فڪر ۽ فلسفا ظاهر ٿين ٿا يا مادي جي اندر جيڪا چر پر ٿئي ٿي. اها پنهنجي الڳ حيثيت ۾ وجود رکي ٿي ۽ اسان سماج ۾ جيڪا اٿل پٿل ڏسون ٿا، طبقاتي ٽڪراءَ ڏسون ٿا، اهي سڀ پنهنجي جاءِ تي زندهه حقيقتون آهن. انهن مڙني جو ادب ۾ ذڪر حقيقت نگاري آهي.

پر جيڪي ڳالهيون يا موضوع انساني سماج ۽ هن دنيا جي مادي وجود کان ٻاهر آهن، انهن جو ذڪر ڪرڻ حقيقت نگاري نه آهي. جيئن ادب ۾ مافوق الفطرت طاقتن جو ذڪر، جنن ڀوتن جو تصور، اڻ ڏٺل روحاني طاقتن ۽ ٻين دنيائن جو تصور ۽ ذڪر حقيقت نگاري نه آهي. ان ڪري ادب جا موضوع ڪنهن خيالي ۽ فرضي دنيا مان کڻڻ بدران، انساني سماج مان چونڊڻ حقيقت نگاري آهي. جيئن ته ادب خود انساني زندگيءَ جو عڪس آهي ۽ انساني زندگيءَ سان واسطو رکندڙ حقيقتون ادب لاءِ مواد آهن. ان ڪري ادب ۾ شروعات کان وٺي حقيقت نگاريءَ جو پهلو اڻ چٽو ئي سهي، پر موجود ضرور

رهيو آهي. جيئن جيئن سماجي ترقي ڪري رهيو آهي ته ادب ۾ پڻ ترقي ٿي رهي آهي ۾ ادب ۾ حقيقتن جو مفهوم وڌيڪ چٽو ۽ روشن ٿي رهيو آهي ۾ اديب سماجي اٿل پٿل سان گڏ حقيقتن جي تلاش ۾ وڌيڪ سرگرم ٿي رهيو آهي. هو خيالي دنيائن کي ڇڏي زندهه حقيقتن کي پنهنجي اظهار جو وسيلو بڻائي رهيو آهي.

جڏهن ادب اجا پنهنجي اوسر جي شروعاتي ڏاڪن تي قدم ڌريا ته اديبن عوام جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڳالهين، سندن جذبن ۾ سماجي رشتن کي ادب جو موضوع بنائڻ شروع ڪيو. معاشري ۾ جيڪي به گهٽ وڌايون ٿين پيون، انهن جي عڪاسي ڪرڻ ۾ انهن جي تصوير عوام اڳيان آڻڻ لڳا. يعني ان وقت اديب حقيقت نگار ته هيا پر هنن جو شعور اجا ايستائين ترقي ڪري ڪو نه سگهيو هو، جو هو ڪنهن سماجي برائي کي پيش ڪرڻ سان گڏ ان جي ٿيڻ جا سبب ۾ بدلائڻ لاءِ راهون به تلاش ڪري سگهن. ان هوندي به شروعات ڪان ئي اديبن ۾ اڳتي وڌڻ ۾ فطرت تي قابو پائڻ جي وڏي خواهش موجود هئي. جنهن اڳتي هلي کين فتحمند ڪيو.

سماجي حقيقت نگاري:

مارڪس هڪ هنڌ چيو آهي ته؛ ”موجوده ادب ۾ اديب کي صرف معاشري جي عڪاسي ڪرڻي ڪا نه آهي، پر ان معاشري جي تبديليءَ لاءِ جدوجهد به ڪرڻي آهي.“ عڪاسي صرف حقيقت جو هڪ رخ آهي. انهي ڪري ڪنهن واقعي کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ يا ان جي صرف تصوير عوام اڳيان آڻڻ حقيقت پسندي ته آهي، پر صرف واقعن کي جيئن جو تيئن چٽڻ مسئلن جو حل نه آهي. ايئن ڪرڻ سان عوام کي يا هن ڏاڍ ۾ ڏهڪاءَ جو شڪار ٿيل مظلوم پورهيتن کي ڪو به فائدو نه رسندو. جڏهن

ته جيڪي ڪجهه سماج ۾ ٿئي ٿو، اهـو اديب حقيقت پسـند بنجي عـوام آڏو تـه پيش ڪن ٿـا، پـر دراصـل اديبن ڪي رڳــو حقيقت نگــار نــه ٿيڻ گهــرجي، پــر سـماجي حقيقت پسـند بنجڻ گهـرجي. يعـني واقعن جي ٿيڻ جـا ڪـارڻ بيـان ڪـرڻ سـان گـڏ انهن جي خــاتمي لاءِ راهــون ۾ رســتا تلاش ڪــرڻ گهــرجن. اهائي سماجي حقيقت نگاري آهي.
ان ڪــري اديب ڪي نــه صـرف حقيقت پســند بنجڻ گهرجي ۾ صرف حقيقتون اخباري خبرن جيـان بيـان ڪرڻ گهرجن، پر ان سان گڏ سماجي حقيقت پسند بنجي معاشري ۾ پيدا ٿيل ڪچـاين، گنـدگين ۾ غلـط لاڙن ڪي پنجــو ڏيڻ يــا بــدلائڻ لاءِ راهــون بــه تلاش ڪرڻ گهرجن.
معاشري جي براين تي تنقيد ڪرڻ سـان گـڏ اسـان جا اديب انهن جي حل لاءِ ۾ انهن جي ٿيڻ لاءِ ذميوار ڳـالهين ۾ حـالتن ڪي بي نقـاب ڪنـدا تـه عـوام ڪي صحيح دڳ ملندو ۾ هو غلـط رسـتن تي وڃڻ بـدران صحيح سائنسي نقطي نگاهه سان جدوجهـد ڪنـدو.
ان ڪــري سـماجي حقيقت پسـند ادب پيش ڪــرڻ ڪري، وقتي حالتن جو جلد اثر قبول ڪنـدڙ فـرد نـه صرف حالتن ڪي جلد سـمجهندا پـر انهن ۾ مناسـب تبديلي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪنـدا. هـو جـڏهن سـماجي حالتن ۾ چالو نظام ڪي پاڻ لاءِ نقصانڪار سـمجهندا تـه ان جي خلاف پرپـور جنـگ ڪنـدا ۾ انهيءَ نظـام جي جاءِ تي هڪ اهڙو نئون سـماج جوڙينـدا، جيڪـو سندن پرجهلو ۾ محافظ هوندو. ان ڪـري اديب جـو اهــو عمــل ان ڪي صـحيح نمــوني ســان ســماجي حقيقت پسند بنائيندو ۾ ڪيس سائنسي سچائيءَ جي ويجهو ڪندو.
ان ڪـري اديب سـماجي حقيقت نگـار بنجي پنهنجي فن جي ذريعي جيڪي بـه سـماج دشـمن ۾ انسـاني ارتقــا خلاف ڪم ڪنــدڙ قوتــون آهن، انهن ڪي بي

نقاب ڪري ۽ نه صرف انهن تي تنقيد ڪري، پر انهن جي خاتمي لاءِ به عملي جدوجهد ڪري. جن به شين مان عوام کي فائدو رسي ٿو ۽ جيڪي به قوتون نئين سماج جي اڏاوت ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون، انهن کي پنهنجو ڪري.
جيڪي اديب يا فنڪار صرف نقاد آهن، صرف خاميون ڪڍي ڄاڻن ٿا، صرف منفي بنيادن تي سوچن ٿا. سي سماج جي اڏاوت ۾ ايترو اهم ڪردار ادا ڪري نه ٿا سگهن، جيترو اهي فنڪار جيڪي سماجي حقيقت نگار بنجي انهن خامين کي دور ڪرڻ جا دگ ۾ منفي پهلوئن جا اثباتي پهلو به ڏسين ٿا. ڇو جو سماجي براين کي بي نقاب ڪرڻ وڏي ڳالهه ڪانهي، پر اصل ۾ انهن کي جڙ کان ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪرڻ وڏي ڳالهه آهي. اصل ۾ پراڻي مدي خارج نظام جي جاءِ تي نئين ترقي پسند سماج جي تعمير اصل مسئلو آهي.
ان ڪري هڪ انسان دوست ترقي پسند اديب جو فرض آهي ته هو نيون راهون تلاش ڪري ۽ نئين ٺهندڙ سماجي لاءِ ميدان تيار ڪري ۽ سماج ۾ پيدا ٿيل گندگين کي صاف ڪرڻ جا طريقا ٻڌائي. جي اديب کي پنهنجو صحيح ڪردار ادا ڪرڻو آهي ته هو استحصالي سماج جي خلاف پورهيت طبقي، مظلوم طبقي سان ڳنڍجي ۽ واڳجي وڃي. ڇو ته اهو ئي مظلوم طبقو انسانذات جي مڪمل آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ ويڙهه ڪري رهيو آهي ۽ سندس مستقبل يقينن روشن آهي.

(چپيل، روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 14 اپريل 1981ع)

¬¬¬

هاري هلچل جي شهيد
مائي بختاور

ڪيوبا جي اڏول انسان فيڊرل ڪاسترو پنهنجي هڪ
تقرير ۾ چيو آهي ته؛ ”جڏهن انسان دلين ۾ ساڳي
آدرش ڪٽي اڳتي هلندا آهن، تڏهن دنيا جي ڪا به
طاقت هنن کي اڪيلو ۽ الڳ ڪرڻ ۾ ڪامياب نه
ٿي سگهندي آهي، نه جيل جون ديوارون ۽ نه
قبرستان جا پٿر. اهڙن ماڻهن وٽ هڪ ساڻيهر، هڪ
جذبو، هڪ سوچ، هڪ ضمير ۽ هڪ وقار جو تصور
موجود هوندو آهي.“
مائي بختاور جيڪا هن قوم جي هڪ زنده دل عورت
هئي، ان جو مرڻ ڪنهن وڏي مقصد کان خالي نه
هو. هو حق ۽ سچ جي بقا جي جنگ ۾ لاشعوري
طور ڪا نه گهڙي هئي. هن وٽ قومي جذبو ۽
ترقي پسند سوچ موجود هئي. هوءَ هن قوم جي
آدرشي نياڻي هئي، جتي مرد پنهنجن فصلن ۾ جهار
هڪليندي، قومي ۽ سماجي برابريءَ واري پرچار
ڪندا هئا، اتي عورتون کوهن تان پاڻي پريندي، لابارا
ڪندي، توڙي گهرن ۾ رلهيون سبندي يا اُن چٽيندي
هڪيئي کي آزاديءَ ۽ برابري واري سماج جا
سونهري داستان ۽ پنهنجن حقن جي سلامتي لاءِ

جدوجهــد جــا تصــور پڌائينــديون هيــون. هي اهــو افراتفريءَ وارو دور هيـو، جنهن ۾ ٿـورو اڳ ديسـي، پرديسي ٿي چڪا هئا. ڌيهين جي جاءِ پرڏيهي والاري چڪا هئا. ديسي ڦورو ٻاهرين سـان ڪلهـو ڪلهي ۾ ملائي غريب پورهيتن جي پونجي هـڙپ ڪـري رهيـا هئا. غريب پـورهيت عـوام، زمينـدارن ۽ جـاگيردارن مـان تنـگ اچي ڪـا وڏي تحـريڪ هلائڻ لاءِ سـوچي رهيو هو. ملڪي اقتدار سِـڪن گـڏ ڪنـدڙن جي هٿ ۾ هــو، جيڪي پنهنجي حــاڪميت برقــرار رکڻ لاءِ زمينـدارن ۽ جـاگيردارن کي خـوش ڪـرڻ جـا حيلا هلائي رهيا هئا.
سنڌ- ڪيترائي انقلابي لاها چاڙها ڏنا هئا، ڪيترا دفعا آزاديءَ ۽ غلاميءَ جا ڏينهن گهاريا هئـا، اهـا هـاڻ بـه ڪنهن وڏي تبـديليءَ ۽ انقلاب لاءِ ڪـر مـروڙي رهي هئي. هي هارين ۾ سجاڳي ڪا پهريون دفعو ڪـا نـه آئي هئي، پر اڄ کان صديون اڳ به سـنڌ انـدر اهـڙو ماحول موجـود هيـو. سـنڌ دنيـا وارن کي سوشـلزم جي راهه ڏيکـاري، هتـان پـورهيتن جي حقن لاءِ آواز بلند ٿيـو. مـارڪس کـان بـه ٻـه صـديون اڳ فطـري قــوت جي وســيلي ڏاڍ ڪنــدڙن کي ثــابت ڪــري ڏيکاريو هو ته ”مسڪين مزدور ۽ هاري، هميشــه ان حالت ۾ رهڻ لاءِ تيار نـاهن، هميشـه دنيـا جي تخـتي تي سـامراج يـا سـرمائيدار يـا جـاگيردار طبقي جي حاڪميت رهڻي ناهي.“ هن دنيا انـدر پهريـون دفعـو شاهه عنـايت شـهيد ان فڪـر جي پرچـار ڪـئي تـه، ”انساني معاشري ۾ برابريءَ ۽ انصاف سـان دولت جو ورهاڱو تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن ذاتي ملڪيت کي ختم ڪبو.“ (ٿامس مور) پاڻ نه صرف اهو فڪـر ڏنــو پــر پهريــون دفعــو، دنيــا جي گــولي تي عملي جدوجهد جي شروعات ڪيائين.
ان بعد سـنڌ انـدر حـق ۽ سچ جي حصـول، پنهنجي عزت ۽ آزادي لاءِ ڪيتريون ويڙهيون وڙهيـون ويـون

آهن. ڪيئي دفعا پرڏيهي لٽيرا ۽ ڏيهي ڦورو سنڌ اندر خوار خراب ٿيندا رهيا آهن. ڪيئي دفعا شاهه عنايت پيدا ٿيا آهن ۽ ڪيئي دفعا جهوڪ جو ميدان پيهر رت سان رڱجي چڪو آهي. اڄ به اها ويڙهه جاري آهي. اڄ به ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ خلاف جنگ نه صرف سنڌ اندر پر پوري دنيا اندر هلندڙ آهي. اڄ به دنيا جي گولي تي به ڌريون موجود آهن، هڪ ظالم ۽ ٻيو مظلوم.
آزاديءَ ۽ برابريءَ واري سماج قائم ڪرڻ لاءِ وڙهيل ويڙهين مان اڄ صرف ان ويڙهه جو ذڪر ڪبو، جيڪا 1949ع ۾ عمل ۾ آئي، اڄ قوم جي ان شهيد نياڻيءَ کي خراج عقيدت پيش ڪبي، جنهن وطن جي عزت ۽ ناموس، مارن جي وقار ۽ سُتر لاءِ پنهنجي جان ڏني. سنڌ جي تاريخ ۾ هي ڪردار ٻين کان وڌيڪ اهم جڳهه والاريندو. هن ڪردار جي سچائي ۽ وطني حب سندس بهادري ۽ همت ان ڳالهه جو اعتراف آهي ته سنڌ جون عورتون پنهنجن حقن وٺڻ لاءِ ۽ پنهنجي قومي حفاظت جي جنگ ۾ مردن کان پوئتي نه آهن. اهي ماڻهو جيڪي عورتن کي بزدل ۽ ڪمزور تصور ڪندا آهن ۽ انهن کي گهٽ نظرن سان ڏسندا آهن ۽ ڪين معاشري ۾ ڪا به مٿانهين جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن، انهن ماڻهن جي منهن تي هي ڪردار پرپور چماٽ هڻي ٿو. هڪ مفڪر ڊيوڊ ليمپي جي چوڻ موجب ته ”دنيا ۾ جيتريون به جنگيون ٿيون آهن، انهن ۾ سڀني کان وڌيڪ نقصان عورت جو ٿيو آهي، ان جي جهولي به خالي ٿي آهي، ان جي مٿي جو تاج به کسيو ويو آهي، ان جو سهاڳ به لٽيو ويو آهي ۽ ان جي عزت به برباد ڪئي وئي آهي.“ پر مان جيڪڏهن انهن سٽن ۾ هي به اضافو ڪيان ته وڌاءُ نه ٿيندو ته عورتن ان کان به اڳتي وڌي پنهنجا سر به سٽيا آهن. هنن پنهنجي لهوءَ سان ڌرتيءَ کي سرخ ڪيو آهي،

هنن جنگ جي ميدان ۾ ترار به کنئي آهي تـه کـوٺن ۾ قيد هونـدي بـه لالچن ۾ اچي وطن جـو سـودو نـه ڪيو آهي. اهڙي طرح هن ڪردار جي بهادري ڏسي، ان چوٽ ۾ ڪو به وڏاءُ نـه ٿينـدو تـه هن ديس ۾ هـر دؤر ۾ مارئيون جنم وٺنديون آهن ۾ هر روز عمر کي شڪست کائڻي پوندي آهي. هن ديس جون ڏجاٽيون مارن جو ستر رکنـدڙ آهن ۾ هـو تـر ۾ بـر ۾ آزاديءَ جـون مشـعلون بنجي اسـان جي راهن کي روشــن ڪنديون آهن.

سنڌ انـدر تـه ڪيـئي ڳـوٺ آهن، ڪيـئي سـهٽا سـهٽا ڪيت آهن. جن سان ڪيترائي تاريخي داستان وابستا آهن، پــر لاشــارين جــو ننــڍڙو ڳــوٺ، جيڪــو تعلقي عمرڪوٽ جي ننڍڙي شـهر تـالهيءَ جي پـر ۾ آهي، اهو مڙني ڳوٺن کـان ممتـاز حيـثيت رکنـدڙ آهي. ان ڳوٺ جو نالو نه صرف سنڌ جي پورهيتن پر دنيا جي پـورهيتن ۾ آزاديءَ لاءِ هلنـدڙ تحـريڪن لاءِ ڪشـش رکندڙ ۾ سونهين جو ڪم ڏيندڙ آهي. هيءُ ڳــوٺ ان ڪري تاريخ جي صفحن ۾ اهم جاءِ ڪو نه والارينــدو ته هي ڳوٺ اڳي قادياني زميندارن جي ملڪيت هو، جن جي چاليهه هزار ايڪڙ ٿر انـدر جـاگير هـئي. پـر هيءُ ڳــوٺ ٻين ڳــوٺن کــان وڌيڪ نرالــو ۾ اهم ان ڪري مڃيو ويندو، جو هن ئي ڳـوٺ جي هڪ اڙٻنـگ عورت مائي بختاور، ديسـي هـارين، نـارين ڪـڙمين ڪاسبين وانگر قـومي ۾ طبقـاتي حقن لاءِ جدوجهـد ڪندي سر ڏنو هو. هتي ظالم قــوتن پنهنجي ظلم ۾ بربــريت جــو مظــاهرو ڪنــدي، پنهنجي مفــادن جي سلامتي لاءِ وحشـپٽي جـو مظـاهرو ڪيـو. هن ڳـوٺ جي هاريـــاٽين، پنهنجي ورن، پنهنجي جـــوڏن جي غـيرموجودگيءَ ۾ 22 جـون 1949ع تي جـاگيردارن جي دلال قادياني زميندارن سان مهـاڏو اٽڪـايو هـو. ان آزاديءَ ۾ پنهنجي حقن لاءِ جنــگ ڪنــدڙ جــتي ۾ هڪ پيرسـن پينـو فقـير ۾ ٻيـون ڪيـتريون ئي سـنڌ

ڏجـاٽيون موجـود هيـون، جن جي اڳـواٽي ڳـوٺ جي بهـادر، جفـاڪش، محب وطن ۽ پـورهيت انقلاب ۾ ايمان رکندڙ 60 ورهين جي ڪمزور جسـم هاريـاڻي مائي بختاور ڪري رهي هئي. هوءَ نـه صـرف گهـرو ڪم ڪار ڪندڙ عورت پر مردن سـان ڪلهـو ڪلهي ۾ ملائي ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ محنت ڪش هاريــاڻي پڻ هئي. هوءَ ملڪ اندر هلندڙ جدوجهد ۾ وڏي دلچسپي وٺنـدڙ هـئي. ان ڪـري تـه هن ٻين ڳوٺـاڻن کي تيـار ڪـــري پنهنجي حقن جي بچـــاءَ لاءِ هٿيـــار کڻڻ تي مجبور ڪيو. هو ٻـاگهي ٻنجي ٻـاهر نڪـري آئي، ڇـو جو هن جا دودا ۽ ننگر به ڪنهن عظيم مقصد خاطر ويل هئا.

سنڌ اندر ڪامريڊ حيـدر بخش جتـوئي، قاضـي فيض محمد، ڪامريڊ محمد لاکو، ڊاڪٽر هسارام، عجـائب سنگهه، غلام محمد لغاري، غلام محمد ٻـام، مولـوي معاذ ۽ ٻيا ڪيـترائي پـورهيت دوسـت اڳـواڻ هـارين جي حقن لاءِ تحريڪ هلائي رهيا هئا ۽ ڪيـترن وطن پرستن جي سـاٿ هن تحـريڪ کي وڏيڪ زور ونـايو هو. هن تحـريڪ جـو مـول متـو هـو، سـرمائيدارن ۽ جاگيردارن سميت ٻاهرين ڦورن کان مڪمـل آزادي. هن تحـريڪ عـورتن ۾ مـردن ۾ مسـرت ۽ سـمجهه پئدا ڪئي. سنڌ انـدر وري شـاهه عنـايت شـهيد جي سوچ ۽ فڪـر کي پـاڙي مليـو. سلسـلو اڳـتي وڌيـو، سڪل سلا ساوا ٿيا. ڇو جو اڄ حيـدر بخش جتـوئي، هارين جو دوست جنم وٺي چڪو هـو. مـائي بختـاور هاريــاڻي جي شــهادت مــٿين تحــريڪ جي زور وٺڻ ڪري ٿي. جن ڏينهن ۾ سنڌ انـدر هـارين کي بٽـئيءَ جـو اڌ حصـو ڏيـارڻ جي جدوجهـد هلي رهي هـئي. انهن ڏينهن ۾ ئي زمينـــدارن پنهنجي مفـــادن جي سـلامتيءَ لاءِ هي ڪـڌو ڪم ڪيـو. هن تحـريڪ جنم ئي هارين جي بک ۽ بدحالي مان ورتو. هن مطـالبي جي ميرائڻ، زميندارن کـان هـارين کي پنهنجـا حـق

وٺي ڏيڻ لاءِ پوري سنڌ اندر مختلف پورهيت دوست اڳــواڻن جي رهــبري هيٺ تحريڪـــون شـــروع ٿي چڪيون هيـون. هنن تحـريڪن جي شـروعات نـواب شاهه کـان ٿي. ڏتڙيـل هـاري □ بيـا پـورهيت ”سـنڌ هـاري کـاميٽيءَ“ جي جهنـڊي هيٺ گـڏ ٿيڻ لڳـا □ پارٽي پروگرام سان اڳتي وڌڻ لڳا. هارين اندر سـنڌ هاري ڪاميٽي جي ڪارڪنن ايتري تـه سجاڳي پئـدا ڪئي، جو اهي هاري، جيڪي اڳ زميندار ته ٺهيـو پـر ڪمدارن کان بـه پيـا ڏڪنـدا هئـا، جيڪي ڪنـڌ هيٺ ڪيو وڏيرن جون نـه صـرف گـاريون سـهندا هئـا پـر بيگرون بـه وهنـدا هئـا، سـي هـاڻ آڻ مڃڻ کـان بـه نابري واري ويٺا.
هن تحريڪ جو آواز هـر هـاريءَ جي گهـر □ جهـوپي تـائين پهچـائڻ لاءِ ”سـنڌ هـاري کـاميٽي“ طرفـان ڪامريـڊ حيـدر بخش جتـوئي 20 جـون 1949ع تي جهڏي □ هاري ڪانفرنس گهرائي. جنهن □ 10 هزار هاري □ ڪارڪن شريڪ ٿيـا. هـر ڳـوٺ □ هـر شـهر مان هاري □ بيا پورهيت ان ڪانفرنس □ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهتا. اهڙي طرح مائي بختاور جي ڳوٺ جا سـڀ هـاري □ نوجـوان ان ”جهـڏو هـاري ڪـانفرنس“ □ شرڪت ڪرڻ لاءِ روانا ٿي ويا. ڳوٺ □ صـرف دلـير عورتون □ ٿڻن تي ڪير پياڪ ٻار موجود هئا.
جڏهن قادياني زميندارن ڏٺو ته ڳوٺن جا مڙئي هاري □ تحـريڪ جـا ڪـارڪن ڪـانفرنس تي ويـل آهن □ زمينن جا قبضا خالي □ اَن جا ديرا واهت بنا پيا آهن، ته هنن نهايت مڪاريءَ □ چالاڪيءَ سان ديـرن تـان اَنُ ڪٽڻ لاءِ منصــوبا ســٽيا، جيڪــو انُ اڌ بٽــئي جي فيصلي تائين اتي رکيل هو. هنن پنهنجي بزدليءَ جــو مظـاهرو ڪنـدي، لاشـارين جي ڳـوٺ تي چڙهـائي ڪئي. جتي هارين جو هڪ وڏو ديـرو اٽڪـل 3 هـزار مڻ ڪٽڪ تي موجود هـو. ديـرو جنهن تي اڳ هـاري واهت ڪيو ويٺا هئا. اڄ هنن بي سمجهه ڦورو قــوتن

ڪي ننڍڙڪو نظر اچي رهيو هو. جاگير جي مالڪن ديري تي قبضو ڪري اُنُ ڪٽڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. جڏهن اها خبر ڳوٺ جي عورتن کي پئي ته جاگير جا مالڪ اڌ بٽئي ڏيڻ بنا زوري انُ ڪنيو ٿا وڃن ته هو پنهنجي ورن جي غيرموجودگيءَ ۾ روا ۽ پوتيون چيلهن سان ٻڌي، هٿن ۾ لٺيون، ڪهاڙيون، ڏانداريون ۽ ڏاٿا کڻي ميدان تي نڪري آيون. هنن هٿياربند زميندارن تي حملو ڪيو. اُن جون وارثياڻيون ۽ زمين جون مالڪياڻيون ڏسندي ئي زميندارن جون وايون بتال ٿي ويون ۽ زميندارن کي چيو ويو ته، ”جيستائين اڌ بٽئي وارو مطالبو پورو نه ٿيندو ۽ جيسين اسان جا جوڌا واپس نه ايندا، تيسين اوهان انَ کي هٿ لائي نه ٿا سگهو.
زميندارن کي پڪ هئي ته هارين جي اچڻ ڪري هنن کي اڌ بٽئي به ڪا نه ملندي، ورندو خوار خراب ٿيندا. هنن فيصلو نبيرڻ لاءِ سچ جي ساٿ سان اڳتي وڌندڙ عورتن تي حملو ڪيو. گهڻي ڏڪا ڏکي بعد چوڌري سعيدالله ۽ مئنيجر چوڌري خالد عورتن تي فائرنگ شروع ڪئي، هي هٿين خالي ديس ڌڄاڻيون پوءِ به ديري تان پوئتي نه هٽيون، پر هن جا قدم ڏکن سهندي به اَنَ جي ديرن ڏانهن هيا. اهو صرف اَن جي ڪرن جو بچاءُ نه هيو، پر پنهنجي تحريڪ جو بچاءُ ۽ پنهنجي عظيم مقصد جو بچاءُ هيو. گولين هلندي به عورتن جي اڳواڻ مائي بختاور ڪارونجهر جيان مضبوط ٿي وڙهندي رهي. هوءَ ڪهاڙي سان، ڏاندري سان، لٺ سان تيسين وڙهندي رهي. جيسين هڪ گوليءَ هن جي سيني کي پرڙ بنائي، ڪيس هميشه لاءِ موت جي هنج ۾ اَمر بڻائي ڇڏيو. ڏکا ڏکيءَ ۾ هڪ پير مرد پينو فقير پڻ ٻين عورتن سميت زخمي ٿي پيو.
22 جون تي اها خبر جهڏي پهچي وئي، جتان هارين جو عظيم ليڊر ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، هاري

ڪاميٽيءَ جي ورڪرن جي وڏي تعداد سان 23 جون تي اڇي لاشارين جي ڳوٺ ۾ پهتو. هن جٿي ۾ جان محمد پلي، عبدالغفور سرهندي ۽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري موجود هئا.
ڪنري جي صوبيدار عنايت علي خان ابڙي ۽ ڊي ايس پي ديوان تلجارام ڪيس لکيو. ڪجهه ڪارڪن ڪامريڊ جتوئي جي حڪم موجب بختاور شهيد جي لاش کي انَ جي ڪري تان ڪٽي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ ساماري ڪٽائي ويا. جتي گهڻو وقت گذرڻ ڪري مائي بختاور کي ساماري جي هڪ مقام ۾ دفن ڪيو ويو. هن خون جو ڪيس ميرپور خاص جي سيشن ڪورٽ ۾ هليو. ڪيس جي پيروي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ طرفان وڪيل ديوان بنارام ڪئي. سڄي سنڌ اندر پورهيتن ۾ هن واقعي جوش ۽ ولولو پئدا ڪري ڇڏيو. زميندارن ۽ حاڪمن خلاف نفرت جي تيز لهر پوري ملڪ اندر موجود هئي. ان ڪري حاڪم ڌر پورهيتن جي جذبن کي ٿڌو ڪرڻ ۽ ڪنهن وڏي فساد روڪڻ لاءِ سٺو سمجهيو ته فيصلو هارين جي فائدي ۾ ٿئي ۽ ملزمن کي سزائون ملن.
ايتري قدر جو سرڪاري وڪيل مرزا اسڪندر بيگ، جيڪو ان وقت جي سنڌ جي گهرو معاملن واري وزير قاضي فضل الله خاص حيدرآباد کان اُماڻيو هو، سو پڻ هارين جي ڌر طرف ٿي سندن فائدي ۾ ڪيس لڙڻ لڳو. هيءُ ڪيس سيشن جج ديوان شنڪر سنگهه آڏواڻي هلايو. هن صاحب پورهيتن جي فائدي ۾ فيصلو ڏيندي، چوڌري سعد الله (جيڪو ان وقت جي پاڪستان جي وزير خارجه مير ظفر الله جو پاٽيجو هو) ۽ چوڌري خالدکي 20-20 ورهيه جيل جي سزا ڏني ۽ ٻين کي ٻه جوڳيون سزائون مليون.
(ڇپيل، روزانه هلال پاڪستان ڪراچي- اصغر آزاد جي نالي سان- 2 سيپٽمبر 1989ع)

¬¬¬

سنڌ جي تاريخ ۽ اسان جون ذميواريون

اســـان جي ملڪ ۽ اجـــان ســـوڌو تـــاريخ ڏانهن سنجيدگي سـان ويچـار ئي نـه ڪيـو ويـو آهي. هـتي تاريخ کي صرف سياسي تبـديلين جـو نـالو ڏنـو ويـو آهي. تـاريخ کي صـرف بادشـاهن، اميـرن ۽ مـذهبي رهنمــائن جي ڪارنــامن، ســندن جنگين، قصــن ۽ ڪهاڻين تائين محدود رکيو ويو آهي. جڏهن ته تــاريخ جو اهـو تصـور صـحيح نـه آهي. تـاريخ هڪ سـائنس آهي، تــاريخ ڪنهن قــوم جي سياســي، ســماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي اپياس جو نالو آهي. دنيا ۾ تـاريخ جا ڪيـترائي تصـور رهيـا آهن. پـر تـاريخ جي مـادي نقطي نظـر مـوجب، انسـانذات جي سـموري تـاريخ طبقاتي ويڙهه جي تاريخ رهي آهي. اها ويڙهه ڦريل ۽ ڦريندڙ، حاڪم ۽ محڪـوم جي وچ ۾ هلنـدي رهي آهي. تاريخ جي جديد مادي قانون موجب سماجن ۾ اٿل پٿل يا نظرين ۾ خيالن ۾ اٿـل پٿـل سـڀ مـادي پيداوار جي تابع آهي. مادي پيداوار جي تـرقي سـان ئي نظريا، سـماج ۽ انهن جا طـور طريقـا ۽ قـانون بـدلبا رهنـدا آهن، ان ڪـري تـاريخ اصـل ۾ سـماجي ٽڪرائن جو لاڳيتو عمل آهي. ان طريقي سان تـاريخ کي نه صرف صحيح نموني سمجهي سگهجي ٿو، پر ان جي روشـني ۾ عـوامي حقن لاءِ جدوجهـد ڪـري سـگهجي ٿي. اهـو ئي تـايخ جـو جديـد نظريـو آهي. جنهن تحت اسـان کي سـنڌ سـميت دنيـا جي تـاريخ لکڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجي.

تاريخ جي جديد مادي نقطي نظـر مـوجب سـنڌ جي تاريخ تي اجان سوڌو ڪوبه ڪم نه ٿيو آهي. سـنڌ ۾

هن وقت تائين جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن. جهڙوڪ چچ نامون، تحفته الڪرام، تاريخ معصومي، تاريخ شاهجهاني وغيره اهي تاريخ جي اصل تصور جو پورائو نه ٿيون ڪري سگهن. اهي صرف تاريخ لکڻ لاءِ مددي مواد (Source Material) جو ڪم ڏئي سگهن ٿيون. ٻيو ته اهي تاريخون سنڌ کان ٻاهر جي ڌارين تاريخ نويس جون لکيل آهن. جيڪي سنڌ جي سماج، ثقافت، ماڻهن جي احساسن ۽ جذبن کان بلڪل اڻ ڄاڻ هيا. ٻيو ته اهي ليکڪ ٻاهرين حملي آورن جا ساٿياري هجڻ ڪري صحيح نموني، ايمانداري ۽ سچائي سان حقيقتون پيش نه ڪري سگهيا آهن، پر پنهنجن سياسي مقصدن ۽ مرادن تحت حقيقتن کي توڙي مروڙي پيش ڪيو اٿن. ان ڪري هنن جي لکيل تاريخ سنڌ جي عوام جي جذبن ۽ امنگن جي ترجماني نه ٿي ڪري سگهي. هنن سنڌ جي عوام ڏانهن لاپرواهي دشمني ۽ بي حسي وارو رويو اختيار ڪيو آهي. ٻيو ته انهن تاريخدانن جون لکيل تاريخون رڳو حڪمرانن، مذهبي عالمن ۽ امير گهراڻن جي ڪوڙين، سچين ڪارڪردگين ۽ ڪارنامن جو داستان آهن. انهن تاريخن ۾ پورهيت عوام يعني تاريخ جي خالق قوتن جو ڪوبه ذڪر ڪونه آهي. انهن تاريخن مان اسان کي ان دور جي سماج، ثقافت ۽ معيشت بابت ڪابه ڄاڻ ڪانه ٿي ملي.

هي ته اوهان ماضيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڪيل ڪم جي حوالي سان ٻڌو، پر موجوده دور ۾ به اڃا سنڌ جي تاريخ تي نئين سري سان تحقيق ڪرڻ جو ڪم شروع نه ٿيو آهي. پر اڃان هاڻ مس سنڌ جي تاريخ جي ٽڙيل ۽ تهن هيٺ آيل مواد کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويو آهي. ڇو جو جيئن ته سنڌ تي مختلف دورن ۾ ڌارين حملا ڪري، هتان جي تاريخي تسلسل کي تباهه ڪيو آهي. ان ڪري انهن حملن ۾

ڪاهن ڪري سنڌ ۽ علمي ادبي سرمايو تباهه ٿينـدو رهيــو آهي. جنهن ڪــري ســنڌ جي تــاريخ جـــون ڪيتريون ڪڙيون گم ٿيل نظر اچن ٿيـون، ان ڪـري سنڌ جي تاريخ جو تسلسل برقـرار رهي نـه سـگهيو آهي. ويجهڙائي ۾ سنڌ جي تايخ جي گم ٿيـل ڪـڙين کي حاصل ڪرڻ ۽ مختلـف هنـڌن تي ٽڙيـل پکڙيـل مواد گڏ ڪرڻ جـو ڪم شـروع ٿيـو آهي. اسـان جي محققن ۽ عــالمن جهــڙوڪ مرحــوم حســام الــدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ايم ايچ پنهــور، غلام علي الانا، سراج الحق ۽ ٻين وڏين محنتن ۽ مشقتن ســان تـاريخ جــون مختلـف ڪڙيــون ۽ سلســلا هٿ ڪــري انهن کي اســان جي آڏو آنــدو آهي. هــاڻ ان مددي مواد جي بنيـاد تي اسـان کي سـنڌ جي تـاريخ بلڪل جديد ۽ سائنسي نقطي نظر تحت تيار ڪرڻي آهي. اسان کي سنڌ جي تـاريخ لکڻ وقت جديـد دور جي سائنسي ايجـادن مـان بـه فائـدو حاصـل ڪـرڻ گهــرجي. قــديم آثــارن تي سائنســي نمــوني جيڪــا تحقيـــق ٿي رهي آهي ۽ جيڪي نيـــون حقيقتـــون ۽ انڪشــاف اســان جي آڏو اچي رهيــا آهن، انهن جي مدد سان اسان سنڌ جي تاريخ جي نه صرف وڃايل ڪڙين ۽ سلسلن کي هٿ ڪري سـگهون ٿـا، پـر ان سان اسان جي تاريخ جا ڪيترائي منجهيـل سـٽ پڻ سلجهي پوندا.

سنڌ جي تاريخ لکڻ وقت قديم آثارن مان مليل مواد جي آڌار تي اسان کي ان دور جي ماڻهن جي رهــڻي ڪهـڻي، ريتن رسـمن، مـذهبي ۽ نظريـاتي ويچـارن، سندن ڪمن ڪارين بابت مڪمل ڄـاڻ ملي سـگهي ٿي. جنهن لاءِ درٻـاري ليکڪن جــون لکيـل تـاريخون بلڪل خاموش آهن.

قديم آثارن ۽ پراڻن تاريخي نسخن ڪان سواءِ اســان کي پنهنجي لوڪ ادب ۽ قديم شـاعري، نيم تـاريخي

قصن ۽ ڪهاڻين مان پڻ تاريخ کي سهيڙڻ ۾ مدد ملي ٿي. ڇو جو اسان جي عوام جي تاريخي فتحن، سندن عظيم تخليقن، جدوجهدن ۽ ڪارنامن، جن کي درباري ليکڪن نظرانداز ڪيو آهي. اهو سڄو مواد اسان جي پٽن، پانن، چارڻن ۽ قصي ڪٿندڙن جي نسل کان نسل تائين ذانهن منتقل ٿيندو آيو آهي. ان مواد کي سوڌي، سموهي، ان رستي پڻ اسان پنهنجي تاريخ کي مڪمل ۽ مستند بڻائي سگهون ٿا.

سنڌ جي نئين تاريخ لکڻ وقت اسان جي نوجوان تاريخدانن کي تاريخ جي جديد مادي نقطي نظر کي پنهنجي راهه جو سونهون بڻائڻو پوندو. اسان کي سنڌ جي تاريخ نئين سر جديد مادي نقطي نظر تحت لکڻي پوندي ته جيئن اها تاريخ عوام منجهه جدوجهد ڪرڻ ۽ پنهنجون حالتون سڌارڻ جو شعور پيدا ڪري سگهي. ان رستي عوام پنهنجي حقن ۽ فرضن کان واقف ٿئي ۽ ماضي منجهه ساڻس جيڪي ظلم ۽ ستم ڪيا ويا آهن، انهن جي خاتمي لاءِ رٿابندي ڪرڻ جو اهل ثابت ٿئي.

اسان کي سنڌ جي جديد تاريخ لکڻ وقت فرضي قصن ۽ ڪهاڻين کي رد ڪري سائنسي سوچ کي اپنائڻو پوندو. تحقيق ڪرڻ وقت هر هڪ واقعي جي سائنسي مادي بنيادن تي ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوندي. هر هڪ دور جي حالتن جو تجزيو نهايت ايمانداريءَ سان ڪرڻو پوندو. هر قسم جي سماجي اٿل پٿل جي سببن کي پيش ڪرڻو پوندو. تاريخ کي قصي يا ڳالهه يا اخبار جي خبر بنائڻ بدران ان کي سائنسي عقلي دليلن جي روشني ۾ پيش ڪرڻو پوندو. هر هڪ تاريخي واقعي جي پس منظر ۾ لڪل سياسي، معاشي ۽ سماجي سببن جو مطالعو ڪرڻو پوندو.

اسان کي سنڌ جي تاريخ لکڻ وقت هر قسم جي مذهبي ڪٽر پڻي، فرقي پرستي ۽ قومي تعصب

ڪان پاسو ڪرڻو پوندو. جيئن اسان جو عوام تاريخ منجهان صحيح رهنمائي حاصل ڪري سگهي ۾ ان مان پرايل نتيجن جي روشنيءَ ۾ مستقبل لاءِ رٿابندي ۾ جدوجهد ڪري سگهي.

هيستائين ٿيندو ائين آيو آهي جو اسان جا نوجوان تاريخدان، قومي تعصب جي وهڪري ۾ وهي، ايترو ته اڳتي وڌي ويا آهن، جو هنن ڏاڍائي شهنشاهه محمود غزنوي ۾ شاهجهان تي ته چتي تنقيد ڪئي آهي پر ان جي پيٺ ۾ سنڌ جي ڏيهي حڪمرانن جا قومپرستيءَ جي نشي ۾ ڳڻ ڳايا آهن. سندن عوام سان ذلت ڀرئي سلوڪ جي پرده پوشي ڪئي آهي. مهاراجه ڏاهر، ڄام نظام الدين، دريا خان دولهه يا غلام شاهه ڪلهوڙي جا ڏارين سان اتڪايل مهاڏا ته ساراهه لائق آهن. پر هنن هتان جي پورهيت عوام سان جيڪي ڏاڍايون ۾ ارهه زورايون ڪيون آهن. انهن ڪي به وسارڻ نه ڪپي. اسان جا ڪيترا تاريخدان ته قومپرستيءَ جي وهڪري ۾ ايترو ته اڳتي وهي وڃن ٿا جو هو ارتقا واري عمل جا به انڪاري ٿي وڃي واڪ اها دعويٰ ڪن ٿا، ته اسان جديد سنڌ کي ڄام نظام الدين ۾ دولهه دريان خان واري سوين سال پوئتي پيل سنڌ بڻائينداسين. سنڌ جي تاريخ لکڻ وقت اسان کي قومي تعصب واري عينڪ کي لاهي ڦٽي ڪرڻو پوندو. اسان کي موهن جي دڙي جي شاندار تهذيب جي ته ساراهه ڪرڻي پوندي پر ان سان گڏ اهو به لکڻو پوندو ته ان تهذيب جي اڏيندڙ پورهيت عوام سان سنڌ جي ڏيهي حڪمرانن جو رويو اذيت ناڪ هيو. ان سان گڏ ان ڳالهه جي به فراخدليءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻي پوندي ته آخرڪار اسان ۾ ڪهڙيون خاميون هيون، جو اسان اڃان اتي بيٺا آهيون، جتي سوين هزارين سال اڳ هئاسين.

(هي مقالو سڪرنڊ هسٽاريڪل سوسائٽي طرفان
ڪرايل هڪ تقريب ۾ پڙهيو ويو)
(چپيل، روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 28 جون
1991ع)

¬¬¬

واءَ سان گڏ هلو!

حقيقت ۾ ادب يا پيا مڙئي فن، هن وسيع دنيا ۾
سماج کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيڻ سان گڏوگڏ ان جي
تشڪيل ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڏين ٿا. ادب کي ٻين مڙني
لطيف فنن، سماجي قانونن، سماج کي سمجهڻ لاءِ
مقرر ڪيل ماپن مٿان فوقيت حاصل آهي. زندگيءَ
جي هر پهلو ۾ پاسي سان ادب جو واسطو آهي.
ادب ۾ سياست جو ته پاڻ ۾ ايڏو گهرو ناتو ۾ رشتو
آهي، جهڙو سپ ۾ سمنڊ جو. اهي ماڻهو ڪيڏا نه

اڻ ڄاڻ ۽ ڪم فهم چئجن، جيڪي ادب کي سياست کان جدا ڪن ٿا. ادب توڙي سياست انسان جي داخلي ۽ خارجي معاملن سان زنجير جي ڪڙين وانگر ڳنڍيل آهن. ٻئي انسانذات جي ڀلائي ۽ بهبود جا خواهشمند آهن. هڪڙي ئي درياهه مان نڪرندڙ ٻه ڪئنال آهن، مقصد ساڳيا ڪٽي نڪرن ٿا، پر راهون مختلف اٿن. فلسفو، تاريخ، ادب ۽ سياست هڪ ٻئي جي رهنمائي ڪن ٿا. هڪ سياستدان وانگر هڪ اديب پڻ باريڪ بينيءَ سان سماج جو مطالعو ڪري ٿو، ان کي پرکي ٿو، سماجي ۽ معاشي حالتن جو تجزيو ڪري ٿو. اديب ۽ سياستدان معاشري جي خامين ۽ ڪچاين، زمين تي پيدا ٿيل فتني ۽ فساد، گند ۽ ڪچري کي نه صرف منظر عام تي آڻي، ان جي مذمت ڪري ٿو، پر هو ان کي ختم ڪرڻ ۽ ان جي جاءِ تي هڪ نئون معاشرو ۽ هڪ بهترين سماج جوڙڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. ڪڏهن ته اديب، سياستدان کان ٻه ٻه قدم اڳتي وڌي، جهر جهنگ، وستي واهڻ ۽ وجي قلم سان گڏ زبان سان عوام کي ايندڙ خوف خطرن کان آگاهي ڏئي ٿو ۽ انهن خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجن گيتن ۽ غزلن، تقريرن ۽ تحريرن سان هنن جي دل ۾ اڻ ٿڪ محنت ۽ مشقت جو جذبو پيدا ڪري ٿو. هن جو اصل فرض اهوئي آهي، جنهن ڪري سندس مانُ مڙني ڏاهن کان مٿي آهي.

صرف فن برائي فن ڪجهه به نه آهي، عوام ۽ ماڻهن کان غير جانبداري کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خراب ڳالهه آهي. اڄ جو اديب پاڻ کي سياسي، اخلاقي، معاشي ۽ طبقاتي بنيادن لاءِ هڪ وسيلو بنائي استعمال ڪري ۽ نئين ايندڙ انقلاب لاءِ راهه هموار ڪري. اڄ جي اديب کي سماجي اڻ برابري، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ

گهرجي. هو امن ۽ شانتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي. هو تهندڙ نئين سماج کي مدد ڏئي، ۽ پاڻ ۽ پنهنجو فن ان لاءِ وقف ڪري. ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته ”فن جو واسطو عوام سان آهي ۽ ان جي پاڙن کي پورهيتن جي وچ ۾ گهرائي سان پيهي وڃڻ گهرجي. اهو فن اهڙو ئي هجي، جنهن کي عوام سمجهي ۽ ان سان محبت ڪري.“

ترقي پسند اديبن تي اهو فرض عائد ٿو ٿئي ته هو ملڪ جي هارين ۽ مزدورن سان ملي هڪ ٿي وڃن. چو جو اسان کي جاگيردار، سرمائيدار ۽ سامراج دلال عوام کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. چو جو هو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن اديب، جن وٽ چالو نظام کي تبديل ڪرڻ ۽ هن سماجي ڍانچي کي بدلائڻ جو ڏانءُ ۽ طور طريقا آهن، اهي جي هن وڏيڪ تباهه ۽ برباد ٿيندڙ طبقي، جيڪو ٻين جي پيٽ ۾ وڏيڪ انقلابي آهي، ان سان ملي هڪ ٿي ويا ته انقلاب کي دنيا جي ڪابه طاقت روڪي نه ٿي سگهي.

اها به ڳالهه پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت رکي ٿي ته اديب جي معاشي ۽ طبقاتي حيثيت ۽ سندس سوچ جو اثر سندس لکڻي تي پوي ٿو. اديب جنهن طبقي سان واسطو ۽ همدردي رکندڙ هوندو، گهڻو ڪري اهڙوئي ادب ماڻهن کي ڏيندو. هن جي طبقاتي سوچ ادب مٿان اثر انداز ٿيندي رهندي. ڪوبه مثال وٺو. جيڪڏهن ڪوبه اديب استحصالي طبقي مان اڀري ٿو يا سندس واسطو ڦورو ٽولن سان آهي ته گهڻو ڪري سندس سوچ به انهن جهڙي رهي ٿي. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ئي ٻي سوچ جو مالڪ بڻجي ٿو. ان ڪري اديب جي سماجي حالت ۽ ذهني ڪيفيت سندس لکڻي مان ظاهر ٿي بيهي ٿي. ان ڪري

تــرقي پســند اديب اهي بڻيــا آهن، جيکي پنهنجي استحصالي طبقي کي ڇڏي پرولتاريه سـان هک ٿي وڃن ٿا ۽ پاڻ کي انهن لاءِ ارپي ڇڏين ٿا.

هر هک ترقي پسند اديب جو فرض آهي ته هـو پـاڻ ۽ پنهنجي فن کي طبقــاتي ڏاڍ ۽ ڏهکــاءُ ۽ قــومي غلامي خلاف هک مضبوط هٿيار طور کتب آڻي. نــه صـرف پيڙجنـدڙ عـوام ۽ غلام قـومن لاءِ قلم سـان ويهي لکي پـر عملي جدوجهـد ۾ بـه شـريک ٿـئي ۽ جي هو ڇاڻي واڻي کنارهه کشي اختيـار کنـدو تـه هو کنهن به بنياد تي پاڻ کي ترقي پسند چوائڻ جـو اهل نه آهي. جي صرف هو پنهنجي انفرادي سکن ۽ خوشين کاڻ لڙي ته به ترقي پسند اديب ٿي نـه ٿـو سگهي. جڏهن ته هو خود ان پيڙيل طبقي سان، هن اڻ برابري واري سماج جـا ڏک ڏولاوا سـهي ٿـو. تـه هن کي جڳائي ته نه صرف پنهنجي انفــرادي ڏکن ۽ سورن، تکليفن ۽ پيڙائن کي ادب جو موضوع بنائي ۽ انهن جي حل لاءِ پاڻ پتوڙي، پر مجمـوعي انسـان ذات جي ڏکن ۽ ڏولائن، مصـيبتن کي هٿ ۾ کـڻي ۽ ان طبقي جي وڏي آبـــاديءَ کي ان ســـان ملائي گڏجي جدوجهد کري. ڇو جـو ائين کـرڻ سـان نـه صـرف فـردي آزادي ۽ سـکون نصـيب ٿينـدو پـر اجتمــاعي فائــدا پڻ رسـندا ۽ اجتمـاعيت ئي سـپ کجهه آهي. انفراديت جو کوبـه مقـام کونـه آهي. يعني اديب ان ڳالهه کي کڻن جيکا ڳالهه عــوام جي وسيع تـر مفـادن سـان ڳانـڍاپيل هجي. هـو پـاڻ کي چــاکيءَ جي ڏانــد جيــان کنهن انفــراديت پســند گروهن جي مقصدن يا مفادن لاءِ نه ڦيرائن. پر هنن جـو ادب مـڙني انقلابي ۽ اڳـتي وڌنـدڙ نـئين سـماج جوڙيندڙ عوام جي مفادن لاءِ هجي.

اڄ انسانذات هک اهڙي موڙ تي بيٺي آهي. جتـان يـا ته پاڻ کي پارس بنـائي کـڍي يـا فنـا ٿي وڃي. هـر باشعور انسان تي اهـو فـرض عائـد ٿـئي ٿـو تـه هـو

اهڙين حالتن عوام جي رهنمائي ڪري هنن کي صحيح دڳ لائي. وقت جي رفتار سان اڳتي وڌي، ڇو جو جيڪو ماڻهو وقت جو اثر قبول نه ٿو ڪري، اهو اُوس فنا ٿيڻو آهي. ڪيسين هوائن مافوق الفطرت طاقتن جي آڌار تي پاڻ کي حقيقتن کان جدا رکي جيئندو رهندو.
حد آهي، جو اسان جي دوستن جي سوچ اجان ته ايستائين پهتي آهي ته جڏهن عوام جي سوچ فڪر ڦيرو آيو حالتون اسان جي فائدي بدليون ته ان وقت اسان اها ڳالهه ڪنداسين، هن وقت اها ڳالهه ڪرڻ بي وقوفي آهي. اسان جو عوام دقيانوسي خيال پرستي جي عالم گم آهي هو ڪابه چالونظام خلاف ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي. اها ڪيڏي نه حقيقتن کان منهن موڙ ڇئبي. جيڪڏهن اوهان ڪنهن ڳالهه کي سچ سمجهو اهو به ڏسو ٿا ته باطل قوتون پنهنجي ارهه زورائي سان حق سچ تي وار ڪري رهيون آهن. عوام وٽ جوش طاقت ته آهي، پر هوش ناهي. اها خبر ناهي ته وار ڪنهن تي ڪجي، ڪيئن ڪڏهن ڪجي، طاقت ڪٿي ڪيئن استعمال ڪجي؟ اوهان سوچ سمجهه هوندي به ماٺ رهيا، عوام کي ڪنهن دڳ نه لاتو، ٿوري قرباني تڪليف کان ڊڄي صبر ڪري ماٺ ڪئي ته تاريخ اوهان جهڙن بزدل انسانن کي ڪڏهن به نه بخشيندي. ڇو جو حالتن کي ملائڪ ڪونه تبديل ڪندا آهن، پر اوهان جهڙا ماڻهو ئي مغرور جو ڪنڌ مروڙي سگهن ٿا جابر جي منهن تي ڀرپور چماٽ وهائي سگهن ٿا. جي سچ پچ اوهان ڪائنر آهيو ته مهرباني ڪري عوام کي گمراهه نه ڪيو. عوام منجهه مايوسي پيدا

نه ڪيو. بنگلن ۽ فليٽن ۽ ويهي پاڙ ڪي پورهيتن جـا وارث سڏائي عوام جي جذبن کي مجروح نه ڪيو.

ان لاءِ اوهان پنهنجي قومي شاعر شاهه لطيـف جي قول ۽ فعـل مـان سـبق پرايـو. جنهن پنهنجي دور ۽ ان وقت جي مروج نظام خلاف بغاوت ڪـري اڳـتي نڪـري ”حق موجود“ جو نعرو هنيو. هــو پنهنجي دور جـو وڏو انقلابي هيـو. ان وقت جي حـالتن، ان وقت جي معاشي ۽ اقتصـادي ڍانچي، سـوچ ۽ فڪـر جـو معيار تمام پوئتي پيل هو. لطيف جو فڪــر، ان وقت سان گڏ اج به اسان جي ضرورت آهي. پر اج سانچا مختلف آهن، طور طريقا بـدلجي چڪـا آهن. جي اج لطيـف هجي هـا تـه يقينن هن جي اج جي شـاعري اڳئين کان مختلف هجي ها. جي سـاڳيو ڪالهـه وارو معيار قائم رکي ها، ساڳي سـوچ ۽ فڪـر جي تبليـغ ڪري ها تـه ٿي سـگهيو پـئي تـه تـرقي پسـندن جي صف ۾ شمار ٿي نه سگهي ها.

اسان ارتقا ۾ ايمان رکندڙ آهيون، اسان پوئتي موٽڻ نه ٿا گهرون، اسان جا قدم اڳـتي ئي وڌنـدا. ماضـي مان جيڪي چڱيون ڳالهيون ملن ٿيون، انهن کي پاڻ سـان گـڏ کـڻي حـال جي سـانچي ۾ ڍالي، چنـڊي ڦوڪي تبديلي آڻي، اج جي فڪري پيداوار سـان گـڏ کـڻي اڳـتي وڌون ٿـا. اسـان ماضــيءَ جـا پوجـاري ناهيون. اسان مستقبل ۾ وڏيڪ چڱي اميد رکون ٿـا. اسـان پنهنجي مسـتقبل کي روشـن سـمجهون ٿـا. اسان کي هينئر گهرجي تـه ماضـي تي ناقدانـه نظـر وجهي ان وقت جي داخلي ۽ خــارجي حــالتن جــو جائزو وٺي پاڻ ۾ تبديليون آڻيون.

اسان 5 هزار سال پراڻي ڪرپي ۾ ڦيٽي کي پاڪر پائي، اها هام هڻڻ نه ٿا گهرون ته اسان ڪالهه هيڏي ڪيپ ڪٽي هئي. سوال ٿو اٿي ته اڄ اسان ڇا ڪيو آهي؟ اها ته ڪالهه جي ترقي هئي، اڄ جو دنيا هيڏي عروج تي پهتي آهي، ڇا اها رجعت پسندي نه چئبي، جو اڄا اسان ماضيءَ کي پيا پوڄيون ۽ ان جا قصيدا ڳايون. ان کي پاڪر وجهيون ويٺا هجون ۽ صرف ماضيءَ تي ئي فخر ڪيون ۽ حال ۾ اڳتي وڌڻ کان نابري واري ويهون. اهائي رجعت پرستي آهي، جو وقت جو ساٿ ڏئي نه ٿو هلجي. ٽيڻ ته ائين ڪپي ته اسان ”سڄ سان گڏ اٿئون ۽ واءَ سان گڏ هلون.“

(ڇپيل روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 25 اپريل 1992ع)

آ ٿم ٿم ٿم ٿم لاٽ اڄان!

اڄ پهرئين مئي آهي. ان جي عظمت اها ئي آهي جو هي ڏينهن ڪنهن هڪ قوم، هڪ ملڪ، هڪ مذهب، هڪ گروهه يا طبقي جي بدران عالمي حيثيت رکندڙ آهي ۽ هي واحد ڏينهن آهي، جيڪو سڄي دنيا ۾ رنگ، نسل يا ڪنهن ٻئي متڀيد کان سواءِ سڀئي ڪارا توڙي گورا ماڻهو ان کي ملهائن ٿا. يعني دنيا ۾ ڪوبه اهڙو يادگار ڏينهن ناهي جو سڄي دنيا ۾ ان کي هڪ ئي وقت تي ملهايو وڃي. اهائي هن ڏينهن، هن تاريخ ۽ هن گهڙيءَ جي سچاٽپ آهي.

اسـان هن ڌرتي جـا وارث، هن ڌينهن جي يـاد تـازي ڪـرڻ واري مـوقعي تي عهـد ڪيـون پختـو عـزم ڪريون ته جنهن حق لاءِ شڪاگو جا پـورهيت وڙهيـا هئا جنهن آزادي جا هو تمنائي هئا، اسان به ان ئي آزاديءَ خوشحاليءَ جا چاهينـدڙ آهيـون. اسـان بـه انهن جي هڪ ڪڙي آهيون اسـان جي نـرڙ تي بـه هنن جي رت سان فتح جا نشـان چٽيـل آهن. اسـان جي هٿن ساڱيا جهنڊا آهن اسـان جي چپن مـان ساڳيا نعرا نڪري رهيا آهن:

”پورهيت عوام – زندهه باد“

”سرمائيــداري – مــرده باد“

اسـان کي پختـو يقين آهي تـه، جيسـتائين دنيـا جي تختي تي ڏاڍ ڌهڪاءُ، ظلم جـبر موجـود رهنـدو، اوستائين شڪاگو جـا شـهيد ور ور ڏئي واپس اينـدا. پوءِ هو ڪڏهن روس جي سـرخ زمين تي جنم وٺنـدا ته ڪڏهن چين ويٽنـام جي ڪيتن مـان سـون ورنـا سنگ بنجي اپرندا ته ڪڏهن سـنڌ جي سـرزمين تي حيدر جو روپ وٺي سرمائيدارن جون پاڙون پٽيندا.

اڄ کـــان 106 ســـال اڳ 1886ع آمريڪـــا جي مــزدورن پنهنجي حقن وٺڻ لاءِ ســرمائيدارن ســان جيڪي فيصـلي ڪن لـڙائي لـڙي هـئي. سـا اڄ بـه مسلسـل جـاري آهي ان لـڙائي، مـزدورن جي ان جدوجهد اڄ ڪيتريون ئي فتحون حاصل ڪيـون آهن. اڄ دنيا جي وڏي حصي جا مالڪ پورهيت آهن. اڄ به ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪي رهيا آهن مـزدورن جي هٿن مشعلون روشـن ٿيـل آهن، هـو پنهنجي مـنزل ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. اڄ هر پورهيت جي زبان مان هي لفظ نڪري رهيا آهن.

”ڪيئن توڪي ڪاري ٻاٺ مڃان، ٿي چٽنگ ڪري چمڪات اڃان.

آتــم تـــم تـــم لات اچـــان، جـــا جـــوڳي كالـــهه جـــلائي ويــــــا!“

اڄ به ڪيترن ملڪن جا مزدور ۾ پـورهيت عـوام هن دنيـا جي تخـتي تي عـزت ۾ آزاديءَ سـان رهڻ لاءِ ڪٺن جدوجهد ۾ مصروف آهن. اڄ به 106 سال اڳ وارو وقت پڪاري رهيو آهي ته:

”دنيا جا مـزدورو! بهـادريءَ سـان اڳـتي وڌو، لـڙائي شروع ٿي چڪي آهي.“

”پورهيت هڪ ٿي وڃـو، ظـالم ۾ مظلـوم جي جنـگ شروع ٿي چڪي آهي.“

هيءُ، اهو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن پيٽ بکايل، ڪـپڙن ڦاٽــل مــزدورن، ڦــورو ســرمائيدارن جي منهن تي پرپور چماٽ هڻندي، سندن مڙني قانونن ۾ ضــابطن کي ٽڙيندي، ڪارخانن مـان ٻـاهر نڪـري، رسـتن تي اچي، هٿن ۾ پانا ۾ هٿوڙا کڻي اعلان ڪيو هو ته:

”هاڻ مزدور، سرمائيدار جـو وڌيڪ ظلم ۾ سـتم نـه سـهندا هـاڻ هنن کي گهڻـو وقت ڏاڍ جي زنجـيرن ۾ قيــد ڪــري نٿــو ســگهجي. هــاڻ هــو ڪارخــانن ۾ سورنهن ڪلاڪن بدران اٺ ڪلاڪ ڪم ڪندا.“

مـزدور اڄ پنهنجن حقن لاءِ هرڳـري ڪـان ڳـرو قـدم کڻڻ لاءِ تيار هئا. شـڪاگو، آمريڪـا جـو هڪ صـنعتي شهر، جنهن ۾ لاتعداد ڪارخانا آهن، جتان جي ريلوي اسٽيشــن تي ڪيــترن ئي هنــڌن جــون گــاڏيون اچي بيهنديون آهن ۾ مـال سـان لـڏيل جهـاز لنگـر هڻنـدا آهن. اتي جي ڪارخـانن جي فلڪ بـوس عمـارتن ۾ ڪيئي انگ اگهاڙا ۾ پيٽ بکيا مـزدور ڪـم ڪنـدا هئـا. جيڪي تـارن ۾ گهـران نڪرنـدا هئـا تـه تـارن ۾ 16 ڪلاڪن جي هڻ هٽان بعد واپس گهر ايندا هئـا. ڪين زندگي جي ڪابه بنيادي سهوليت يـا حـق ميسـر نـه هـو. ٻيــو تــه چــڏيو پــر ســڄي ڏينهن جي ڳهڻ بعـد جانورن وانگـر ٻـه ويلا سڪ جي مـاني بـه ڪـائي نـه سگهندا هئا. اهي ئي حالتون هيون، جو پهـرين مــئي

1886ع تي شڪاگو جا مزدور ڪارخانن ۽ وچڻ بجاءِ رستن ۽ روڊن تي نڪري آيا هئا. هنن جو وڏو جلوس جهازن جا لنگر ڪٽڻ بدران، مال گاڏين مان مال لاهڻ ۽ چاڙهڻ بدران هٿن ۽ امن جا اڇا جهنڊا ڪٽي، شهر جي شاهي رستن جا احتجاجي گشت ڪرڻ لڳو. پنهنجن مطالبن مڃرائڻ لاءِ پر امن نموني آواز بلند ڪرڻ لڳو. پوري شڪاگو جا رستا ڪارن ڪوجهن پر مضبوط جسم وارن مزدورن سان پريل نظر اچي رهيا هئا.

هي انساني سيلاب ۽ پورهيتن جو طوفان 8 ڪلاڪ ڪم ڪرڻ واري مطالبي مڃرائڻ ۽ پنهنجن بنيادي حقن وٺڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو هو. ان جو اڳتي وڌڻ، ان جو ڪامياب وڃڻ حاڪم قوتن ۽ انهن سرمائيدارن لاءِ موت جو سگنل هيو. جابر قوتن هن انساني سيلاب کي روڪڻ، هن آواز کي بي دردي‎ءَ سان ڪچلڻ لاءِ فيڊرل حڪومت جي فوج ۽ پوليس گهرائي ۽ هنن هٿين خالي پورهيتن جي مٿان وحشي فوج ۽ پوليس وارا بگهڙن جيان ڪڙڪي پيا. پورهيتن جي اگهاڙن پنن تي گولين ۽ لٺين جي برسات وسڻ شروع ٿي. هنن بي سمجهه قوتن هن انساني سيلاب کي روڪڻ لاءِ بس اهوئي ڪجهه ڪافي سمجهيو ۽ هوائن سمجهي رهيا هئا ته اسان هاڻ هڪ هڪاٽي ڪري رهيا آهيون. پر ڇا رائفل جي گولي سپ ڪجهه هوندي آهي. ڇا پوليس ۽ فوج هن تحريڪ جو خاتمو آٽي پئي سگهي، بلڪل نه – اهو ته حاڪم قوتن پنهنجي بزدلي‎ءَ جو مظاهرو ڪيو.

هو شڪاگو جي رستن کي پورهيتن جي ريتي رت سان سرخ ته بنائي سگهيا. هو نالين ۽ پاٽي بدران ريتو رت ته وهائي سگهيا پر هو هميشه هميشه لاءِ پورهيتن ۽ سندن عالمي آواز کي ختم نه ڪري سگهيا. ورندو سندن زوال جو وقت ويجهو آيو.

پهرئين مئي تي انساني خون، اهو خون جيڪو پوري دنيا جي تشڪيل ڪندڙ آهي. اهو خون جنهن تي اسان جي وجود جي بنياد آهي. اهو خون جنهن تي سُڪل سلا ساوا ٿيندا آهن، درياهه جي صورت □ وهڻ لڳو. جنهن □ پورهيتن جا سفيد جهنڊا رنگجي ڳاڙها ٿي ويا. پورهيتن جو حوصلو وڌندو رهيو. هنن شڪست ته ڪانه کاڌي، ورندو سيٺين جا حوصلا پست ڪري ڇڏيا، سرمائيدارن جا حواس اُڏي ويا. هو چرين وانگر وقلڻ لڳا. سندن جسمن □ ڪنبڻي پيدا ٿي وئي. ڇو جو هنن جي گولين ته ڪو فيصلو ڪو نه ڪيو، اٽلو ڪارخانن جي بلند ترين عمارتن جي چوٽين تي ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪڻ لڳا.

2، مئي تي وري به مزدور احتجاجي جلوس جي شڪل □ رستن تي نڪري آيا. هنن جي هٿن □ پنهنجي ئي رت □ رنگيل ڳاڙها جهنڊا هئا. هو اڳتي وڌي رهيا هئا. هنن جو هڪ هڪ قدم سرمائيدارن جي سيني تي مُگ ڏرڻ برابر هيو. فوجون وري به آيون. لٺيون □ رائفلون هوا □ اپيون ٿيون، خون وهيو، ماتم ٿيو، هر اک مان ڳوڙهو ٽپڪيو. ظالم □ جابر پنهنجي ظاهري □ وقتي سوپ تي مشڪيا. پورهيتن جي وهيل رت کي فوجي لانگ بوٽن لتاڙيو، ملٽري جي گاڏين جا ڦيٿا ريٽا ٿيا. پو ته رت جي ڦڙنگين، ڪارخانن جي سفيد پٽين کي به لعل بڻائي ڇڏيو.

ڪيئي مزدور ليڊر جيلن جي جاڏين پٽين پويان قيد ٿي ويا. ڪيترن کي ڦاهين تي لٽڪايو ويو. ڦاسي تي لٽڪندڙ هڪ مزدور اينجل وڏي واڪي چيو:

”توهان اسان کي ماري ته سگهو ٿا،
پر اسان جي تحريڪ کي ماري نه ٿا سگهو!“

ها واقعي سچ چيو هئائين، اڄ به اها تحريڪ زندهه آهي □ ڦاسي گهاٽن تي ڦٽڪندڙ مزدور اڄ به انساني دلين تي حڪمراني ڪري رهيا آهن. اڄ به

هنن جو آواز ڪارخانن جي مشـينن جي آواز ۽ پـڌڻ ۾ اچي ٿو. جتي جتي به مـزدور تحـريڪ هلائن ٿـا يـا پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪن ٿا تـه اڄ هو 106 سال اڳ وارو اهو قول دهرائن ٿا ته:

”حاڪمو! غريب انسانن جو آواز بلند ٿيڻ
ڏيو، نه ته انهن جون تلوارون بلند ٿينديون.“

پهـرئين مـئي ڪـان جنهن جدوجهـد جـو آغـاز ٿيـو يـا پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ جيڪا جنگ شروع ٿي، تنهن تقريبن هڪ صدي انـدر وڏيـون فتحـون حاصـل ڪيون آهن. اڄ دنيـا جي وڏي آبـادي امن ۽ سـڪون سان زندگي گذاري رهي آهي. اڄ جيڪي به قومـون پنتي پيل آهن ۽ جتي به ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ جو وجود آهي، اتي ڏاڍي ۽ هيـٺي جي جنـگ شـروع آهي. هـاڻي ان جنگ ۾ جيڪي بـه مـاڻهو پـورهيتن جي پاسـي ٿينـدا، سي عوام دوستن جي صف ۾ شمار ٿيندا.

اسان کي اڄوڪي ڏينهن تي اهو عهد ڪرڻ گهـرجي تـه جيڪـا بـه ڳالهـه عـوام جي مفـادن کي نقصـان رسائيندي، اسـان ان جـا دشـمن هونداسـين. جيڪـو قــدم پــورهيتن جي خوشــحالي ۾ پلائي لاءِ کڄنــدو، اسـان ان جي ڀرپـور مـدد ۽ حمـايت ڪنداسـين. اڄ اسان جو وطن – سنڌ چـوڌاري خطـرن ۾ وڪـوڙيـل آهي، انــدر ۽ ٻــاهر ڪيــئي دشــمن آهن. اســان کي خبرداريءَ سان هر قدم کڻڻ گهرجي ۽ اسان لاءِ ڀلو ان ۾ ٿينـدو تـه اسـان وطن جي پـورهيتن سـان گـڏ هلون، سندن قيادت قبول ڪيون. پنهنجن صفن مان پورهيت دشمن قوتن کي نيڪالي ڏيـون. اسـان جي قـومي تحـريڪ جـو هـر اول دسـتو مـزدور ۽ هـاري هجڻ گهرجن. جي اسـان ائين ڪيوسـين تـه ڪـا بـه جابر قوت اسان جي مقصدن کي ڇيهـو رسـائي نـه سگهندي ۽ اسان جلـد ئي فتح ماڻينداسـين. پـر جي اسان جو قدم پورهيتن ڪـان پاسـيرو هونـدو تـه اهـو اسـان جي قــوم لاءِ نقصــانڪار ثـابت ٿينــدو. شـل!

اسانجو هر قدم مادر وطن جي آزاديءَ ۽ هتان جي عوام جي خوشحاليءَ لاءِ ئي ڪڇي.
(چڀيل، روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 1 مئي 1992ع)

اچو ته پنهنجي ڌرتيءَ کي بچايون

ريوڊي جيزو ۾ ماحولياتي آلودگيءَ جي خاتمي لاءِ ڪوٺايل سربراهه ڪانفرنس ڪانپوءِ اهو معاملو انتهائي اهميت اختيار ڪري ويو آهي. دنيا جا ملڪ جيڪي پهريان صرف هڪ ٻئي جي تباهيءَ جو سامان تيار ڪرڻ واري خفقان ۾ غلطان هيا. هاڻ سڄي دنيا جي تباهيءَ لاءِ اڀرندڙ هن آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ گهڻ ۽ گهٽ سوچ ويچار ڪرڻ جي حد تائين اڳتي آيا آهن. ڇا ڪاڻ ته ان نئين آپدا کي منهن ڏيڻ ۾ ان جي تڪڙي اوسر آڏو بند ٻڌڻ تي ترقي يافته ۽ ترقي پذير ملڪن ۾ اهڙائي اختلاف موجود آهن، جهڙا سندن اميري ۽ غريبي بابت تصور تي هلندڙ آهن.
دنيا جنهن تيز رفتاريءَ سان ترقيءَ جون منزلون طئه ڪري رهي آهي، اهڙيءَ ئي تيزي سان پنهنجي تباهيءَ ۽ بربادي لاءِ پڻ سامان گڏ ڪرڻ ۾ رُڌل آهي. عالمي پئماني تي قدرتي وسيلا جن ۾ ٻيلا، حيوانيات، صاف پاڻي ۽ صاف هوا وغيره شامل آهن، سي تيزي سان برباد ٿي رهيا آهن. هٿيارن جي ڊوڙ ۾ انهن جي استعمال ۾ ترقي يافته ملڪن طرفان ائٽمي ڌماڪا ڪرڻ سبب تابڪاريءَ جي اثرن سڄي دنيا جي فضا کي زهريلو بڻائي ڇڏيو آهي. اسان اڳ تمام گهڻ وسيلن ۽ سهولتن هوندي به صاف هوا ۽ شفاف پاڻيءَ جهڙي قدرتي تحفي کان ته محروم نه هئاسين. هاڻ اعليٰ کان اعليٰ

درجي جي سهوليتن ۾ سائنس جي برق رفتار ترقيءَ هوندي به گندي پاڻيءَ جي استعمال ۾ زهريلي آبهوا واپرائڻ سبب نت نين ۾ هيبت ناڪ وبائن جو شڪار آهيون. هٿيار پنهوار ۾ زندگي جي ٻين ضرورتن لاءِ سامان تيار ڪندڙ ڪارخانا ڏينهن رات ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ اوڳاڇي آبهوا کي گندو ڪري رهيا آهن. ٻيو ته ڇڏيو پر ترقي يافته ملڪن جي ڪارخانن جو خارج ٿيندڙ سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ ماحول کي تيزي سان بگاڙي رهيو آهي. لکين ٽنن جي حساب سان روزانو ڪارخانن مان فاضل زهريلو مواد سمنڊ ۾ اڇليو وڃي ٿو. جنهن ڪري هڪ طرف ته سامونڊي جيوت، جنهن ۾ مڇي ۾ ٻي سامونڊي مخلوق تيزي سان پنهنجو وجود وڃائي رهي آهي ته ٻئي طرف سمنڊ جو پاڻي آلودگي جو شڪار ٿي رهيو آهي. سمنڊ جو پاڻي ته ڇڏيو پر اسان جي هنن پرڪارن سبب درياهن، ندين سميت پاڻي جا زير زمين ذريعا پڻ آلودگي جو شڪار ٿي رهيا آهن. ڪارخانن جو بچيل زهريلو مواد، شهرن جو گندو پاڻي وغيره درياهن ۾ وهايو پيو وڃي. جنهن ڪري هاڻي پاڻي جو اهو ذريعو به زهريلن اثرن کان محفوظ رهي نه سگهيو آهي.

اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ ته ماحولياتي آلودگيءَ ۾ جيئن پوءِ تيئن اضافو ٿي رهيو آهي. سامونڊي جيوت، سنڌونديءَ جو پاڻي، ٻيلا، ڍنڍون، پکي پکڻ، جهنگلي جانور ان آلودگيءَ جو شڪار ٿي اسان کي تباهيءَ ۾ بربادي‌ءَ ڏانهن ڌڪي رهيا آهن. حڪمرانن کي ته ان ڳالهه جو فڪر ناهي، پر اسان به ان معاملي ۾ پنهنجي جوابداري کان غافل رهيا آهيون. اٽلندو حڪمران ان سڄي تباهيءَ ۾ بربادي‌ءَ واري باهه کي تيز ڪرڻ لاءِ ان کي ٻارڻ مهيا ڪري رهيا آهن. سنڌ ۾ هٿ وٺي مختلف بهانن سان ٻيلن کي تباهه ڪيو پيو وڃي. ڪڏهن ڌاڙيلن

جي آڙ ۾ ٻيلن کي ٻاهيون ڏنيون وڃن ٿيون ته ڪڏهن وري ڏوڪڙن جي لالچ ۽ هوس ۾ حڪمران ٽولا ۽ ڪامورا شاهي ٻيلن ۾ وڍ وجهي رهيا آهن. هر سال وڻڪاريءَ واري مهم جي اعلانن باوجود نوان وڻ پوکڻ ته ٺهيو پر اٿلندو ندين، نالن، واهن، شاخن ۽ رستن جي ڪنارن تي بيٺل وڻن کي ناس ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪري سنڌ تيزيءَ سان ان قدرتي نعمتن کان محروم ٿي رهي آهي. ٻيلن جي تباهه ۽ برباد ٿيڻ سبب هڪ طرف برسات نه پئي پوي، ته ٻئي طرف سنڌ جي زرخيز زمين سم ۽ ڪلر جو ڪاڄ ٿي تباهه ٿي رهي آهي. ڪيئي سرسبز پٽ بيابان ۾ تبديل ٿي رهيا آهن. جنهن ڪري لکين ماڻهو گذرسفر جي وسيلن کان محروم ٿي رهيا آهن. ٻيلن جي تباهيءَ سبب جهنگلي جيوت جو به خاتمو اچي رهيو آهي. ڪيترائي جانور، چوپايو مال، پکي ۽ جيت جڻيا سنڌ جي ڌرتيءَ تان گم ٿي چڪا آهن. هڪ طرف ٻيلن جي غير فطري موت سبب جانورن ۽ پکين جي آزاد اوسر رڪجي وئي آهي ته ٻئي طرف ڏيهه ۽ پرڏيهه جي شڪارين کي شڪار جي کليل اجازت يا ساهوارن کي قتل ڪرڻ جي پرمٽ ملڻ ڪري ڪيئي ناياب نسل جا جانور ۽ پکي زندگين تان هٿ ڌوئي رهيا آهن.

سنڌ ۾ درياهي پاڻي جي هٺراڌو ڪوٽ پيدا ڪري سامونڊي کاري پاڻي کي مٺيون زمينون ڳڙڪائڻ جو پروانو ڏنو ويو آهي. درياهه ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري سمنڊ جو پاڻي مٿي چڙهي رهيو آهي. جنهن ڪري زرخيز زمينون تباهه ٿي رهيون آهن. ان سان گڏ سنڌ جي سامونڊي ڪنارن جي پروارن علائقن ۾ هزارين چورس ميلن جي اندر مٺي پاڻي جا زيرزمين ذخيرا کڙا ۽ کسارا بڻجي رهيا آهن. جيڪڏهن حڪمرانن طرفان سنڌو درياهه جي پاڻي کي هڙپ ڪرڻ واري اها روش هلندي رهي ته هڪ طرف

پـاڻي جي کـوٽ سـبب ٻيلا تباهــه ٿي وينـدا تـه ٻـئي طرف سامونڊي پاڻي مٿي چڙهي لکين انســانن جي حيــاتي وارن ذريعن کي هميشـــه لاءِ نـــاس کـــري ڇڏيندو. جيڪا ڳالهه انساني تاريخ جو هڪ وڏو الميو هوندي.

اسان جي ٻيلن سان گڏوگڏ پـاڻيءَ جي کـوٽ سـبب ڍنڍون پڻ سڪي ٿوڻ ٿي رهيـون آهن. جنهن کــري سنڌ جو قدرتي حسن مرجهـائجي رهيـو آهي. منڇــر ۾ ڪينجهر سميت ٻين ڍنڍن کي تازي پاڻي فراهم نه ٿيڻ ڪري ڍنڍن جي پاڻي تي پلجندڙ مڇي موت جـــو شڪار ٿي رهي آهي. سائبيريا سـميت اتراولهــه جي ٻين ملڪن کـان اينـدڙ رنـگ بـرنگي پکين جي ولـرن جي آمد بنـد ٿي رهي آهي. پـاڻي خشـڪ ٿيڻ کــري ٻهه، پٻڻ، لوڙهه سميت پاڻي ۾ ٿيندڙ ٻيـون سـبزيون ۾ ميووا موڪلائيندا پيا وڃن.

سنڌ جي قدرتي حسـن سـان ان هـاڃي جـا ذميـوار جتي حڪمران آهن، اتي اسان به ان ڏوهه کان پلئــه آجا ڪرائي نه ٿا سگهون. جيڪڏهن حڪمران ٻيلن ۾ وڍ وجهي رهيا آهن ته اسـان وري رسـتن، شـاخن ۾ واهن جي ڪنارن سميت ٻنين ٻارن تي بيٺل وڻن جو قتلام ڪـري رهيا آهيون. ان ڪـري گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ڌرتي سان محبت ڪندڙن ۾ ان جي قدرتي ســونهن ۾ سوپيا سـان عشـق ڪنـدڙن کي ”اچـو تـه پنهنجي ڌرتي بچايون“ وارو نينهن جو نعرو بلند ڪري ميدان ۾ ڪڏي ڪاهي پوڻ گهرجي ۾ هتان جي هر جانــدار، اهو وڻ هجي يـا ٻوٽـو، جـانور هجي يـا پکي پکڻ، ان کي بچائڻ لاءِ جنگ جوٽڻ گهرجي. هتان جي وســيلن جي بي حســـاب لٽ مـــار ۾ زيـــان کي روڪڻ لاءِ احتجاج ڪرڻ گهرجي. سـنڌو جي پـاڻيءَ سـميت ان جي ڪنارن وارن ٻيلن ۾ ان ۾ رهندڙ جــانورن، پکين

پڪڻن جي جيـاپي واري جنـگ ۾ ثـابت قـدميءَ سـان جدوجهد ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ تـه جيڪـڏهن اسـان تيزيءَ سان وڌندڙ ماحولياتي آلـودگيءَ ڪي منهن نـه ڏنو ته پوءِ نه صرف اسان قـدرت جي حسـين ۽ بي بهـا نعمتن ڪـان محـروم ٿي ويندا سـين، پـر پـاڻ بـه گُهٽجي گُهٽجي موت جي منهن ۾ هليا ويندا سين.

(چپيل، روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 9 آگسٽ 1992ع)

¬¬¬

اچو ته پنهنجو ڪارو مُنهن ڪريون

هندستان ۾ انتها پسـند جنـوني هنـدن هٿـان تـاريخي بابري مسجد جي شهادت ڪانپوءِ ملڪ سميت خـاص ڪــري ســنڌ ۾ گــذريل ٻن ٽن ڏينهن کــان جنهن وحشيت ۽ بربريت جو مظاهرو ڪيو ويـو آهي. تنهن نـه صـرف سـنڌي هنـدن کي پنهنجيءَ ئي ڌرتي تي ويڳاڻو ۽ بي يـارو مـددگار ڪـري ڇـڏيو آهي، پـر ان سان گـڏ سـنڌين جي قـومي وجـود کي بـه انتهـائي ڪاپــاري ڌڪ لڳــو آهي. ســنڌ ۾ اڄ ٻيهــر 1947ع

جهڙي صورتحال پيدا ٿي چڪي آهي. شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ کي نفرت جون چڀيون ساڙي ڀسم ڪري رهيون آهن. سنڌ جي چپي چپي تي پڙڪندڙ باهه هتان جي تاريخي روايتن کي ساڙي ناس ڪري رهي آهي. شاهه لطيف، سچل ۽ ساميءَ جا وارث، سندن روايتن جا امين، محبت، رواداري، ڀائپي وارن قدرن کي سرعام ننگو ڪري، انهن مٿان دانگي ملي رهيا آهن. شاهه ۽ سچل جي روضي کي اماڙيون ڏئي ساڙيو پيو وڃي، سامي جي روح کي رهنڊون ڏنيون پيون وڃن، شهيد ڀڳت ڪنور رام کي ڀيهر گهايو پيو وڃي. چاڪاڻ ته اڄ جو نئون نسل، جيڪو پاڻ کي ترقي پسند، قومپرست ۽ سيڪيولر سوچ جو ڪوٺائي رهيو آهي، تنهن تي انهن مڙني نظرين جو ايڏو ته نشو چڙهي ويو آهي، جو هو هاڻ ديوانگي جي حد ڪان به ٽپي اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهن، جيڪو هوند ڪرڻ کان اڳ ڪين ٻڌي مرڻ گهرجي.
سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مندرن کي ساڙي، هندو ڌرم جي پاڪ ڪتابن جي جيڪا بيحرمتي ڪئي وئي آهي. گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارن سان جيڪا بدتميزي ڪئي وئي آهي. ڪروڙين رپين جي ملڪيتن کي جيڪو نقصان رسايو ويو آهي. ان جا ذميوار ڪي ٻاهريان ماڻهو ۽ حڪومتي ادارا نه پر اسان پاڻ آهيون. اهو ڪارو منهن ان قوم جي لچن، لوفرن، بدمعاشن، رهزنن ۽ بي غيرت ماڻهن ڪيو آهي، جيڪي سڄو ڏينهن قوم قوم، ديس ديس جا نعرا هڻندي نه ٿڪبا آهن. اهي سڀ ڪم انهن انساني مهانڊن وارا نقاب پهريل بگهڙن ڪيا آهن، جيڪي پاڻ کي سيڪيولر يا صوفي سوچ جا چوندي نه ٿڪبا آهن، جيڪي پاڻ کي موهن جي دڙي، اروڙ، ٺٽي، ٺلتي، سيوهڻ ۽ ساڌ ٻيلي جا وارث سڏائيندا آهن، جيڪي پاڻ کي سهيرس راءِ، دودي، هوشو، هيمون،

بختاور، شيخ اياز ۾ نارائڻ شيام جا وارث سڏائيندا آهن.

سنڌ ۾ هندن جي جان، مال، عزت ۾ مذهبي عبادت گهرن جي تباهيءَ جا ذميوار اهي آهن، جيڪي سالن کان سندن حفاظت جي هام هڻندا آيا آهن ۾ جيڪي هاڻ به ٿلهن مذمتي بيانن ۾ ڏکويلن سان همدردي جو اظهار ڪندڙن طور پنهنجن نالن جي نمائش ڪري رهيا آهن. پهرين نمبر جا ڏاڙي، ٻئاڪي ۾ ٻزدل ماڻهو هٿن سان سنڌ جي عزت کي نيلام ڪري، هاڻ پيڪيدار بيانن، تقريرن ۾ تحريرن سان الزام ٻين مٿان هڻي، پنهنجا پلئه آجا ڪندا. واڳون وارا ڳوڙها ڳاڙي، سڀ ڪجهه ڳڙڪائي ڇڏيندا. ڇا سنڌ جا ماڻهو ۾ انهن جون ولرن جيتريون پارٽيون، تنظيمون ۾ ٽولا سنڌ جي هندن کي سکرنڊ، قمبر، وارهه، شهدادپور، جيڪب آباد، سکر، روهڙي ۾ تحفظ ڏئي نه پيا سگهن. ڇا سندن ڄاڙي باز ڪارڪن، ٽٽ سان سوپاريون پچندڙ ابوجهاد، ڇپي گويرا، رهبر، سرواڻ، بهادر، بانڪا، انڌاريون ۾ طوفان سڏائيندڙ ليڊر مندرن ۾ مڙهين کي بچائي نه پئي سگهيا. ڇا سنڌ جي ننڍڙن ننڍڙن شهرن ۾ ڳوٺن ۾ مندرن ۾ هندن جي ملڪيت کي ايران، افغانستان، جاوا ۾ رومانيا مان آيل ماڻهن جلايو ۾ ڦريو لٽيو؟ ڇا ان سڄي داداگيريءَ ۾ دهشت تي اسان سنڌي مسلمانن جون اکيون بند نه رهيون؟ ڇا اسان هٿ وٺي ان ڪڌي ڪم کي ٻارڻ مهيا نه ڪيو؟ ڇاڪاڻ ته ڏوهه ڪندڙ ۾ ان کي نظرانداز ڪندڙ ٻئي هڪ جيترا ڏوهاري آهن. جيڪڏهن سنڌ جي وڏن شهرن ۾ نسل پرست دهشتگردن سنڌي هندن جي رت ۾ هٿ رڳيا آهن ته ڳوٺن ۾ وسندين ۾ اسان مندر ساڙي پنهنجو ڪارو منهن ڪيو آهي.

پڙڪي پڙڪي باهه، مڇ ٻري ۾ مُرڪي سنڌ

هڪ طـرف باهـه جـا پـيڙ پـڙڪي رهيـا آهن تـه ٻـئي طـرف سـنڌ واسـي پنهنجي سـورهيائي تي مُـرڪي رهيا آهن. مندرن مڇ پيا ٻـرن اسـان ڏنـد ڪـڏي ٺهڪ ڏئي رهيا آهيون. ڇا بابري مسجد سنڌ رهندڙ هنـدن ڊاٺي آهي، ڇـا ٻـابري مسـجد جي آڙ هـتي سوين مندر ساڙي تباهه ڪرڻ دانشـمندي آهي. جن بـابري مسـجد جي آڙ منـدرن تي حملا ڪيـا آهن، سي صرف ايترو ٻـڌائي سـگهندا تـه هنن پـاڻ هـتي، هن اسـلامي ملڪ ڪيـتريون مسـجدون اجـاڙيون آهن، فـرقي پرسـتي جي آڙ ڪيـتريون مسـجدون شــهيد ڪيــون آهن. ٻــابري مســجد جي واقعي تي واويلا ڪندڙ پنهنجي اندر ته جهاتي پائي ڏسن، تــه هنن سنڌ ڪيترن مندرن تي قبضـو ڪـري، انهن پنهنجا گهر ٺاهيا آهن، ڪيترن مندرن جي بي حرمتي ڪئي پئي وڃي. جيڪڏهن 1947ع کانپوءِ صـرف ٺئي صرف سـنڌ منـدرن تي قبضـن، انهن کي ڊاهڻ يـا ساڙڻ انهن جي بي حرمتي جـا تفصـيل گـڏ ڪجن ته ڳالهه پڌري ٿي پوندي ته اسـان ڪيـڏا نـه ڪميٽـا ماڻهو آهيون.

بابري مسجد کي شهيد ڪنـدڙ هندسـتان اقليتن جي رت هٿ رنگيندڙ انتهـا پسـند هنـدو اهـڙي ئي لعنت ملامت جـا حقـدار آهن، جيـترو هـتي رهنـدڙ اهي ماڻهو جن مندرن کي سـاڙيو آهي هنـدن جي جان، مال عزت تي حملا ڪيا آهن. سـنڌ هنـد رهندڙ ساڃهه وند ڌريون طبقا گڏجي هن باهه کي وســائين. پيهــر محبت، پــائپي، ٻــرادري، ســهپ رواداريءَ واري مــاحول کي پيــدا ڪن. ڇاڪــاڻ تــه جيڪڏهن باهه کي هـتي ئي نـه روڪيـو ويـو تـه پـوءِ پوري ڏکڻ ايشيا مذهبي جنون، نفرت تعصـب جي باهه سڙي رک ٿي ويندي.

اسـان سنڌواسـين کي ٻـه هڪـدم پنهنجـو احتسـاب ڪـرڻ گهرجي، انهن کـان حسـاب وٺڻ گهـرجي، جن

نفرت جي اها باهه پڙڪائي آهي، يا ان کي پڙڪائڻ لاءِ ٻارڻ مهيا ڪيو آهي. انهن سياسي، سماجي، ادبي ۽ ثقافتي تنظيمن جو به پڇاٽو ٿيڻ گهرجي. جن هن نازڪ موقعي تي هڙتال ۽ احتجاج جو سڏ ڏنو، ان ۾ شرڪت ڪئي يا انهيءَ احتجاج دوران هندن جي مندرن، گهرن ۽ ملڪيتن تي حملا ٿيندي ڏٺا، پر انهن کي روڪڻ لاءِ ڪو به ڪردار ادا نه ڪيو آهي. پيپلز پارٽيءَ ڪان وٺي جيئي سنڌ جي مڙني گروپن تائين، سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ ڪان وٺي، ڪامورن، ننڍن ملازمن، هارين ۽ مزدورن جي تنظيمن تائين سڀ ڌريون، انهن جا ليڊر ۽ ڪارڪن هندن تي حملن جا ذميوار آهن. انهن مڙني ماڻهن کي هندن جي سڙيل مندرن ۽ گهرن جي رک سان پنهنجو منهن ڪارو ڪري سڄي دنيا کي ڏيکارڻ گهرجي، ته هن مهذب دور ۾ اسان هيءَ ڪميڻپ ڪئي آهي، پر پوءِ به ان ڪيل ڏوهه جو صحيح نموني ڪفارو ادا ٿي نه سگهندو.

(ڇپيل: روزانو جاڳو ڪراچي، 10 ڊسمبر 1992ع)

¬¬¬

تاريخ جي لاٽ

سوال: تاريخ جي جديد نقطي نظر بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟
جواب: اسان جي ملڪ ۾ تاريخ کي صرف سياسي تبديلين جو نالو ڏنو ويو آهي. ان کي صرف بادشاهن، اميرن ۽ مذهبي رهنمائن جي ڪارنامن، سندن جنگين، قصن ۽ ڪهاڻين تائين محدود رکيو ويو آهي. جڏهن ته تاريخ جو اهو تصور صحيح نه آهي، تاريخ هڪ سائنس آهي، تاريخ ڪنهن قوم جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي اوسر جو نالو آهي.
تاريخ جي مادي نقطر نظر موجب، انسانذات جي سموري تاريخ، طبقاتي ويڙهه جي تاريخ رهي آهي. اها ويڙهه ڦريل ۽ ڦريندڙ، حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ هلندي رهندي رهي آهي. تاريخ جي جديد مادي قانون موجب سماجن ۾ اٿل پٿل يا نظرين ۾ خيالن ۾ اٿل پٿل سڀ مادي پيداوار جي تابع آهي. مادي پيداوار جي ترقيءَ سان ئي نظريا، سماج ۽ انهن جا طور طريقا ۽ قانون بدلبا رهندا آهن. ان ڪري تاريخ اصل ۾ سماجي ٽڪرائن جو لاڳيتو عمل آهي. ان طريقي سان تاريخ کي نه صرف صحيح نموني سمجهي سگهجي ٿو، پر ان جي روشنيءَ ۾ عوامي حقن لاءِ جدوجهد به ڪري سگهجي ٿي. اهو ئي تاريخ جو جديد نظريو آهي، جنهن تحت اسان کي تاريخ لکڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجي.
سوال: سنڌ جي تاريخ تي هن وقت تائين جيڪو ڪم ٿيو آهي، ان بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟
جواب: سنڌ جي تاريخ تي اڄا تائين ڪو ڪم ٿيو ئي ڪونهي. سنڌ ۾ هن وقت تائين جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن. جهڙوڪ: چچ نامون، تحفته

الڪرام، تاريخ معصومي، تـاريخ شـاهجهاني وغـيره، اهي تاريخ جي اصل تصور جو پورائو نـه ٿيـون ڪـن. اهي صــرف تــاريخ لکڻ لاءِ مــددي مــواد (Source Material) جو ڪم ڏئي سگهن ٿيـون. ٻيـو تـه اهي تـاريخون سـنڌ کـان ٻـاهر جي ڌارين تـاريخ نويسـن جـون لکيـل آهن. جيڪي سـنڌ جي سـماج، ثقـافت، ماڻهن جي احساسن ۽ جذبن کان اڻ ڄـاڻ هيـا، ٻيـو ته اهي ليکڪ ٻاهرين حملي آورن جـا سـاٿاري هجڻ ڪري صـحيح نمـوني ايمانـداريءَ ۽ سـچائيءَ سـان حقيقتون پيش نه ڪري سگهيا، پـر پنهنجن سياسـي مقصـدن ۽ مـرادن تحت حقيقتن کي ٿـوڙي مـروڙي پيش ڪيو اٿن. ان ڪري، هنن جي لکيل تـاريخ سـنڌ جي عوام جي جـذبن ۽ امنگن جي ترجمـاني نـه ٿي ڪري سگهي. هنن سنڌ جي عـوام ڏانهن لاپـرواهي، دشمني ۽ بي حسي وارو رويو اختيار ڪيو آهي. ٻيــو تـــه انهن تاريخـــدانن جـــون لکيـــل تـــاريخون رڳـــو حڪمــرانن، مــذهبي عــالمن ۽ امــير گهــراڻي جي ڪوڙين سچين ڪارڪردگين ۽ ڪارنامن جو داسـتان آهن. انهن تاريخن ۾ پورهيت عـوام يعـني تـاريخ جي خالق قوتن جو ڪوبه ذڪر ڪونه آهي. انهن تـاريخن مـــان اســـان کي ان دور جي ســـماج، ثقـــافت ۽ معاشيات بابت ڄاڻ ڪانه ٿي ملي.

سـوال: هي تـه توهـان ماضـي جي ڪيـل ڪم بـابت ٻڌايو پـر موجـوده دور ۾ جيڪـو سـنڌ جي تـاريخ تي ڪم ٿيو آهي، ان بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: ادا، موجوده دور ۾ اجان سنڌ جي تاريخ لکڻ جو ڪم شروع ڪونـه ٿيـو آهي، پـر اجـان هـاڻ مس سـنڌ جي تـاريخ جي ٽڙيـل پکڙيـل ۽ تهن هيٺ آيـل مواد کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويو آهي. ڇو جو جيئن تـه سـنڌ تي مختلـف دورن ۾ ڌارين حملا ڪـري، هتـان جي تاريخي تسلسل کي تباهه ۽ برباد ڪيو آهي. ان ڪــري انهن حملن ۾ ڪــاهن ڪــري سـنڌ ۾ علمي،

ادبي سرمايو تباهه ٿيندو رهيو آهي. جنهن ڪري سنڌ جي تاريخ جون ڪيتريون ڪڙيون گم ٿيل نظر اچن ٿيون. جنهن ڪري سنڌ جي تاريخ جو تسلسل برقرار رهي نه سگهيو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ جي گم ٿيل ڪڙين کي حاصل ڪرڻ ۽ مختلف هنڌن تي ٽڙيل پکڙيل مواد گڏ ڪرڻ جو ڪم شروع ٿيو آهي. اسان جي موجوده دور جي عالمن ۽ محققن جهڙوڪ، حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ايم ايچ پنهور، غلام علي الانا، سراج الحق ۽ ٻين وڏين محنتن ۽ مشقتن سان تاريخ جون مختلف ڪڙيون ۽ سلسلا هٿ ڪري، انهن کي اسان جي آڏو آندو آهي. هاڻ ان مددي مواد جي بنياد تي اسان کي سنڌ جي تاريخ بلڪل سائنسي نقطي نظر تحت تيار ڪرڻي آهي.

سوال: لکيل تاريخ کان سواءِ ٻيا ڪهڙا ذريعا آهن، جن جي مدد سان سنڌ جي اصلي سچي عوامي تاريخ کي سهيڙي سگهجي ٿو؟
جواب: ادا، ان سلسلي ۾ اسان کي جديد دور جي سائنسي ايجادن مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. قديم آثارن تي سائنسي نموني جيڪا تحقيق ٿي رهي آهي ۽ جيڪي نيون نيون حقيقتون ۽ انڪشاف اسان جي آڏو اچي رهيا آهن. انهن جي مدد سان اسان سنڌ جي تاريخ جي نه صرف وڃايل ڪڙين ۽ سلسلن کي هٿ ڪري سگهون ٿا، پر ان سان اسان جي تاريخ جا ڪيترا منجهيل سٽ پڻ سلجهي پوندا. ان سان گڏ قديم آثارن مان مليل مواد جي آڌار تي اسان کي ان دور جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، مذهبي ۽ نظرياتي ويچارن، سندن ڪمن ڪارين بابت مڪمل ڄاڻ ملي سگهي ٿي. جنهن لاءِ درٻاري ليکڪن جون لکيل تاريخون بلڪل خاموش آهن. قديم آثارن کان سواءِ اسان کي پنهنجي لوڪ ادب ۽ قديم شاعري، نيم تاريخي

قصن ۽ ڪهاڻين مان پڻ تاريخ کي سهيڙڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. ڇو جو اسان جي عوام جي تاريخي فتحن، سندن عظيم تخليقن، جدوجهدن ۽ ڪارنامن، جن کي درٻاري ليکڪن نظرانداز ڪيو آهي، اهو سڄو مواد اسان جي پٽن ۽ پانن، چارڻن ۽ قصي ڪٿندڙن جي نسل کان نسل تائين اسان ڏانهن منتقل ٿيندو آيو آهي. ان کي سوڌي سموهي، ان رستي پڻ اسان پنهنجي تاريخ کي مڪمل ۽ مستند بنائي سگهون ٿا.

سوال: اوهان جي خيال ۾ سنڌ جي تاريخ جوڙڻ وقت ڪهڙيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن؟

جواب: اسان کي سنڌ جي تاريخ نئين سر جديد مادي نقطي نظر تحت لکڻي پوندي ته جيئن اها تاريخ عوام منجهه جدوجهد ڪرڻ ۽ پنهنجون حالتون سڌارڻ جو شعور پيدا ڪري سگهي. عوام پنهنجي حقن ۽ فرضن کان واقف ٿئي ۽ ماضي منجهه ساڻس جيڪي ظلم ۽ ستم ڪيا ويا آهن، انهن جي خاتمي لاءِ رٿابندي ڪرڻ جو اهل ثابت ٿئي.

اسان کي سنڌ جي جديد تاريخ لکڻ وقت فرضي قصن ۽ ڪهاڻين کي رد ڪري سائنسي سوچ کي اپنائڻو پوندو. تحقيق ڪرڻ وقت هر هڪ واقعي جي سائنسي مادي بنيادن تي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻي پوندي. هر هڪ دور جي حالتن جي تجزيو نهايت ايمانداري سان ڪرڻو پوندي. هر قسم جي سماجي اٿل پٿل جي سببن کي پيش ڪرڻو پوندو. تاريخ کي قصي يا ڳالهه يا اخبار جي خبر بنائڻ بدران ان کي سائنسي ۽ عقلي دليلن جي روشنيءَ ۾ پيش ڪرڻو پوندو. هر هڪ تاريخي واقعي جي پس منظر ۾ لڪل سياسي، معاشي ۽ سماجي سببن جو مطالعو ڪرڻو پوندو. اسان کي سنڌ جي تاريخ لکڻ وقت هر قسم جي مذهبي ڪٽرپڻي، فرقي پرستي ۽ قومي تعصب کان

پاسو ڪرڻو پوندو. جيئن اسان جو عوام تاريخ منجهان صحيح رهنمائي حاصل ڪري سگهي ۾ ان مان پرايل نتيجن جي روشني ۾ جدوجهد ڪري سگهي.

سوال: تاريخ جي حوالي سان اوهان ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟
جواب: مان 9 سالن کان سنڌ جي تاريخ تي مادي نقطي نظر سان ڪم ڪري رهيو آهيان مان سنڌ جي تاريخ کي 10 جلدن ۾ ورهايو آهي. هر هڪ جلد هڪ جدا دور جي نمائندگي ڪري ٿو. مان هر دور جي مڪمل تجزئي ڪرڻ لاءِ هر جلد يعني هر دور کي 10 حصن ۾ ورهايو آهي. ان ۾ هر دور جي سنڌ جي سرحدي جاگرافي، سياسي صورتحال، معاشي صورتحال، سماجي حالتون، علم، ادب، ثقافت، ٻاهرين ملڪن سان تعلقات، مذهب ۾ نظريا، ان دور جا مشهور شهر، مشهور ماڻهو ۾ آخر ۾ دور جو مڪمل جائزو ڏنو ويو آهي. مان انهن 10 جلدن مان پهرين جلد مڪمل ڪيو اٿم. جنهن ۾ 1 لک سال اڳ کان موهن جي دڙي جي زوال تائين جي دور تي لکيو اٿم. هن جلد ۾ سنڌ ۾ انساني نسل جي ارتقا، تهذيب جي ارتقا، سنڌ ۾ شروعاتي راڄوٽي نظام (ابتدائي ڪميونزم) بعد ۾ غلامي واري نظام تي بحث ڪيو اٿم. مان نه صرف ماضيءَ جي تاريخ تي ڪم ڪري رهيو آهيان، پر موجوده دور ۾ ٿيندڙ سياسي ۾ سماجي اٿل پٿل تي پڻ لکي رهيو آهيان. مان هن وقت تائين سنڌ جي موجوده صورتحال تي 8 ڪن ڪتاب لکي چڪو آهيان. ان کان سواءِ هاري اڳواڻ قاضي فيض محمد جي سوانح حيات کان سواءِ ڪيترائي تحقيقي مقالا ۾ مضمون پڻ لکي چڪو آهيان. مون کي اميد آهي ته مان سنڌ جي تاريخ 20 سالن اندر لکي پوري ڪندس.

سوال: اسان جا نوجوان تاريخ ڏانهن گهٽ ڌيان ڏين ٿا، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: ان جو اصل سبب اهو آهي، جو اسان جي نوجوانن کي شروع کان وٺي تاريخ جي مضمون طور جيڪي ڪجهه پڙهايو وڃي ٿو، سو سندن ماحول ۾ معاشري جي نمائندگي نه ٿو ڪري. سڄو مواد هنن لاءِ اوپرو ۾ اجنبي آهي. هو ان نصابي تاريخ ۾ ڪنهن به طرف پنهنجائپ محسوس نه ٿا ڪن. جنهن ڪري هو انهيءَ کي ذهني طور قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. ٻيو ته تاريخ پنهنجي جاءِ تي ڳوڙهو ۾ محنت طلب موضوع آهي. ان تي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ ته ڪافي وقت لڳي ٿو، ٻيو ته مواد سولائي سان دستياب نه آهي. لئبررين جو نه هجڻ ۾ تحقيق ڪرڻ لاءِ مالي وسيلن جي کوٽ ڪري اسان جا نوجوان ان ڏانهن گهٽ ڌيان ڏين ٿا. نوجوانن منجهه تاريخ تي ڪم ڪرڻ جو شوق پئدا ڪرڻ لاءِ کين اهڙو ماحول ميسر ڪري ڏنو وڃي. هر هنڌ لائبرريون ۾ تحقيقي مرڪز کوليا وڃن. پرائمري کان پوسٽ گريجوئيٽ ۾ ڊاڪٽريٽ تائين سنڌ جي تاريخ هڪ جدا مضمون طور پڙهائي وڃي. سرڪاري سطح تي ڪم ڪندڙ ادبي ۾ ثقافتي ادارن ۾ يونيورسٽين ۾ تاريخ تي ڪل وقتي ڪم ڪندڙ ڪارڪن مقرر ڪيا وڃن. جيڪي نوجوان پنهنجي منهن تاريخ تي ڪم ڪري رهيا آهن، انهن جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ کين وظيفا ڏنا وڃن. سندن تحقيقي مواد شايع ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. اعلى قسم جي تحقيقي مقالن تي ڊگريون ڏنيون وڃن ته پوءِ منهنجي خيال ۾ نوجوانن منجهه پنهنجي تاريخ تي ڪم ڪرڻ جو جذبو پئدا ٿيندو.

سوال: هن وقت اوهان ڇا لکي رهيا آهيو؟

جـواب: مـان هن وقت 1983ع ۽ 1986ع ۾ هلايـل جمهوري جدوجهد تي ڪم ڪري رهيو آهيان. ان ڪان سـواءِ 1986ع ۾ سـنڌ جي ڳـوٺن تي جيڪـو فـوجي آپريشـن ٿيـو، ان ڪي منظـر عـام تي آڻڻ ۽ ان جي ظاهري ۽ لڪل سماجي، معاشي ۽ سياسـي سـببن تي هڪ تحقيقي مقالو پڻ لکي رهيو آهي.

(ريڊيو پاڪستان ڪراچي طرفان رڪ سنڌي ڪان ورتل اهو انٽرويو جيڪـو ريڊيو جي پاليسيءَ سبب نشر نه ٿي سگهيو)

(چپيل، روزانو جاڳو ڪراچي، 4 ڊسمبر 1993ع)

¬¬¬

فقير محمد لاشاري: هڪ آدرشي انسان

سنڌي صحافت ۾ نوان ۽ تـرقي پسـند لاڙا متعـارف ڪرائينـدڙ ۽ سـنڌ جي صـحافت جي مـٿي جي مـوڙ محترم فقير محمد لاشاريءَ ڪي مرحوم لکندي ذهن پنواٽيون ڪائي رهيو آهي ۽ دل ڪنهن اٿاهه سـمنڊ ۾ ٻڏندي محسوس ٿئي ٿي. ان ڪري مان فقير محمـد لاشاريءَ ڪي مرحوم لکڻ بدران ”سدا حيات“ چوان ٿو. اسان ڪي خواب خيال ۾ به ڪـو نـه هيـو تـه هيءُ محبتن ۾ پنهنجـائپ جـون جهوليـون پـري ورهائينـدڙ شخص اسان ڪان ائين اوچتو مـوڪلاڻي ڪـري هليـو ويندو.
اجا ڪالهوڪي ته ڳالهـه هـئي، هن سـنڌي صـحافت جي ميدان ۾ قـدم رکيـا، پنهنجي لاءِ الـڳ ۽ مانـائتي جاءِ پيدا ڪيائين. سنڌي ماڻهن ڪي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف مهـاڏو اٽڪـائڻ جي شـعوري واٽ ڏسـيائين، صـدين ڪان پيڙهيل ماڻهن ڪي پنهنجي سـگهه جـو احسـاس

ڏيارپائين. پر جڏهن سندس خواب تعبير جي ويجهو اچڻ لڳا ته هن ڏکئي سفر اسان کان بنا موڪلائي هليو ويو.
هن آدرشي انسان سان منهنجي پهرين سڃاڻپ سندس لکڻين ذريعي ٿي. ”هلال پاڪستان“ جي هفتيوار ادبي ميگزين سندس سنڌ جي سياست، ادب، ثقافت بابت چپجندڙ مضمون تجزيا سندس ڌيهان ڏيهه سڃاڻپ انفراديت جو سبب بڻيا. پر جڏهن وري ”عوامي آواز“ کيس چيف ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو ته هن جي شعوري سگهه، سياسي تجزئي نگاري تنقيد جي ميدان سنڌ جي نوجوان نسل جي سونهين جو ڪردار ادا ڪيو. پر عوامي آواز به سندس اُڄ اجهائي نه سگهي. هن ارڏي مڙس دستوري ضابطن پابندين کي پنهنجي ذات لاءِ هاڃيڪار سمجهندي، نيٺ اچي ”جاڳو“ جي تخليق ڪئي.
اهو لاشاري صاحب ئي هو، جنهن مون جهڙي اڻ ڄاڻ صحافت جي ”ص“ کان به اڻ واقف ماڻهوءَ کي هن دنيا پير پائڻ جو شرف بخشيو. جيئن ئي پاڻ عوامي آواز چيف ايڊيٽر جي جاءِ سنڀاليائون ته مان به پهرين ئي ڏينهن سندس رهبريءَ هيٺ عوامي آواز اچي سندن سٿ شامل ٿيس. پوءِ هن نماڻي، شرميلي انتهائي حساس انسان جي اڳواٽيءَ پاڻ کي ناهڻ، سماج کي سمجهڻ ماڻهن کي پرکڻ جو موقعو مليو. فقير محمد لاشاري، جيڪو وڏي دل گردي وارو انسان هيو، تنهن مون سميت اخبار جي مڙني ڪارڪنن کي سڳن پائرن کان به وڌيڪ قرب ڏنو. سندس پنهنجن جونيئر ساٿين سان هميشه وڏي پاءُ وارو ورتاءُ رهيو. جيتوڻيڪ پاڻ هيڏي اعلى پائي جو مفڪر،

دانشور اديب هيو، پر ڪڏهن بـه ان جـو ڏيڪـاءُ نـه ڏنائين. سدائين پنهنجي سماجهي روئي سـان قـافلي جي سرواڻي جو ڪردار ادا ڪندو رهيو. سـندس ئي سـرواڻيءَ هيٺ ڪيـترائي ننـڍا نيڻـا نوجـوان ادب صـحافت جي دنيــا پنهنجي جــاءِ والارڻ لڳــا. اڄ سنڌي صحافت جي دنيـا جيڪـا نوجـوان صـحافين جي کيپ نظر اچي ٿي، اُن کي ان منزل تي رسـائڻ پين سميت لاشاريءَ جو به وڏو هٿ هيو.

جڏهن پاڻ ”جاڳو“ جي تخليق ڪيائين ته ان کي ماءُ ٻڄي ننــڍڙي ٻــار وانگــر تاتينــدو نپائينــدو رهيــو. سندس اهو تخليق ڪيـل ٻـار اڃـا الهـڙ جـوانيءَ کي مس رسيو ته پاڻ کيس ڇورو ڇنو ڪري ويو. ڪنهن کي به خبر ڪا نه هئي تـه لاشـاريءَ جهـڙو شـهزادو مڙس ههڙي ڦوهه جـوانيءَ جـاڳو سـميت پنهنجن ننـڍڙن ٻچن پنهنجي سـٿ جي سـاٿين کي اوچتـو هينئن ڇڏي هليو ويندو.

چنچر جـو ڏهـاڙو هـو، مـان آزاد ڪشـمير جي دوري تـان واپس ٿي جـاڳو پهتس. دوسـتن ٻـڌايو تـه پـاڻ خميس ڏينهن اوچتو لانگ مارچ جي خبرن هٿ ڪرڻ لاءِ اسلام آباد ويو آهي. مـون کي سـندن ان اوچـتي روانگيءَ تي ڏاڍي حيرت ٿي. ڇو جو جڏهن بـه مـان موڪل تي ويندو آهيان ته پاڻ گهڻو ڪـري آفيس نـه ڇڏيندا آهن. هڪ ڏينهن اڳ ئي مان مظفر آبـاد مـان ساڻن فون تي ڳالهـه ٻولهـه ڪـئي هـئي. هن اهـڙي ڪنهن به پروگرام جو ذڪر نه ڪيو هو. اٿلنـدو مـون کي چيو هئائون ته اوهـان پلي آرام سـڪون سـان موٽجو. هتي اهڙي تڪڙ ڪانهي. پاڻ ان وقت اهو به چيو هئائون ته اتان جـا رسـتا ڏنگـا ڦـڏا اتـو، پنهنجـو

خيال رکجو. پر کھڙي خبر ته اهي ڏنگا ڦڏا رستا اسان جو هي دلبر ساٿي اسان کان کسي وٺندا. آچر جي رات جو دير تائين مان سندس فون جو انتظار ڪندو رهيس. چاڪاڻ ته پاڻ پاڪستان جي کھڙي به ڪنڊ هوندا هئا، وس ڪري اخبار اسان سان ضرور رابطو ڪندا هئا. ان ڏينهن اخبار لاءِ ”ليڊ“ جي خبر ته ملي چڪي هئي پر ”سپر ليڊ“ جهڙي خبر نه هئي. مان دوستن کي ٻڌايو ته اڄ سپر ليڊ کان سواءِ ئي اخبار ڪڍون ٿا. اسان کي کھڙي خبر ته ان ڏينهن لاشاريءَ جو لاڏاڻو خبر بڻجي اسان مٿان وڄ جيان ڪڙڪندو پوءِ ٿيو به ائين. فون جي گهنٽي وڳي، اسان جي اخبار جو جنرل مينيجر اشوڪ ڪمار مون وٽ پيسٽنگ روم پڄندو آيو. ”يار! رڪ، غصب ٿي ويو.“ هو اهي لفظ چئي سُن ٿي ويو. مان سندس گهبرايل چهري کي تڪيندو رهيس پوءِ جڏهن ٿوري ساهيءَ کان پوءِ هن اها منحوس خبر ٻڌائي ته وڻ وڄي ويا. سڄي ماحول تي سڪتو طاري ٿي ويو. اسان کي ”سپر ليڊ“ ته ملي وئي، پر اخبار ان جو سٺ چورو چنو ٿي ويو. سنڌ جي صحافت بيوهه بڻجي وئي. چاڪاڻ ته ان جو شهزادو گهوٽ ان کي وچوڙو ڏئي چڪو هيو.

(چپيل، روزانو جاڳو ڪراچي، جولاءِ 1993ع)

¬¬¬

آمي ۽ ڦاپيءَ جو شڪار

هڪ طرف گوليون ڇوڙيندڙن ۽ ٺڪاءَ ڪڍنــدڙن جي ڪڍ 13 درجن ايجنسيون لڳايون ويون آهن، تـه ٻـئي طرف بندوقن سان جيئرن جاڳندن سـاهه وارن جــو شڪار ڪندڙن لاءِ دهـل وڄـائي، روشـنيون سـجائي شـادمانا ڪيـا پيـا وڃن، ڇاڪـاڻ تـه ٻنهي هنـڌن تي شــڪار ڪنــدڙن جي شــڪلين ۾ فــرق آهي ۾ هــا! شڪار ٿيندڙن ۾ به ڪا پيٽ ڪري نه ٿي سگهجي.

مـان هي ڪـا لـوڪ ڪهـاڻي اوهـان کي ڪونـه پيـو ٻڌايان. نه وري پرين ۽ ديون جي ديس جي ڪا ڪٿـا بيان ڪرڻ ئي منهنجو مقصد آهي. پر اصل ۾ اســان جي سنڌ هڪ اهڙو عجوبو بڻجي چڪي آهي، جــو ان جي هر سچي ڪهاڻي به پراسرار ۽ جاسوسي نـاول جو اعتبار نه ڪرڻ جهڙو باب بڻجي وئي آهي.

ڪجهـه سـال اڳ جي ڳالهـه آهي، ٺـتي پرسـان هڪ تاريخي ڍنڍ ڪنـاري اسـان جي عـرب اچـا بـه شـيخ پـائرن آمي ۽ ڦـاپي جـو شـڪار ڪيـو هـو. ڍنـڍ جي ڪناري ڪوڙيل خيمن ۾ سنڌ جي عزت تار تار ڪـــئي وئي هئي. اسان مهمانن جي عمل تي خاموش رهيـا هئاسين، جو هو پلي پار جا هئا. هوندئن بـه اسـان کي ڪهـڙي مجـال آهي جــو وتئـون ملڪ جـا سـفارتي تعلقات خراب ڪندا. ملڪ ته وڏيـون قربـانيون ڏئي، اعتبــار نــه ڪــرڻ جهڙيــون مهمــان نوازيــون ڪــري پنهنجن سفارتي ناتن کي مضبوط ڪندا آهن. هي به ڪو مسـئلو هـو جـو اسـان هرويـرو پـري دنيـا ۾ ٻن نياڻين سـان ٿيـل نـاحق تي پنهنجي ملڪ کي اڪيلـو ڪري ڇڏيون. پلا اسان کي لبيـا جـو ڪرنـل قـذافي ٿيڻ جو شوق ته ڪــونهي. جنهن پنهنجن ٻن شــهرين کي برطانيه يا آمريڪا جي حوالي ڪرڻ کـان انڪـار ڪري پنهنجي لاءِ مصيبتون ڳنهي ورتيون آهن.

آميءَ ڦاپيءَ جو شڪار ڪندڙ هر سال سياري جي مند منهنجي وطن ايندا آهن. اسان جا حڪمران توڙي سياستدان تر جا وڏير انهن جو اهڙو ته آڌرياءُ ڪندا آهن، جو اسان جي محبت سڪ هر سال ڪين هيڏي اچڻ تي هرڪائيندي رهندي آهي. هاڻ به سيارو شروع ٿي چڪو آهي. اتر جو واءُ گهلڻ لڳو آهي. ان ڪري ئي ”اتر لڳا آءُ پرين“ وارو معاملو شروع ٿيڻ وارو آهي.

ٿر ايندڙ مهمانن جي استقبال جون تياريون شروع ٿي چڪيون آهن. واري جي پٽن کي روشن ڪرڻ لاءِ جيپون ڊوڙن پيون جنريٽرن تيل پريو پيو وڃي. ٿر واري پاڪ – هند سرحد هوئڻ ته سرحدي محافظن جي لوهي ڪڙن جڪڙيل هوندي آهي. درجن ميل پري به ڪنهن ڏرتي ڇائي ڪي ڏسندي ڪاٿ وڃهڻ ڪي ايماني جذبي سان پيٺ ڏني ويندي آهي. اصل حساس سرحدن تي نر پڪي هڪليو ويندو آهي. پر سائين ايندڙ مهمان ايترا ته ڀاڳ وارا هوندا آهن سندن پيرن جي دز به اهڙي تي معتبر ليکي ويندي آهي، جو ان جي اُڏڻ سان ئي اسان جا ٻئي جهان روشن ٿي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو سرحد جي ويجهو نه صرف ڪيما کوڙيا پيا وڃن، پر مهمانن لاءِ غاليچا وڇائڻ، بسترا لڳائڻ جو ڪم اسان جا سرحدي محافظ ڪل خوشيءَ سان سرانجام ڏئي رهيا آهن. چاڪاڻ ته قطر، ابوظهبي ٻين عرب ملڪن جي شهزادن کي ٿر جون پٽون، نٽي جو ڊنڊون سياري جي مند مقاطعي تي مليل هونديون آهن.

مارئي جي ملڪ جا مسڪين ماڻهو جيڪي ڏيئي جي روشنيءَ لاءِ به سڪندا آهن. انهن جا اهڙا ته ڀاڳ ڀلارا ٿي ويندا آهن، جو بر بازارون لڳي ويندبون آهن، رات جي اونداهيءَ کي جنريٽرن رستي اهڙا ته چار چنڊ لڳي ويندا آهن جو واريءَ جو ذرو ذرو به

مُرڪي پوندو آهي. اسان ماڻهو پري پري کان کهي اچي اهي شادمانا ڪندا آهيون، چاڪاڻ ته پاڻ روايتي طور ڏاڍا مهمان نواز آهيون. وڏن جي ريتن □ رسمن کي هروڀرو لڄائڻو ته ڪونهي. پر هروڀرو ٻاهران آيل مهمان ايڏا ڪنجوس به نه هوندا آهن، جو اسان کي پنهنجن محبتن جي جوڳي موٽ نه ڏئي سگهن. جيڪڏهن گهر وينئي ئي ترن جو تيل ترن مان ئي نڪري پئي ته هروڀرو نار جي رياستن ڏانهن سفر ڪرڻ □ ڪشالا ڪڍڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.

پوءِ اسان ماڻهو سرحدي قانونن، جهنگلي جيوت جي اصولن، عدالتن جي حڪمن کي اورانگهيندي ڪارونجهر جي مور، تلور، تتر، هرڻ، سهن □ روجهه کي هڪليندا آهيون. هڪ هنڌ ڪٺي ڪندا آهيون. واريءَ جي پٽن □ ٻوڙندا آهيون. سهڪي پوڻ کان پوءِ وري ٺٺي جي ڏنڊن تي سائبيريا کان آيل مهمان پکين جو ساهه مٺ □ ڪرڻ لاءِ ڄار وجهندا آهيون، ڪوڙڪيون اڏيندا آهيون. جيئن اسان جي مهمانن کي ڪا مايوسي نه ٿئي، سندن دل □ ڪو رنج نه پيدا ٿي پئي، سندن منهن تي گهنج نه اچي. چاڪاڻ ته اسان ماڻهو ٻلي پار مان آيلن جو رنج برداشت نه ٿا ڪري سگهون. آخرڪار پنهنجي آخرت کي به موچارو ڪرڻو آهي.

□ پوءِ نڪاءَ ٿيندا آهن، اڏامندڙ پکي گهائجي زمين تي ڪرندا آهن، مور رڙي ڪارونجهر کي ڏاري وجهندو آهي. آڙين □ تلور جي خون سان ڪينجهر لال ٿي ويندي آهي. منهنجي ديس جي ساهوارن سميت آمي □ ڦاپي جو به شڪار ٿي ويندو آهي □ سنڌ جا حڪمران مُرڪي پوندا آهن!

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 14 نومبر 1995)

¬¬¬

مير مرتضیٰ جو قتل ۾ نئين سر سياسي صفبنديءَ جو سوال

مير مرتضیٰ جي شهادت سان پياري پاڪستان ۾ ٿيل سياسي قتلن ۾ هڪ وڏيڪ قتل جو اضافو ٿي ويو آهي. هيل تائين جيڪي سياستدان قتل ٿيا آهن يا قتل ڪرايا ويا آهن، انهن پٺيان موجود هٿن کي اڄ تائين پڌرو نه ڪيو ويو آهي. عدالتي ڪميشنون ۾ ٽربيونل به جڙيا، وڏيون وڏيون رپورٽون به تيار ٿيون، پر ڪن مصلحتن خاطر انهن کي منظرعام تي نه آندو ويو. جنهن ڪري اهڙن سفاڪانه ڪارروايون ۾ ملوث ماڻهو ۾ ان قسم جون سازشون سٽيندڙ پردي پويان ئي رهجي ويا. انهن کي پنهنجون سڀ منافقيون، مڪاريون، چالاڪيون ۾ چالبازيون ڦٻي ويون. ان سان هھڙا سانحا ڪندڙ ماڻهن جي نه صرف حوصلي افزائي ٿي، پر ٻين کي به ان واٽ تي هلڻ ۾ جوڪم نظر نه آيو. اهو ئي سبب آهي جو وزيراعظم بينظير جي دور اقتدار ۾ سندس جگري ياءُ کي انتهائي بيدرديءَ سان ڪٽو ويو. هڪ نئين اڀرندڙ سياسي قيادت کي بندوق جي زور تي ختم ڪيو ويو. مير مرتضیٰ سميت ان جي پارٽي پ پ

(ش پ) جي سنڌ جي سموري قيادت کي هڪ ئي هنڌ موت جي منهن □ ڏنو ويو.
سنڌ □ جڏهن فوجي آپريشن شروع ٿيو هو، ان وقت ئي ساڃهه وند ماڻهن ان قسم جا انديشا ظاهر ڪيا هئا ته ان آپريشن جي بهاني سان هتان جي باشعور سياسي قوت کي مڪمل نيست □ نابود ڪيو ويندو. اهي انديشا آهستي آهستي حقيقت جو روپ اختيار ڪرڻ لڳا. يوسف جکراڻي جي شهادت کان پوءِ عبدالواحد آريسر، ڊاڪٽر دودي مهيري □ ٻين سياسي اڳواڻن کي منظر عام تان هٽائڻ جي لاءِ تاجي پيٽو تيار ڪيو ويو. پر سنڌ □ زوردار احتجاج ٿيڻ □ خاص ڪري ٽنڊو ٻهاول واري معاملي تي سخت دٻاءُ پيدا ٿيڻ کان پوءِ اڻ ڳڻيون آفتون ٽري ويون. هتان جي عوام روڊن □ رستن تي نڪري باشعور قوتن خلاف ڪم ڪندڙ ڌرين کي ڏيڇاري □ هيسائي ڇڏيو. سنڌ جي لڳاتار احتجاج دشمن قوتن کي وڏيڪ وار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. پر هتان جي اپرندڙ سياسي شعور کي ختم ڪرڻ لاءِ جوڙيل سازشون پنهنجي انت تي نه پهتيون. سازشي قوتون ان ڳالهه کان ڊنل هيون ته جيڪڏهن هتان جي نوجوان قيادت، ان ئي حوصلي، بهادريءَ □ بيباڪيءَ سان پنهنجي جدوجهد جاري رکي ته سندن مفاد وڏيڪ عرصي لاءِ سلامت رهي نه ٿا سگهن. هتان جي عوام کي ڏيڇاري، ڌمڪائي □ هيسائي پنهنجن سياسي، اقتصادي □ ثقافتي حقن تان هٿ ڪڻائي نه ٿو سگهجي. ان ئي سلسلي هيٺ نه صرف فوجي آپريشن دوران پر ان کان پوءِ به وزيراعظم بينظير ڀٽو جي حڪومت □ انهيءَ سازشن کي عملي جامو پهرائڻ جي لاءِ ڪوشش کي جاري رکيو ويو. ان سڄي عمل کي ايترو ته رازداريءَ سان جاري رکيو ويو جو خود حڪومت جا اهم ڪل پرزا به ان کان بي خبر رهيا. خود وزيراعظم بينظير

پٽـو بـه ان سـچي سـازش جي تـاڃي پيـٽي کـان اڻ واقف رهي. سازشن جا چار اسـلام آبـاد ۽ لاهـور ۾ اُڻيا ويا، پـر انهن تي عمـل لاءِ حيـدرآباد ۽ کـراچيءَ سميت سنڌ جا ڳوٺ ۽ واهڻ چونڊيا ويا.

سنڌ کي ان کـري سـزا ڏيڻ ضـروري هـئي تـه هـو مسلسل حاکم قوتن سان مهاڏو اٽڪايو بيٺي هـئي. مرتضى کان قادر مگسيءَ تائين، عبدالواحـد آريسـر کـان رسـول بخش پليجي تـائين سـنڌ جي سـموري قيــادت ان لاءِ زور وجهي رهي هــئي ۽ حڪمــرانن مٿان دٻاءُ وجهي رهي هئي ته سنڌ جـا پنجـاب سـان ليکا چوکا صـاف ڪيـا وڃن. ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت نه ٿيڻ گهرجي. سنڌ کي پنهنجي حصي پٽاندڙ پـاڻيءَ جــو حــق ملڻ گهــرجي. نــاڻي جي ورڇ اصــولي ۽ انصاف پريل بنيادن تي ٿيڻ گهرجي. آدمشماريءَ جا نتيجـا قبـول ڪيـا وڃن. سـنڌ جي معـدني دولت تي سنڌين جو حق تسليم ڪيو وڃي. اهـو ئي دٻـاءُ هيـو جـو سـنڌ حڪـومت انهن معـاملن تي پهريـون پـيرو ڪجهه وزندار ۽ چٽو موقف اختيار ڪيو. خـود وفـاق ۾ پ پ حڪـومت ۽ وزيـراعظم بينظـير پٽـو، ايـوان صدر سميت پنجـاب جي دٻـاءَ بـاوجود انهن معـاملن تي سـندن مرضـيءَ مـوجب فيصـلا نـه ڪيـا. مسـئلا التوى جو شڪار ٿيندا رهيـا. دشـمنن جي دلين ۾ اڻ ڄاتل خوف، ڏهڪـاءُ جي شـڪل اختيـار ڪـرڻ لڳـو. وڏي صوبي تي ٻڌل اسٽيبلشمينٽ جي خواهش هئي ته اهي سڀ تڪـراري معـاملا پ پ حڪـومت کـان حل ڪرايا وڃن، جيئن هڪ طرف سنڌ جي سياسـي قــوتن ۾ تڪــراءُ پيــدا ٿــئي تــه ٻــئي طــرف خــود وزيـراعظم جي سـنڌ ۾ سياسـي سـاک داءَ تي لڳي وڃي. پر سنڌ جي اڀرندڙ شعور، سياسي قيادت جي ڏاهپ ۽ ٻي ڌپائي دشـمنن جي مـڙني سازشـن کي اسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ نـه ڏنـو. جنهن بعـد هـتي ننگي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ ذريعي فيصلا مڃائڻ ۽ اڀرنــدڙ آواز کي

خاموش ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي. جنهن جو
پهريون شڪار شهيد مير مرتضى ۽ سندس ساٿي
ٻڌايا ويا. مير مرتضى جي قتل پٺيان، جتي ٻيا سبب
موجود آهن. اتي وڏو سبب سندس سنڌ ۽ وڏندڙ
مقبوليت ۽ هتان جي معاملن ڏانهن بي ڊپو موقف
اختيار ڪرڻ به هيو. مير مرتضى جيتوڻيڪ هڪ
وفاقي پارٽيءَ جو اڳواڻ هو، پر هن جو سنڌ جي
بنيادي مسئلن ڏانهن انتهائي چٽو ۽ بهادراڻو موقف
هيو. جنهن ۾ ڪا به لچڪ ۽ قيرقار نه هئي. هن
جيڪا ڳالهه لاڙڪاڻي ۾ تي ڪئي، سا لاهور ۽ اسلام
آباد ۾ به ورجائي رهيو هو. سندس اها ئي اصول
پسندي هئي، جنهن کان اسٽيبلشمينٽ خوفزده هئي.
جنهن ڪري ضروري هيو ته ان کي نه صرف
پنهنجي راهه تان هٽايو وڃي، پر خود حڪمران پيپلز
پارٽي سميت هتان جي قومپرستن ۽ ترقي پسندن
کي به اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي وڃي ته
جيڪڏهن اسٽيبلشمينٽ جي فيصلن کي جيئن جو
تيئن تسليم نه ڪيو ويو ته ان ههڙا نتيجا به نڪري
سگهن ٿا. مير مرتضى کي بيدرديءَ سان راهه تان
هٽائڻ خود وزيراعظم تي به اهو دٻاءُ وجهڻ جي
ڪوشش هئي ته هو اسٽيبلشمينٽ جي فيصلن کي
جيئن جو تيئن تسليم ڪري. يعني پنجاب جي
مرضيءَ کان سواءِ سياسي ۽ اقتصادي معاملن جا
فيصلا نه ٿيڻ گهرجن.
فوجي آپريشن کان پوءِ جڏهن سنڌ ۾ رينجرس ۽
پوليس ذريعي نئين آپريشن جو آغاز ڪيو ويو ته ان
جون واڳون اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ ڏنيون ويون،
جيڪي هتان جي عوام جا بلڪل خيرخواهه نه هئا.
هنن جتي ايم ڪيو ايم (الطاف) جي دهشتگردن کي
ختم ڪرڻ جي نالي سڀ اختيار پنهنجي هٿ وس
ڪري ورتا، اتي خود چونديل حڪومت جي اٿارٽيءَ
لاءِ به چئلينج جي شڪل اختيار ڪري ويا. سنڌ بابت

ٽيندڙ فيصلن کان خود سنڌ جا حڪمران بـه بي خـبر رهيـا. سـچو ڪنــٽرول اســلام آبــاد ۾ وينــل هڪ شخصيت جي حوالي ٿي ويو، جيڪو ڪنهن ڏانهن به جوابـده نـه هيـو. سـنڌ پـوليس جـون واڳـون، سـنڌ حڪومت بـدران اڻ ڏنـل هٿن جي ور چـڙهي ويـون. پوءِ دنيا ڏٺو ته پهريان وڏي وزير عبدالله شـاهه جـو ڀاءُ ماريو ويو، بعد ۾ الطاف حسين جي ڀـاءُ ۾ ڀـائٽي کي ڪٺو ويو. ۽ هاڻي وزيراعظم جي ڀاءُ کي گـولين جي منهن ۾ ڏنو ويو. مرندڙن ۾ سنڌي هجن يـا اردو ڳالهائيندڙ پر مجموعي طور سچو نقصـان سـنڌ جـو ئي ٿيـو. نفرتـون هـتي ئي وڌيـون، سـنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ تڪراري صـورتحال هـتي ئي پيـدا ٿي. سنڌ کي صرف ڀائرن ۽ پٽن جا لاش مليا. خبر نـاهي تـه اهـو سلسـلو ڪيسـتائين جـاري رهنـدو ۽ اڳـتي ڪنهن جو وارو اچڻو آهي.

سنڌ ۾ هي جيڪو مانڌاڻ مچـايو ويـو آهي، ان جـون پاڙون اسلام آباد ۽ لاهور ۾ ڪتل آهن. جيڪو به خون وهيو آهي، ان جـا پـيرا بـه اوڏانهن وڃن ٿـا. اهـو ئي سبب آهي جـو مـير مرتضـى ۽ سـندس سـاٿين جي قتل تي پهريون ڀيرو سـنڌ جي مـڙني مـاڻهن ٻـوليءَ جي فرق بنا گڏيل احتجاج ڪيو آهي. جتي لاڙڪاڻو ۽ دادو بند ٿيا، اتي ڪـراچيءَ جا ناظم آباد ۽ لياقت آباد جهڙا علائقا بـه سـوڳ ۾ ورتـل رهيـا. اردو ۽ سـنڌي ڳالهائيندڙ شـهرين لڳاتـار هڪ هفتـو احتجـاج ڪـري سنڌ دشمنن مٿـان واضـح ڪـري ڇـڏيو آهي تـه هـو هاڻي هتي وڌيڪ رت وهڻ نه ڏينـدا. سـنڌ واسـين ۾ ويڇا وڌائڻ وارين سازشـن کي برداشـت نـه ڪنـدا. هتان جي مستقل رهواسين کي هڪ ٻـئي جي خـون جو پياسو بنائڻ وارن مڪارن ۽ منــافقن کي پنهنجي گهر پيڙو ڪندا. اسان سمجهون ٿـا تـه مـير مرتضـى جي قتل ملڪ انـدر نين سياسـي صـفبندين کي جنم ڏنـو آهي. هـاڻي اتحـاد ۽ سياسـي صـفبنديون مٿـان

مليل اشـارن بـدران حقيقتن جي بنيـاد تي ٺينـديون. چاڪاڻ ته مـير مرتضـیٰ جي خـون جيڪي لڪـيرون ڪڍيون آهن، انهن کي ڪو به مٽائي نـه ٿـو سـگهي. هاڻي اهو سوال سنڌ جي سياسي قيـادت تي ڇـڏيل آهي ته هو ڪيئن ٿا نئين صورتحال پنهنجو ڪــردار ادا ڪن. هاڻي نه صرف مير مرتضیٰ جي قتل پٺيــان ملــوث ڳجهن هٿن کي نــروار ڪــرڻ جي ضــرورت آهي، پر نـئين پيـدا ٿيـل صـورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تدبر حوصلي سان ان جو توڙ ڪڍڻ جي ضــرورت آهي. خود حڪمران پيپلز پارٽيءَ کي هن انارڪيءَ ٻڌتر واري صورتحال مان ڪـڍڻ جي ضـرورت آهي. جـيئن هـوءَ ڪنهن سـنڌ دشـمن سياسـي دٻـاءَ جــو شـــڪار ٿيڻ کـــان بچي ســـگهي. چاڪـــاڻ جـــو اسٽيبلشمينٽ هن ٻڌتر انـارڪيءَ واري صـورتحال کي اسـتعمال ڪنـدي نـه صـرف سـنڌ جي بنيـادي معاملن تي هڪ طرفا فيصـلا ڪـرائڻ جي ڪوشـش ڪندي پر خـود جمهـوريت جمهـوري ادارن تي بـه راتاهو هڻڻ جي ڪوشش ڪنـدي. جـيئن هڪ طـرف سنڌ جي سياسـي ڪـردار کي گهٽـايو وڃي تـه ٻـئي طرف مرڪزي قوتن کي وڌيڪ مضبوط ڪري سپ فيصلا مٿان ڪان ڪرايا وڃن. اسان سـمجهون ٿا تـه مــير مرتضــیٰ جــو قتــل جــتي جمهــوري ادارن کي ڪمــزور ڪــرڻ جي ســازش آهي، اتي ملڪ مٿــان مرڪزيت مـڙهڻ جي بـه هڪ ڪوشـش آهي. جـيئن اسٽيبلشمينٽ جا سـپ مفـاد سـلامتيءَ سـان وڏنـدا ويجهندا رهن انهن خلاف ڪو بـه اثرائتـو آواز بلنـد نه ٿي سگهي.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 25 آڪٽوبر 1996ع)

پورين اکين واري ڪشميرڻ جو درد

هي جـــون 1993ع جــا گــرم ڏهــاڙا آهن، ڪــراچي هوائي اڏي جي ٻاهران ساٿين جو انتظار ڪري رهيو آهيان، ته هڪ رڪشه مـان سـنهڙي سـڊول، ڪـارن وارن ۾ ڊگهي ڳچيءَ واري سـونهن ديـوي لهي ٽي ۾ پنهنجي ٿيلهي کي فـرش تي گهلينـدي انـدرئين ملڪ وينــــڊز اڏامن واري ڪــــائونٽر ڏانهن وڌي وڃي ٿي. منهنجون اکيون سندس پيڇو ڪن ٿيون، ان ئي وقت اعلان ٿئي ٿو تـه اسـلام آبـاد وينـڊز مسـافر جهـاز ۾ سوار ٿيڻ لاءِ لائونج ۾ داخل ٿين. آئون پنهنجي سيٽ تي پهچان ٿو ۾ عجيب اتفاق سان دريءَ واري سيٽ تي منهنجي ســـاٿياٽي اهــا ئي اپســرا آهي، آئـــون خاموشيءَ سان سندس پرسان ويهي جهاز جي اڏام جو انتظار ڪري رهيو آهيان ته هوءَ ئي ڳالهـه ٻولهـه جي پهــل ڪـــري ٿي، ”اوهــان پنهنجي ڪنهن عزيــز ڏانهن اسلام آبـاد پيـا وڃـو؟“ آئـون سـندس پنجـابي ڳاڙهي اردو جا لفظ ٻڌندي ئي سندس اکين ۾ نهاريـان ٿو، پوريون ۾ چمڪدار اکيون ۾ منهن تي مرڪ! ”نه آئون ڪشمير ڏسڻ پيـو وڃـان“. منهنجي جـواب تي هن جي لبن تي مــرڪ تــڙي پــوي ٿي. ”آئــون بــه ڪشمير پئي وڃان، ڪشـميرڻ آهيـان.“ هـوءَ ڳالهـه کي اڳــتي وڌائينــدي چــوي ٿي ”ڪــراچي جي هڪ ڪاليج ۾ پڙهندي آهيـان، موڪلـون ٿيڻ ڪـري ڳـوٺ پئي وڃان، مظفر آباد پرسان ڳوٺ آهي“.

پــوءِ اسـان جي ڪچهـريءَ جـو موضـوع ڪشـمير ۾ هلندڙ هلچـل ٿي وڃي ٿي. هـوءَ وڌيڪ ٻـڌائي ٿي تـه ســندس خانــدان والاريــل ڪشــمير جي ڪپواڙهــه علائقي جــو رهواســي هــو. اتي جــڏهن آزاديءَ جي تحريڪ تيز ٿي ته هـو ڪنـٽرول لائين پـار ڪـري آزاد

ڪشمير هليا آيا. هوءَ ٻڌائي ٿي ته ”آئــون □ منهنجي ننـڍي ڀيڻ بـابت بابـا فڪـر منـد هونـدو هـو، عزتـون خطري هيٺ هجڻ ڪري اسان لڏ پلاڻ جـو سـوچيو. ڇاڪاڻ ته قابض فوج ته ڇـا پـر ويڙهـاڪن مـان بـه عزتون محفوظ هجڻ جي ڪا به ضمانت نـه هـئي.“ آئون جڏهن ڪانئس پڇان ٿو ته ”ڇا هتي اچڻ بعد ان جي ضمانت ملي وئي؟“ ته هوءَ چـرڪجي پـئي ٿي، ڪو به جواب ڏيڻ ڪـان اڳ پڇي ٿي تـه، ”ڇـا اوهـان سنڌي آهيو؟“ اهڙي خاطري ملڻ بعد ايتروئي چــوي ٿي ”درد جتي ڪٿي ساڳيو آهي. جبل جي چوٽين تي اڏيل گهرن □ ڇا ٿو ٿئي. خچـرن تي سـوار ٿي اينـدڙ سـپ هڪجهـڙا آهن. خـبر نـاهي تـه آزادي ڪـڏهن نصيب ٿيندي!“ سـندس چمڪيلين اکين □ ڀيهـر اهـو ڇوندي اداسي ڇائنجي وڃي ٿي ته، ”درد جتي ڪٿي ساڳيو آهي.“

ڪالهــه 8 آڪتــوبر تي جــڏهن 12 ســالن ڪــانپوءِ ڪشمير جي ڌرتيءَ پنهنجو درد اوڳاڇڻ شروع ڪيــو ته جبل □ ٽڪر به اهو تاب سهي نـه سـگهيا، زنـدگي ڇڻ تـــه پنـــڌ پهڻ بڻجي وئي. حســـين وادي ڀيهـــر سڏڪن، ڪيهن □ مـاتم □ تبـديل ٿي وئي. سـنڌوءَ □ نيلم درياهه جي ڪناري تي ٽڙيل گـل ڇپيـاٽجي ويـا، سونهن □ سرهاڻ معصوم ٻـارڙن، عـورتن □ مـردن جي ڳريـل لاش مـان نڪرنـدڙ بـوءِ اڳيـان شڪسـت ڪائي ويئي.

ڪشـمير جي اوچن جبلن جي چــوٽين تي وسـنديون ويــران ٿي ويــون □ پــربت جيــڏن پهــاڙن جي پــاڙ □ رانديڪن جيترا گهر □ انهن □ انهن □ رهندڙ مخلــوق پــٿرن □ مـٽيءَ جي ڍيـرن هيٺ دٻجي پنهنجـو وجـود وڃائي ويئي. آئـون ٿي وي تي خوفنـاڪ زلـزلي بعـد آيل تباهي جون تصويرون ڏسندي ان اپسـرا سـميت انهن معصـــوم ٻـــارڙن کي ڳولينـــدو رهيس، جيڪي

مظفر آباد □ چڪوٺي جي وچ □ جبلن □ ڪنپين جيان اڏيل پکن □ حياتيءَ جي جنگ وڙهي رهيا هئا.
ڪشمير ڪو پنجاب جهڙو سڪيو ستابو ديس نه آهي، جتي هر ڳوٺ □ وسنديءَ تائين پهچڻ لاءِ پڪا □ ڪشادا رستا ٺهيل هجن، جهازن □ هيليڪاپٽرن کي لاهڻ لاءِ هوائي اڏا □ هيلي پيڊ هجن. معصوم ڪشميرين جي ديس جي گادي واري شهر مظفر آباد جي هوائي اڏي تي ته سي 130 جهاز به لينڊنگ نه ٿا ڪري سگهن. پوءِ زلزلي □ بچي ويل ان پوڙهي ڪشميريءَ کي امداد ڪيئن پهتي هوندي، جنهن جو سڄو ڪٽنب هڪ پٿريلي ڇپ هيٺ دٻجي ويو هو، هو ڪين بچائڻ لاءِ فقط ٻي وسي وڇان دانهون ڪندي ٿي وي ڪيمرائن جي اک □ محفوظ ٿي ويو.
ڪشمير جي ڳوٺن □ شهرن کي ملائڻ لاءِ ڪاٺ جون موريون ڪالهه آيل زلزلي سبب جهري پيون آهن، پهاڙن مان اڏامي آيل پٿر بچي ويل انسانن تائين پهچ آڏو رڪاوٽ بڻجي ويا آهن. عام حالتن □ به ڪشمير جي ڪنهن وسنديءَ تائين پهچڻ لاءِ پيادل سفر ڪرڻو پوندو آهي. هاڻ ته انهن آبادين کي فقط فضا مان ئي جهاز يا هيليڪاپٽر رستي ڏسي عبرت حاصل ڪري سگهجي ٿي.
اسان جڏهن 12 سال اڳ پيادل وسنديون □ واهڻ گهميا هئاسين ته ڪيترن ئي ڳوٺن □ پيئڻ جي پاڻيءَ جي سهولت موجود نه هئي، پاڻيءَ جون لوهي ڏگهيون پائيپ لائينون فقط ڪن خاص آبادين لاءِ مخصوص هيون. ڪشميري ته ڪنهن پهاڙ مان نڪرندڙ پاڻي جي چشمي تائين پهچڻ لاءِ 4-4 ميل پيادل پنڌ ڪندا هئا. جبلن جون لاهيون □ چاڙهيون چڙهندي □ لهندي ڪشميري عورتن جي جان ايتري

ته سختـ ٿي ويندي هـئي جـو هنن لاءِ آر پـار كـان ايندڙ ڇيهي جون گوليون به بي معنيٰ بڻجي وينـديون هيون. هاڻي ته ڌرتي ڌٻڻ سبب چشما بــه لڏجي ويــا آهن پاڻي جي وهكرن پنهنجـا رسـتا تبـديل كــري ڇڏيا آهن. اهڙين حـالتن پونڇـال فـوت ٿي ويلن مــڙهن كي غســل ڏيڻ لاءِ تــه ســوچي بــه نــه ٿــو سگهجي. پر فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ”بدنصـيبن“ كي پيئڻ لاءِ پاڻي پهچـائڻ واقعي ”كشـمير مسـئلو“ حل كـرڻ جهڙو ڏكيو مامرو بڻجي وڃي ٿو.

جنت جي حور وانگر پاسندڙ كشميرڻ جي ڳلن تان ڳڙنـدڙ ڳوڙهـا 58 سـال گـذرڻ بـاوجود سـكي نـه سگهيا هئا، 1948ع كان 1965ع تائين، 1970ع كان كارگل جي ويڙهه تـائين جيكي ڳوڙهـا وقت ڳاڙايـا هئا، اڄ اهي اكيون ئي پٿرائجي ويــون، ســرحدن جي آرپار كان ايندڙ گولين جو مقابلو كندڙ سينا بهـادر جوانيـون قـدرت جي ”كـرم نـوازي“ اڳيـان سـيس نوائي ويٺيون پورين اكين واري كشميرڻ جي درد جو كـوانت اڃي نه سگهيو.

(ڇپيل، روزاني سوپ كراچي، 14 آكٽوبر 2005ع)

¬¬¬

برسات ۾ پنل ناريءَ جو آمريڪا کي نياپو

آئون ڪراچيءَ جي مصروف ترين رستي ايم اي جناح روڊ تي پنهنجي آفيس ٻاهران بيٺل آهيان. صبح سان ئي تيز برسات جاري آهي. ايڏو ته تيز وسڪارو آهي، جو فقط روڊ جي ٻئي پر وڃڻ محال آهي. ان ئي تيز وسڪاري ۾ هڪ سياسي/ مذهبي جماعت جو جلوس رستي تان گذري ٿو. آئون جلوس طرف متوجهه ٿي وڃان ٿو. مظاهري ۾ هڪ نقاب پهريل ناري ٻين عورتن سان گڏ نعرا هڻندي فوٽ پاٿ تي برسات کان بچڻ لاءِ بيٺل ماڻهن ڏانهن نگاهه ڪٽي ٿي. هوءَ مٿي کان پيرن تائين پاڻيءَ ۾ پڱل آهي، سندس ڪپڙن مان پاڻي ٽمي رهيو آهي. هوءَ اسان ڏانهن ڏسندي زوردار نعرو هڻي ٿي، ”آمريڪا مرده باد...... اسرائيل مرده باد...حزب الله زنده باد“. آئون ساڻس نظرن ۾ نظرون ملائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، پر هن جي اکين مان جوش، جذبي ۾ ڪاوڙ ۾ ”باهه جا شعلا“ نڪري رهيا آهن. مٿان پوندڙ برسات به سندس جوش کي ٿڌو نه ڪري سگهي آهي. ائين پيو محسوس ٿئي، ان ناريءَ سميت ٻيون سڀ عورتون ڄڻ ته آمريڪا ۾ اسرائيل خلاف جنگ جي محاذ تي وينديون هجن. سندن ٿهڪندڙ رت اهو پيغام پيو ڏئي ته هو لبنان

سـميت ٻين ملڪن ۾ جـارحيت ڪنـدڙن ڪي هـر صورت ۾ نيست ۾ نابود ڪري ڇوڙ دم پٽينديون. اهـو ئي جذبو، ان جلوس ۾ شامل مـردن ۾ ننـڍڙن ٻـارن جو هيـو ۾ سـندن طرفـان سـر ڌڙ جي بـازي لڳـائڻ جون اپيلون دنيا کي ڪو نياپو ڏيڻ گهرن پيون.

ڪالهه 30 جولاءِ 2006ع تي لبنان جي شهر قانا تي اسـرائيلي فـوج وحشـياڻي بمبـاري ڪـري 37 ٻـارن سميت 65 شهرين کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي.

لبنان تي قيامت ڪڙڪڻ جو اهو ڪو پهريـون واقعـو ناهي. پـر لبنـان ۾ فلسـطيني پنـاهگيرن جي ڪيمپن صابره ۾ شتيلا تي اسرائيلي آشيرواد سـان 1982ع ذاري ڪيل ڪوس اڄ به دنيـا جي ضـمير تي ڪـاري داغ جيـان موجـود آهي. اسـرائيل ۾ ان جي حـامين ڀاران 58 سال اڳ عرب سميت سڄي مسلم دنيا ۾ جنهن نفـرت جـو ٻج ڇـٽيو ويـو هـو، ان ٻج ڦـوٽهڙو ڪرڻ بعد اڄ پنهنجـو ڦـل ڏيڻ شـروع ڪيـو آهي. وچ اوڀـر جي امن کي ان وقت تيلي ڏني وئي، جـڏهن برطانيـه ۾ ٻين يـورپي ملڪن جي آشـيرواد سـان مذهب جي بنياد تي فلسـطين جي ڌرتيءَ تي قبضـو ڪري اسرائيل نالي يهودي رياست جنم ورتو.

1948ع ۾ شروع ٿيل عرب اسرائيل تڪـرار اڳـتي وڌي، 1967ع ۾ عرب اسرائيل جنگ جـو بنيـاد وڌو. جنهن نـه فقـط فلسـطينن کي پنهنجي ديس مـان ڌڪي دربـدر ٿيڻ تي مجبـور ڪيـو پـر عـرب جي صحرائن ۾ گـولين ۾ بـارود جـو فصـل نسـرڻ لڳـو. ڌرتي ڌڻي پنهنجي ديس تان ناجائز والار ختم ڪرائڻ جي لاءِ پيٽ ۾ پـنيءَ سـان هٿيـار ٻـڌي هڪ انتهـائي جارح رياست جي جديد هٿيارن سـان هٿياربنـد فـوج جو مقابلو ڪرڻ تي لهي آيـا. ننـڍڙا هٿيـار اسـرائيلي ٽينڪن ۾ جنگي جهازن جو مقـابلو تـه نـه پيـا ڪـري سگهن، پر آزاديءَ جي جـذبي ان گـوريلا ويڙهـه کي جنم ڏنو، جنهن اسرائيل ته ڇا پر سندس آقا آمريڪا

 ان جي اتحادين جون نندڍون حرام ڪـري ڇـڏيون.
اهـوئي سـبب هـو جـو آمريڪـا جي مڪمـل حمـايت
سان مارچ 1978ع اسرائيل لبنان تي حملو ڪري
ان تي قبضو ڪري ورتو. جيڪــو 3 مهينن بعـد جــون
ڏاري گــڏيل قــومن جي دٻــاءَ بعــد ختم ڪيــو ويــو.
اسـرائيل ان جـا حـامي لبنـان مـان بي دخليءَ تي
خوش نـه هئـا. هنن فلسـطينين جي تحـريڪ آزاديءَ
ڪي مڪمل ڪنٽرول ڪـرڻ ڪچلڻ لاءِ ضـروري ٿي
سمجهيو ته لبنان سندن مڪمـل قبضـي هيٺ هجي.
جـيئن اتي موجـود فلسـطيني مـزاحمت ڪي ڪچلي
سـگهجي. ان ئي رٿـا هيٺ 1982ع ڌاري اسـرائيلي
فوج فلسـطين جي آزاديءَ واري تحـريڪ پي ايـل او
خلاف ڪارروائي بهاني ٻيهـر لبنـان تي حملـو ڪـري
ڏنو. ان قبضي دوران نه فقـط جـارح قبضـي گـير
فــوج پي ايــل او ڪي نيســت نــابود ڪــرڻ جي لاءِ
ڪـارروائي جـاري رکي، پـر لبنـان پنهنجـا حمـايتي
گــروپ پيــدا ڪــري فلســطيني مهـاجرن ڪي سـيڪت
ڏيڻ لاءِ مٿن بڇي ڇــڏيا. جنهن جي نــتيجي حملي
آور فــوج، مقــامي حــامين ايجنٽن ســان گــڏجي
فلســـطيني مهـــاجرن جي پنـــاهگير ڪيمپن خلاف
ڪارروائي ڪندي ”صـابره“ ”شـتيلا“ تـاريخ جـو
بدترين قتل عام ڪيو.
تـاريخ اهـو ثـابت ڪيـو آهي تـه قبضـي گـير قوتـون
ڪيترين به سگهاريون ڇو نـه هجن، پـر هـو پنهنجي
سـموري طـاقت بـاوجود ڌرتي ڌڻين ڪي گهـٽي ديـر
تائين غلام رکي نه ٿيون سگهن. غلام قومون جـڏهن
آزاديءَ خودمختياريءَ لاءِ اٿي کڙيون ٿينـديون آهن
ته سپ زنجير هڪ ڇرڪ سـان ڇڄي پونـدا آهن. اڄ
اسـرائيل جي ڪنـڌ تي هڪ نيم خودمختيـار رياسـت
فلسطين جهڙي نموني سوار آهي، اهو ثـابت ڪـري
ٿو ته قومـون صـدين ڪـان پـوءِ بـه پنهنجي وراثتن
ورثن تان قبضا ڇڏائي وٺنـديون آهن. وقت جي دز

ڪنهن به قوم جا تاريخي حق لٽجي ۽ دٻجي نه ٿا سگهن. عالمي سطح تي دٻاءَ باوجود اسرائيل توڙي آمريڪا فلسطين جي آزاد رياست جا حامي نه آهن. آمريڪا وچ اوڀر جي معدني دولت خاص ڪري تيل تي پنهنجو قبضو برقرار رکڻ جي لاءِ اسرائيل جي صورت ۾ مقرر ٿيل پنهنجي چوڪيدار کي هر لحاظ کان طاقتور ۽ ناقابل تسخير ڏسڻ چاهي ٿو.

وچ اوڀر ۾ جتي عرب شهنشاهه آمريڪي حاڪميت جا رکوالا آهن، ساڳيءَ طرح اسرائيل وري آمريڪي مفادن خاطر هر خطري کي منهن ڏيڻ جي لاءِ جنگي مورچي وارو درجو رکي ٿو. وچ اوڀر ۾ آمريڪي مفاد تيستائين محفوظ ۽ قائم ۽ دائم رهندا، جيستائين عرب شهنشاهتون پنهنجي سموري جاهه ۽ جلال سان موجود رهنديون ۽ اسرائيل جديد جنگي ٽيڪنالاجيءَ سان هٿياربند هوندو. وچ اوڀر ۾ عراق تي آمريڪي قبضي بعد عرب ملڪن ۾ آمريڪي جارحيت خلاف جيڪا نفرت ۾ ڪاوڙ جنم وٺي رهي آهي، تنهن نه فقط آمريڪا پر ان جي اتحادي ملڪن ۾ خاص ڪري عرب شهنشاهن کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ وچ اوڀر ۾ آمريڪي جارحيت خلاف اسرندڙ تحريڪن ۽ مزاحمتي گروپن کي ڪجهه ملڪن کي ڇڏي باقي عرب ملڪن جي حڪومتن جي حمايت حاصل نه آهي. هلندڙ مهيني جڏهن اسرائيل لبنان تي تازو حملو شروع ڪيو آهي ته ان کان ڪيترائي عرب ملڪ خاص ڪري سعودي عرب، مصر ۽ اردن نه فقط لاتعلق بڻيل آهن، پر هنن اسرائيلي فوج سان مهاڏو اٽڪائيندڙ حزب الله کي قصور وار قرار ڏيندي ان تي تنقيد ڪئي آهي ۽ اڻ سڌي طرح ان کي جنگ جو ذميوار قرار ڏنو آهي. سڀ عرب حڪمران ان ڳالهه کان چڱي طرح آگاهه هوندا ته جڏهن گذريل سال 2005ع ۾ شامي

فـوج لبنـان مـان نكـري وئي هـئي تـه اهـو انديشـو
موجود هيو ته اسـرائيل حـزب اللـه كي بهـانو بڻـائي
لبنان تي ٻيهر قبضو كـري وٺندو. پوءِ دنيا ڏٺو ته اهـو
انديشـو 100 سـيكڙو صـحيح ثـابت ٿيـو. اڄ خليـل
جـــبران جي ڌرتي لبنـــان كي بمن ۽ ٽينكن ذريعي
تاراج كيو پيو وڃي. گوريلا گروپن خلاف كـارروائي
بهاني معصوم عورتن ۽ ٻـارن ٻـڍن كي نشـانو بڻـايو
پيو وڃي. لبنـان جـو انفراسـٽركچر تباهـه كيـو پيـو
وڃي. شهرن كي كنـڊر ۾ تبـديل كـرڻ جـو كـو بـه
موقعو هٿان نه پيو وڃايو وڃي.
اسرائيل كي هن سڄي وحشـياڻي كـارروائي دوران
آمريكـا، برطانيـه ۽ ٻين يـورپي ملكن جي مكمـل
سفارتي، اخلاقي ۽ فوجي حمايت حاصل آهي. لبنان
جي معصوم مـاڻهن جي قتـل عـام تي نـه تـه گـڏيل
قومن جي اداري جا در كڙكن ٿـا، نـه وري سـلامتي
كائونسل كي عـالمي امن ۽ سـلامتي خطـري هيٺ
نظر اچي ٿي. آمريكا طرفان اسرائيلي چڙهائي كي
جائز قرار ڏيندي ان كي جـاري ركڻ لاءِ جديـد هٿيـار
موكليا پيا وڃن. بي هٿيار ۽ كمزور قـوم تي حملي
جو جيكو جواز ٻڌايو پيو وڃي، جيكڏهن ان جو ڇيد
كجي ته عالمي انصاف جي كٽهڙي ۾ مجـرم طـور
آمريكا، اسرائيل ۽ ان جا اتحـادي بيٺـل نظـر اينـدا.
حزب الله كي آخركار هٿيـار كڻڻ جي ضـرورت ڇـو
پيش آئي. فلسطين جي ڌرتيءَ تي ناجائز اسـرائيلي
والار سميت يهودي رياسـت جـا بـاقي عـرب ملكن
جي عوام ڏانهن جارحاڻه رويا ئي حزب اللـه سـميت
ٻين ويڙهاڪ گروپن جي پيدائش جا اصل سبب آهن.
جيكـــڏهن آمريكـــا ۽ ان جـــا اتحـــادي ملك آزاد
فلسـطيني رياسـت جي قيـام كي يقيـني بنـائين،
اسرائيل عرب جا سمورا والاريل علائقا خالي كري
وڃي ۽ پـر وارن ملكن خلاف اڳـرائي وارن ارادن
كـان بـاز اچي تـه پـوءِ كنهن كي بـه جهـادي گـروپ

جوڙڻ جي ضرورت پيش نه ايندي. ڪو به ڳيرو نوجوان هٿ ۾ قلم ۽ ڪاپي کڻڻ بدران ميزائيل، راڪيٽ ۽ ڪلاشنڪوف کڻڻ پسند نه ڪندو. اها هڪ تسليم ٿيل ڳالهه آهي ته امن سيني ڪي پيارو آهي. امن ۽ سلامتيءَ جو ٺيڪيدار فقط آمريڪا ناهي، پر اها سموري انسانذات جي ميراث ۽ ضرورت آهي. رت ۽ باهه جي راند ۾ ڪير به ڪڏي ڪاهي پوڻ جو شوق نه ٿو رکي. پر جيڪڏهن ڪنهن جي گهر تي قبضو ڪري ڪيس بيدخل ڪيو ويندو يا سندس خوشين ڀرئي گهر کي بارود سان ساڙي ڀسم ڪيو ويندو ته هو موت ۽ اوهان کي گل نه آڇيندو. بمن، گولين ۽ سنگينن سان ڪيڙي ٿيل زمين ۾ سرنهن جا گل نه ڦٽندا آهن. ان ڪري آمريڪا ۽ ان جا اتحادي جيڪڏهن واقعي عالمي امن جا خيرخواهه آهن، ته کين سڄي دنيا سان برابريءَ وارو سلوڪ ڪرڻو پوندو. ناانصافين ۽ حق تلفين جو خاتمو آڻڻو پوندو. ناجائز قبضا ختم ڪرڻا پوندا. دنيا جي ملڪن سان متڀيدي سلوڪ جو انت آڻڻو پوندو.

اڄ جڏهن اسرائيل لبنان جي ڌرتيءَ تي فوج ڪشي ڪئي آهي ته ان خلاف سڄي دنيا ۽ خاص ڪري مسلمان ملڪن منجهه ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ واڌ آئي آهي. هيڏي ساري انياءَ، ظلم ۽ زيادتي خلاف انصاف پسند عوام جو ڪاوڙ ۾ غصي ۾ اچڻ فطري عمل آهي. اڄ دنيا اندر لبنان تي حملي خلاف جيڪا احتجاج جي لهر موجود آهي، اها پرامن احتجاج جون سرحدون ٽپي جوابي ردعمل جو روپ اختيار ڪري سگهي ٿي. ان قسم جي ڪنهن به ردعمل کي دهشتگرديءَ ۽ انتهاپسنديءَ جو نالو ڏيڻ آمريڪا لاءِ اڄ ڪالهه فيشن بڻجي ويو آهي. پر ڇا آمريڪا جي ٿنڪ ٽينڪ اهو نه ٿي ڄاڻي ته ناانصافيون هميشه خوفناڪ ردعمل کي جنم ڏينديون آهن.

محرومي ۽ بي وسي مان جنم وٺندڙ نفرت واري باهه کي اجهائڻ لاءِ اڄ سوڌو دنيا ۾ ڪو اوزار ايجاد نه ٿي سگهيو آهي.

آمريڪا جنهن اڄ ”دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ“ جو نعرو هنيو آهي، اصل ۾ هو پاڻ ۽ سندس اتحادي ان قسم جي دهشتگرديءَ ۽ انتهاپسنديءَ جي افزائش جا ذميوار آهن. هر باشعور ماڻهو ڄاڻي ٿو ته جيڪڏهن اڄ به آمريڪا، افغانستان ۽ عراق مان پنهنجون فوجون واپس ڪري، ايران خلاف ڪارروائي واري ايجنڊا جو خاتمو آڻي، عرب ملڪن جي معيشت تان قبضو ختم ڪري ۽ اسرائيل فلسطين جي آزاديءَ کي تسليم ڪري والاريل علائقن مان نڪري وڃي ۽ پر وارن ملڪن جي سرحدن جو احترام ڪري ته دهشتگرديءَ جون ڪارروايون 90 سيڪڙو تائين ختم ٿي سگهن ٿيون. نه فقط باقي دنيا پر آمريڪا، اسرائيل، برطانيه ۽ سندن ٻيا اتحادي ملڪ پنهنجن سرحدن اندر حملن کان ڪافي حد تائين محفوظ رهي سگهن ٿا. جيڪڏهن اڄ به آمريڪا، اسرائيل ۽ سندس اتحادين هر مسئلي جو حل بندوق جي گوليءَ کي سمجهيو ته پوءِ ڪالهه ڪراچيءَ جي رستن تي طرفاني برسات ۾ پنهنجن اکين ۽ زبانن مان باهه جا شعلا اوڳاڇيندڙ نارين جيڪي ڏيئر ۾ پٽ چٽينديون، انهن کي ليلى خالد جي راهه تان ڪير به هٽائي نه سگهندو. غلامي، ذلت ۽ بيوسي خبر ناهي ته وڌيڪ ڪيترن اسامه بن لادنن کي جنم ڏينديي. لنڊن ۽ نيويارڪ سميت اجا ڪيترا خوبصورت شهر نفرتن جي باهه ۾ پسم ٿيندا.

(چپيل، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، 1 آگسٽ 2006ع)

¬¬¬

سريلنڪا □ سياسي سڌارا □ تامل دهشتگردي

سريلنڪا جي صدر چندريڪا ڪمار تنگي گذريل هفتي ملڪ □ 12 سالن کان هلندڙ تامل دهشتگرديءَ جو خاتمو آڻڻ لاءِ جنهن امن پئڪيج جو اعلان ڪيو هو، سو تاملن جي هوڏ □ هٺ ڌرمي سبب ناڪاميءَ طرف وڌي رهيو آهي. چندريڪا ڪمارا ٽنگي گذريل هفتي 3 آگسٽ تي ملڪ □ لساني فساد ختم ڪرڻ □ امن جي قيام لاءِ جنهن پئڪيج جو اعلان ڪيو هو، تنهن نه صرف ديس ڌٽين يعني ملڪ جي اڪثريتي آباديءَ سنهالين کي تعجب □ حيرت □ وجهي ڇڏيو هو. پر خود دنيا جي ٻين اهڙين رياستن □ ملڪن جا اصل ديس ڌٽي به اچرج □ اچي ويا هئا، جتي پناهگيرن طرفان ان قسم جي دهشتگردي ڪنهن نه ڪنهن صورت □ شڪل □ موجود آهي.

صدر ڪمارا ٽنگي، امن جي قيام لاءِ جنهن غير معمولي □ انوکي قسم جي منصوبي جو اعلان ڪيو هو. تنهن موجب پارٽ ڪان لڏي آيل تاملن کي ڏکڻ

 اوپــر وارن علائقن هڪ خودمختيــار حڪــومت جوڙڻ جي آڇ ڏني وئي آهي.
صـــدر طرفـــان جن علائقن لاءِ خودمختيـــاريءَ جي ڳالهـــه ڪـــئي وئي آهي. انهن علائقن ديس ڏٽين جيڪي مــذهبي طــور مســلمان آهن، جي گهڻــائي رهـــائش پـــذير آهي. تنهن ڪـــري ان پئڪيج جي ســـريلنڪا جي ٻين ســـنهالي رهواســـين ســـميت مسلمانن طرفان شديد مخالفت جي توقع آهي.
چنــدريڪا ڪمــار ٽنگي، پنهنجي حڪــومت جي امن پئڪيج جــو اعلان ڪنــدي چيــو آهي تــه: ”موجــوده حڪومت سريلنڪا موجود مــڙني لســاني گــروهن جي مفادن بنيــادي حقن جــو تحفــظ ڪنــدي.“ هن وڌيڪ چيو ته: ”اسان طاقت جي استعمال، رياستي تشدد تڪڙن سياسي مفــادن حاصــل ڪــرڻ واري پاليسي ڪان پاســو ڪنداســين ملڪ پائيــدار امن جي قيام لاءِ ڪوششون ڪنداسين. تاملن جي مڙني شڪايتن جو خاتمو آندو وينــدو.“ صــدر، ســريلنڪا علحدگي پسند تنظيم ايل ٽي ٽي اي جي دهشــتگرن خلاف هلنــدڙ فــوجي آپريشــن بــابت چيــو تــه ”اهــو آپريشن تامل عوام جي خلاف نه پر امن جي دشمن جي خلاف آهي.“
ســريلنڪا جي صــدر جي امن لاءِ خــواهش ان جي حصول لاءِ انوڪــا قــدم کڻڻ واري ڳالهــه پنهنجي جــاءِ تي ڪيــتري بــه اهميت لائــق چــو نــه هجي، پــر ان خواهش جي تڪميل جو سچو دارو مــدار تــاملن جي نيڪ نيـــتيءَ وطن دوســـتيءَ تي منحصـــر آهي. حڪــومت جي پئڪيج جي تــاملن طرفــان اهــا مــوٽ ڏني وئي آهي جـــو هنن صـــدر چنـــدريڪا جي امن پئڪيج جي اعلان ڪــان صــرف ٽي ڏينهن پــوءِ گــاديءَ واري شهر ڪولمبو بم هٽي 21 ماڻهو مــاري ڇــڏيا آهن. جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته تامل ٽائيگرن کي حڪومت جو اهو امن منصوبو قبول ناهي.

سريلنڪا جي آزاديءَ کان پوءِ صدر ڪمارا ٽنگي اُهـا واحـد اڳـواڻ آهي، جنهن صـرف امن خـاطر تامـل دهشـتگردن □ پنـاهگيرن کي خودمختيـار حڪـومت نـــاهڻ جي آڇ ڏني آهي. جنهن مـــوجب تـــاملن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ اختيارن جي مـرحلي واري منتقلي ڪئي ويندي. منصـوبي مـوجب تامـل اڪثريت وارن ڏاکڻن □ اپرنــــدن علائقن کي ضــــم ڪـــــري هڪ خودمختيـــار علائقي جي حيـــثيت ڏني وينـــدي. ان منصوبي کي آئيـني تحفـظ ڏيڻ لاءِ پارليـامينٽ مـان قانوني بل منظور ڪرايو ويندو. جنهن بعـد ريفرنـڊم ذريعي عوام جي راءِ ورتي ويندي.

امن پئڪيج لاءِ پارليـامينٽ مـان قـانوني بـل منظـور ڪـرائڻ □ بعـد □ ان تڪـراري مسـئلي تي ريفرنـڊم صدر چنـدريڪا لاءِ هڪ وڏو چئلينج ثـابت ٿي سـگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪوبه ديس ڏٺي يعـني سـنهالي عـوام صــرف امن خــاطر پنــاهگيرن جي پنهنجي ڌرتي تي الڳ حيثيت □ ڌار وجود تسليم نه ڪندو. ڇاڪــاڻ تـه اهـا خودمختيـاري اُتي بيهي رهڻ بـدران اڳـتي هلي مڪمل علحدگيءَ جي شـڪل اختيـار ڪـري سـگهي ٿي.

تــاملن جي هٿياربنــد تنظيم، ”لبريشــن آف تامــل ٽــائيگرز ايلام“ (ايـــل ٽي ٽي اي) صـــدر ٽنگي جي پئڪيج کان وڌيڪ جي گهرجائو آهي. سـندن مطـالبو آهي ته ڏکڻ اوپر واري علائقي کي ”خـاص علائقـو“ قــرار ڏنــو وڃي □ ان کي ٻين صـــوبن کـــان وڌيڪ خودمختياري ڏني وڃي. ان ڳالهه جو اندازو ان مــان به لڳـائي سـگهجي ٿـو تـه پيپلـز الائنس جي موجـود حڪـومت □ شـامل هڪ تامـل وزيرسـوميا مـورتي صـدر چنـدريڪا کي تجـويز پيش ڪـئي آهي تـه ڏکڻ اوپـــر وارن علائقن مـــان تامـــل بـــاغين کي چونـــدن ڪرائڻ کانسواءِ پنجن سالن لاءِ اختيـار ڏنـا وڃن. ان

صورتحال مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته تامل باغي صدر چندريڪا جي امن منصوبي کي قبول نه ڪندا. پر جيڪڏهن قبول به ڪيو ويو ته ديس ڏٽين سنهالين چواٽي تامل ان امن پئڪيج کي پنهنجي مڪمل خودمختياريءَ جو ذريعو بڻائيندا. جيڪڏهن نسلي ۽ لساني فسادن کي ختم ڪرڻ واري اميد ۽ آدرش هيٺ اختيار تامل دهشتگردن جي حوالي ڪيا ويا ته هو اڄ ڪان وڌيڪ طاقتور ۽ ملڪي سلامتيءَ لاءِ خطرو بڻجي سگهن ٿا.

سريلنڪا ۾ گذريل 14 سالن ڪان هلندڙ لساني فسادن ۾ هيل تائين 50 هزار ماڻهو موت جي منهن ۾ وجي چڪا آهن. ان سڄي ويڙهه پويان تامل پناهگيرن جي بالادستي ۽ علحدگيءَ جي خواهش موجود آهي. اهوئي سبب آهي جو 1947ع کان پوءِ مختلف حڪومتن هن مسئلي جي نبيري لاءِ مختلف نمونن سان ڪوششون ورتيون آهن. انهن ڪوششن ۾ علحدگي پسندن خلاف فوجي آپريشن به ڪيا ويا ته ٻئي طرف سرچاءَ جا پئڪيج به ڏنا ويا، پر تامل ٽائيگر ڪابه ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن.

تامل، سريلنڪا جا اصل رهواسي ناهن. هنن جو اتان جي ڌرتيءَ تي ڪوبه تاريخي حق ناهي، هو ته 1940ع ۽ 1950ع جي وچ ۾ ڀارت جي موجوده رياست تامل نادو کان لڏ پلاڻ ڪري هتي پهتا هئا. جتي بعد ۾ اڪثريت ۾ ايندي ايندي هاڻ جدا ملڪ ۽ خودمختياري جي خوابن جي تعبير ڳهري رهيا آهن. سريلنڪا ڏانهن تاملن جي لڏپلاڻ به برطانوي سامراجي آقائن جي نوآبادياتي منصوبابندي جو حصو هئي. جيئن اُتندڙ تحريڪ ۽ آزادي جي جذبن کي ڪچلي سگهجي. برطانوي حڪمرانن سريلنڪا جي غلاميءَ واري دور ۾ سنهالين طرفان سندن بيگار وهڻ ۽ سستي مزدور طور ڪم ڪرڻ ڪان

انڪار ڪرڻ تي تامل ناڊو مان ماڻهن ڪي گهرائي نه صــرف ســريلنڪا مــزدوري ڏني، پــر ڪين پنهنجي وفــادار طــور اهم عهــدن تي مقــرر ڪيــو. ان وقت ٻاهران آيل تامل سـنهالين ڪـان وڌيڪ پڙهيـل لکيـل هئــا. جنهن ڪــري ڪين هــتي اچڻ ڪــان پــوءِ برتــري حاصـل ٿي وئي. اهـڙي طـرح ڌاريـا ڦـورو آهسـتي آهستي مقـامي مـاڻهن جي ديس جي وحـدت خلاف خوفناڪ صورت اختيار ڪري ويا. تامـل تـائيگرز جي دهشتگرديءَ جتي صرف 12 سالن اندر 50 هــزار ماڻهو مري چڪا آهن.
صدر ڪمـارا ٽنگي جـو والـد موجـوده وزيـراعظم مسز بندرا نائيڪي جو مـڙس اڳوڻـو وزايـر اعظم سولو مان بنـدار نـائيڪي بـه انهن فسـادن جـو ڪـاڄ بڻجي چڪـــو آهي. جنهن ڪي 1959ع قتــل ڪيـــو ويو. تاملن جا مطالبـا خواهشـون ديس جي اصـل رهواسـين يعـني سـنهالين جي قـومي وجـود حب الوطنيءَ سان ٽڪراءَ آهن، جنهن ڪــري اڄ تـائين ڪو به حڪمران اُنهن متعلق گهٽي اڳيرائي نه ڪري ســگهيو آهي. ان ســان حڪمــرانن ڪي نــه صــرف اقتدار جي قرباني ڏيڻي پوندي، پر سنهالي اڪـثريت جي مخالفت ڪي به منهن ڏيڻو پوندو.
ان ڪوبه شڪ ناهي ته صدر چندريڪا ڪمارا ٽنگـا موجــوده امن منصــوبي جــو اعلان ڪــري هڪ وڏي چئلينج ڪي قبول ڪيـو آهي. جيڪــڏهن امن منصـوبو ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو ته ان جا نه صـرف موجوده حڪومت ڪي خراب اثر ڏسڻا پوندا. پر خـود تامل دهشتگردن ڪي به خوفناڪ نتيجـا ڀوڳڻـا پونـدا. چاڪاڻ ته هي امن پئڪيج حڪـومت طرفـان تـاملن ڏانهن آخري امن جو پيغام آهي، جنهن ڪي قبـول نـه ڪرڻ جي صورت ڪين تباهه ڪن فـوجي آپريشــن ڪي منهن ڏيڻو پوندو. اهـڙي طـرح نـه صـرف گهـرو ويڙهه تيزي ايندي، پر اها ويڙهه ان بعـد فـوجي

آپريشن تامل دهشتگردن جي مڪمل خاتمي جو سبب بڻبو.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 20 آگسٽ 1995ع)

¬¬¬

فوجي آپيشاهي ستيل ٿائيلينڊ ۾ ٻيهر ڪمزور حڪومت

ٿائيلينڊ ۾ فوجي راڄ جي خاتمي ڪانپوءِ ٻيو پيرو چونڊن ۾ به ملڪ کي سياسي طور هڪ مستحڪم حڪومت نصيب ٿي نه سگهي آهي. 2 جولاءِ 1995ع تي 360 ميمبرن تي مشتمل ايوان نمائندگان ۾ ڪابه پارٽي واضع اڪثريت حاصل نه ڪري سگهي. جنهن ڪري ملڪ ۾ ٻيهر هڪ ڪمزور مخلوط حڪومت قائم ڪئي وئي آهي. چونڊن ڪان

اڳ جڙيل مخلوط حڪومت، جنهن جو سربراهه وزيراعظم چاون ليڪ پائي هيو، موجوده وزيراعظم بنهارن سلپارچ جي حڪومت ڪان انتهائي گهٽو مضبوط هئي. پر پوءِ به ٽئين دنيا جي ملڪن وانگر مخلوط حڪومت ۾ شامل اتحادين ڪيس گهٽو وقت جٽاءُ ڪرڻ نه ڏنو. جنهن ڪري سيپٽمبر 1992ع ۾ فوجي جنتا جي خاتمي بعد جڙيل حڪومت پنهنجو چار سال مقرر مدو پورو ڪرڻ بدران ٻن سال اٺن مهينن جي مختصر عرصي ڪانپوءِ پڄاڻيءَ تي پهچي وئي.

ٿائيلينڊ جي ڪهاڻي ٻه ٻين ترقي پذير ملڪن ڪان گهٽي مختلف ڪونهي. هن ملڪ ۾ 1932ع ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ 17 ڀيرا ڪامياب توڙي ناڪام فوجي بغاوتون ٿي چڪيون آهن. فوج ڪيئي ڀيرا چونڊيل حڪومتن جا تختا اونڌا ڪري پاڻ کي عوام مٿان مسلط ڪيو آهي. آخري ڀيرو سيپٽمبر 1992ع ۾ چاون ليڪ پائي جي ڊيموڪريٽ پارٽي انتهائي صبر آزما ۽ پر تشدد جدوجهد ڪانپوءِ عوام کي فوجي حڪمرانن مان نجات ڏياري ملڪ ۾ جمهوري راڄ قائم ڪيو.

ڊيموڪريٽ پارٽي جو سربراهه چاون ليڪ پائي سيپٽمبر 1992ع ۾ ٿيل چونڊن ۾ سوپ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ به ملڪ ۾ اڪيلي سر حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن حاصل نه ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ ته ڪيس پارليامينٽ جي هيٺين ايوان ۾ 360 سيٽن مان صرف 124 سيٽون حاصل ٿي سگهيون. جنهن ڪري ڪيس حڪومت ٺاهڻ لاءِ اين اي پي New Aspiration Party جو سهڪار حاصل ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پيو. ڊيموڪريٽ پارٽي جي اڳواڻ ۽ ٿائي وزيراعظم چاون ليڪ پائي مخلوط حڪومت جوڙڻ ڪانپوءِ فوجي جنتا طرفان آئين ۾ ڪيل عوام دشمن

ترميمن جو خاتمو ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان ڪوششون ڪرڻ شروع ڪيون پر سندس انهن عوام دوست ڪوشش کي ان وقت سخت ڌڪ رسيو، جڏهن اتحادي جماعت اين اي پي ساٽس سهڪار ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو □ سهڪار ڪرڻ جي بدلي □ حڪومت اندر وڌيڪ رعايتون □ اختيار طلبڻ شروع ڪري ڏنا. جيتوڻيڪ اين اي پي جي سربراهه چائوولٽ کي گهرو معاملن جي وزارت به ڏني وئي هئي. پر پوءِ به هو حڪومت کي هر وقت بليڪ ميل ڪندو رهيو.

اڳوڻي وزيراعظم چاون ليڪ پائي □ سندس اتحادي جماعت اين اي پي □ اختلاف ان وقت کلي طرح سامهون اچي ويا، جڏهن حڪمران جماعت مقامي عملدارن □ گهرو معاملن واري وزارت جا اختيار گهٽائڻ لاءِ آئين □ ترميم جو مسودو پارليامينٽ □ پيش ڪيو. چاون ليڪ پائي ان آئيني ترميم ذريعي اختيارن جي عدم مرڪزيت □ مقامي اختيارين کي وڌيڪ جوابده ڪرڻ طرف پيش قدمي ڪري رهيو هو. ان سان ملڪ □ جمهوري عمل کي تہ استحڪام رسي ها، پر سندس اتحادي پارٽي اين اي پي وقتي طرح حاصل ڪيل فائدن □ رعايتن کان محروم ٿي وڃي ها. ان ڪري اين اي پي، ڊيموڪريٽ پارٽي سان دغابازي جو مظاهرو ڪندي، ان وقت ان ترميم جي سخت مخالفت ڪئي، جڏهن قانوني مسودو پارليامينٽ □ پيش ڪيو ويو.

چاون ليڪ پائي جي مخلوط حڪومت لاءِ اتحادي جماعت طرفان اوچتو مڪاري □ دغابازي هڪ خوفناڪ ڌڪ ثابت ٿيو □ ان اوچتي وار سبب سندس بنياد ئي لڏي ويا. پر چاون ليڪ پائي پنهنجي ڏاهپ □ سياسي تجربي سان ان جو تڪڙو توڙ ڪڍي ورتو. جيتوڻيڪ اين اي پي جي مخلوط

حڪومت مـان نڪـري وڃڻ ڪـان پـوءِ حڪمـرانن ڌر وٽ صرف 143 پارليامينٽ ميمبر رهجي ويا، پر پوءِ به وزيـراعظم چـاون هڪ ٻي جمـاعت ”چـرٽ پٽانـا پارٽي“ سان اتحاد ڪري اهو خال پري ورتو.

چاون ليڪ پائي جي مخلوط حڪـومت ڪـان اتحـادي جمــاعت اين اي پي جي علحــدگي نــئين جمهــوري حڪومت تي ڪـو پهريـون ۾ آخـري وار نـه هيـو، پـر اڳوڻن فوجي حڪمرانن جي باقيات جمهــوري ادارن کي ڪمزور رکڻ ۾ حڪومت تي پنهنجي گرفت ٻيهر بحال ڪرڻ لاءِ ٻيا به ڪيترائي وار ڪيا. جن ۾ وڏو ۾ اثرائتو حملـو ان وقت ڪيـو ويـو، جـڏهن چـاون جي حڪومت خلاف مخالف ڌر پارليامينٽ ۾ عدم اعتماد جي تحـريڪ پيش ڪـئي. جنهن وقت ان تحـريڪ تي بحث هلي رهيو هـو تـه مخلـوط حڪـومت ۾ شـامل ”پلانگ ڌرما پارٽي“ اتحاد ڪـان الـڳ ٿيڻ جـو فيصـلو ڪري ورتو. جنهن سان چـاون حڪـومت پارليـامينٽ جي 46 ميمبرن جي اڪثريت ڪان محــروم ٿي وئي، نئين صورتحال پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ وزيراعظم پارليامينٽ کي ٽوڙي ڇـڏيو ۾ ملڪ ۾ عـام چونـڊن ڪـرائڻ جـو اعلان ڪري ڇڏيو.

اڳوڻي حڪومت جي خاتمي جو جتي اتحادي پارٽيون سبب بڻيون، اُتي اسان اڳوڻن فوجي حڪمــرانن جي باقيات کي به نظرانداز نه ٿا ڪـري سـگهون، جيڪـا مٿئين ايوان يعني سـينيٽ ۾ اڪـثريت سـان موجـود آهي. سينيٽ جي ميمبرن ۾ وڏو انگ انهن ماڻهن جو شامل آهي، جيڪي رٽائرڊ فوجي ڪـامورا آهن، ڪين اڳوڻن فوجي حڪمرانن سينيٽ ۾ ٺـاڦيو هـو. هـو اڄ به جمهوري حڪومت لاءِ خطري جو سبب بڻيـل آهن ۾ هيـٺين ايـوان ۾ ٿينـدڙ قـانون سـازي جي راهـه ۾ رنڊڪون پيدا ڪري رهيا آهن.

6 جولاءِ 1995ع تي ٿيل عام چونڊون به ٿائيلينڊ جي سياســي منظــر ۾ ڪــا تبــديلي آڻي نــه ســگهيون.

صورتحال اڳ کان وڌيڪ خراب ٿي وئي. چونڊن جي نـتيجن کـان پـوءِ جيکـا صـورتحال آڏو آئي. اهـا هن طرح هئي: ”چرٽ ٿائي پارٽي“ 96 سـيٽون چـاون جي ڊيمـوڪريٽ پـارٽي 82 سـيٽون حاصـل ڪيـون جـڏهن تـه ٻيـون سـيٽون مختلـف ننـڍين پـارٽين ورهائجي ويـون. نـئين منظـر ڪابـه پـارٽي اڪيلي سر حڪومت جوڙڻ جي پوزيشـن نـه هـئي. البت چاون جي ڊيمـوڪريٽ پـارٽي لاءِ اتحـادين جي مـدد سـان مخلـوط حڪـومت جـوڙڻ جـا وڏا امڪـان موجوده هيا. پر اڳـوٽي وزيـراعظم چـاون ليڪ پـائي پنهنجي ماضـيءَ جي تجـربي کي سـامهون رکنـدي حڪومت جوڙڻ کان انڪـار ڪـري ڇـڏيو. جنهن بعـد 96 سيٽون حاصـل ڪنـدڙ ”چـرٽ ٿـائي پـارٽي“ جي اڳواڻ بنهارن سلپارچ مخلـوط حڪـومت جـوڙڻ جـو ڪم تڪميل تي رسايو.

نـئين وزيـراعظم بنهـارن سـلپارچ جي مخلـوط حڪومت کي 2 پارٽين جو سـاٿ حاصـل آهي. نـئين وزيـراعظم کي اڳـوٽي حڪـومت کـان بـه وڌيڪ مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پئجي رهيـو آهي. چاڪـاڻ تـه سـندس پـارٽي مڪمـل طـور اتحـادين جي رحم ڪرم جي محتاج بڻيل آهي. ڪيس اتحادين کي راضي رکڻ ڇڇڻ کـان بچـائڻ لاءِ شـروعات ئي ڪيترين قربانين ڏيـڻيون پيـون آهن. خـاص ڪـري ڪابينا جتي جوڙجڪ وڏ کان وڏ وزارتـون اتحـادين جي حوالي ٿي ويون آهن، پر پـوءِ بـه ڪيس اتحـادين جي نازن نخرن کي منهن ڏيڻ سندن بليڪ ميلنـگ سياسـي دغابـازي کـان بچڻ لاءِ وڏين چئلنجن کي منهن ڏيڻو پوندو.

بنهارن سلپارچ، ملڪ □ سماجي □ معاشي انقلاب آڻڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ □ مصروف آهي، ان ڏس □ هن ٻهراڙين ڪي ترقي وٺرائڻ □ قومي دولت مان ڪين پنهنجو جائز حصو ڏيڻ لاءِ قانون سازي طرف پيش قدمي ڪرڻ شروع ڪئي آهي، پر نئين قانون سازي لاءِ ڪيس نه رڳو اتحادي پارٽين ڪي اعتماد □ وٺي سندن سهڪار حاصل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي، پر هيئين ايوان □ ٿيل قانونسازيءَ ڪي سينيٽ مان منظور ڪرائڻ لاءِ به وڏي جدوجهد مان گذرڻو پوندو. چاڪاڻ ته سينيٽ تي فوجي آمريت نواز ميمبرن جو قبضو موجود آهي، جيڪي ڪڏهن به سولائي سان عوام دوست جمهوري قانون سازي ٿيڻ نه ڏيندا. جنهن ڪري ٿائيليند جي عوام جون موجوده نئين حڪومت سان ڪي وڏيون اميدون □ آدرش وابستا ناهن. واقعي اها هڪ اچرج جوڳي ڳالهه ٿيندي، جو موجوده حڪومت نه صرف پنهنجو 4 سال مدو پورو ڪري پر ملڪ □ اڳوڻين فوجي آمريتن جي مدي خارج سياسي ڪلچر جو به خاتمو آڻي سگهي.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 27 آگست 1995ع)

¬¬¬

اڳوڻي يوگوسلاويا ۾ امن بابت
آمريڪي منصوبو

اڳوڻي سوشلسٽ يوگوسلاويا جي رياستن بوسنيا، ڪروشيا ۾ سربن وچ ۾ جنگ هر گذرندڙ ڏينهن تي نوان اختيار ڪري رهي آهي. خاص ڪري صورتحال ۾ تڏهن کان وڏيون تبديليون اچڻ شروع ٿيون، جڏهن ڪروشيا، سربن جي قبضي هيٺ آيل پنهنجا شهر ۾ وستيون آزاد ڪرائڻ لاءِ جنگي ڪارروائي شروع ڪري ڏني. ڪروشيا طرفان جنگ ۾ ٽپي پوڻ ڪانپوءِ نه صرف جنگ جو نقشو ئي تبديل ٿي ويو آهي. پر جارحيت پسند سرب حملي آور پوزيشن بدران ڪنهن قدر پاڻ حفاظتي پوزيشن ۾ هليا ويا آهن. اها سڄي صورتحال بوسنيا جي ديس ڌٽين تي انتهائي بهتر اثر ڇڏي سگهي ٿي.

آمريڪا ۾ ناٽو جي ٻين ملڪن طرفان ٻه ٽي سالن کان هلندڙ ويڙهه کي ڪنهن نڪاٽي پهچائڻ لاءِ ٻيهر ڪوششون شروع ڪيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ آمريڪا تازو بوسنيا ۾ امن بابت هڪ رٿ پيش ڪئي آهي. آمريڪا طرفان جون 1994ع ۾ بوسنيا هرتز گووينيا کي 51 سيڪڙو مسلمانن ۾ 49 سيڪڙو سربن حوالي ڪرڻ واري رٿ جو ٻيهر ورجاءُ ڪيو پيو وڃي. ان رٿ بابت بوسنيا جو پنهنجو موقف آهي، پر دائمي امن خاطر ڪجهه اثرانداز ٿيندڙ ملڪ ان رٿ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ بي چين نظر اچي رهيا آهن. روس هن گهوٽالي کي

ختم ڪــرڻ لاءِ ڪروشــيا، ســربن □ بوســنيا وچ □
ڳــالهيون ڪــرائڻ جي ڪوشــش □ مصــروف آهي.
جنهن □ هيل تائين ڪيس ڪا خاطر خواهـه ڪاميـابي
حاصل ٿي نه سـگهي آهي. جـڏهن تـه نـاٽو جـا ملڪ
مسئلي جي حل □ جنگيندي لاءِ اثرائتيون □ تڪڙيون
ڪوششون وٺي رهيـا آهن. جيڪي رت ٽمائينــدڙ هن
ديس لاءِ ڪيتريون سودمند يـا خطرنـاڪ ٿي سـگهن
ٿيون، ان جو اندازو اُهي ماڻهو ڪــري نــه ٿـا سـگهن
جيڪي لوهي ديوارن وارن سرحدن اندر زندگيءَ جـا
سپ سک ماڻي رهيا آهن. ڇا ڪو ماڻهو ان ڳالهه جو
اندازو لڳائي سگهي ٿـو تـه جن پـوڙهين مـائرن جي
جگر جا ٽڪرا ماريا ويا هجن. جن ونين جا ور گــولين
هٿان گهايا ويا هجن، جيڪي انتهائي ذلت ڀرئي انــداز
□ پنهنجي شهرن، ڳوٺن □ زمينن تان تڙيـا ويـا هجن،
ويلي ويلي لاءِ گڏيل قومن طرفـان خـيرات □ مليـل
ماني ڳڀين ڏانهن نهاريندا هجن، ان انتهائي بيوسـي □
لاچاري واري حالت □ ڪين پنهنجو مادر وطن ڪي ٻن
ٽڪرن □ ورهائڻ جي تجويز ڏني وڃي يا ان لاءِ دٻــاءَ
وڌو وڃي. انهن جي دل تي ڇا گذرندو هوندو.
آمريڪـــا طرفـــان رت ٽمائينـــدڙ بوســـنيا □ امن لاءِ
ورهاڱي وارو نسخو ڪيڏو به اڪسـير ڇـو نـه هجي،
پــر اهــو مــادر وطن جي وحــدت، آزادي، سـالميت □
آبرو آڏو ٽڪي برابر به اهميت نه ٿـو لهـڻي. نـاٽو جـا
ملڪ ان ڳالهه تي ڳت ڏيو بيٺـا آهن تـه جنـگ سـٽيل
بوسنيا جي محفوظ علائقن مان گڏيل قومن جا امن
دســتا واپس گهرايـا وڃن. جـيئن اتي نـاٽو جـا ملڪ
پنهنجي مضـبوط □ اڻ شڪســت يافتــه فــوج مقــرر
ڪري مظلوم بوسنيا ڪي جارح سـربن کـان بچـائين.
نـــاٽو جي ملڪن جي ان نيت تي هـــوئڻ جيڪـــڏهن
شڪ نه به ڪجي ها، پر جــڏهن انهن ملڪن پـاڻ ئي
بوسنيا تي هٿيارن حاصل ڪـرڻ جي پابنـدي مـڙهي،
ڪيس چوڪنيـو ٻـڌي سـربن جي لانـگ ٻـوٽن □ اڇليـو

آهي، ته هاڻ شڪ کي پڪ تبديل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا دليل تسلي ڏئي سگهن ٿا.
بوسنيا جي پرڏيهي وزير محمد سڪربي آمريڪا طرفان امن منصوبي متعلق پنهنجي ملڪ طرفان ڀرپور ردعمل جو اظهار ڪندي چيو آهي ته بوسنيا اڳوڻي يوگوسلاويا آمريڪي امن منصوبي جي نتيجن لاءِ ٻن مهينن جو وقت ڏئي سگهي ٿي. جيڪڏهن ان عرصي اندر امن قائم نه ٿي سگهيو مسئلي جو ڪو نبيرو نه ٿيو ته پوءِ جنگ کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو باقي نه بچندو.
ياد رهي ته اج 27 آگسٽ تي بوسنيا جا عملدر آمريڪا جي پرڏيهي معاملن واري اسسٽنٽ سيڪريٽري رچرڊ هولبروڪ سان امن منصوبي تي پئرس ڳالهه ٻول ڪندو. ڳالهين شروع ٿيڻ کان اڳ ئي بوسنيا جي پرڏيهي وزير سڪربي چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن ڳالهيون ڪنهن نتيجي تي نه پهتيون ته پوءِ اسان لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه رهندو ته جنگ ذريعي سربن تي ٻيهر دٻاءَ وڌايو وڃي ته جيئن هو امن جي قيام لاءِ رضامند ٿين.
اولهه جي ملڪن اميد ظاهر ڪئي آهي ته هلندڙ سال جي آخر تائين اڳوڻي يوگوسلاويا جي رياستن هلندڙ ويڙهه تڪرار پنهنجي پڄاڻي تي رسندو واسطيدار رياستون ڪنهن امن منصوبي تي رضامند ٿي وينديون. جارحيت پسند سرب اڳ جيڪي ڪنهن به امن منصوبي تي ڳالهائڻ يا عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندا هئا، سي به هاڻ ڪروشيا طرفان جنگ ٿپي پوڻ کانپوءِ جنگ بدران ڳالهين کي ترجيح ڏئي رهيا آهن. ان سلسلي هو روس کي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ زور پري رهيا آهن. هن وقت تائين روس، آمريڪا جي يوگوسلاويا امن منصوبي تي ڪنهن به

قسم جـو ردعمـل ظـاهر نـه ڪيـو آهي. هـو سـچي صورتحال کي خاموشي ۾ انتظار ڪيو واري پاليسي هيٺ ڏسي رهيو آهي.

هڪ طـرف اڳـوٽي يوگوسـلاويا ۾ امن لاءِ آمـريڪي منصوبو بحث جو موضوع بڻيل آهي، تـه ٻـئي طـرف سرب گـڏيل قـومن طرفـان ”سـلامتي وارو خطـو“ قرار ڏنل گورازدي ۾ سـرائيوو تي مسلسـل فـوجي حملا ڪري رهيا آهن. جيتـوڻيڪ بوسـنيائي فـوج هـر قسم جي اڳرائي کي منهن ڏيڻ لاءِ جنگ جي ميـدان ۾ موجـود آهي، پـر بوسـنيا تي مڙهيـل هٿيـارن جي پابندي ان آڏو تمـام وڏيـون مشـڪلاتون پيـدا ڪـري ڇـڏيون آهن. ڪجهــه وقت اڳ اســلامي ملڪن جي تنظيم پنهنجي گڏيل اجلاس ۾ فيصلو ڪيو هو ته هــو گڏيل قومن جي فيصلي جي انحرافي ڪندي بوسنيا کي هٿيـارن جي امـداد پهچائينـدا. پـر ان تي بـه اجـا سـوڌو ڪـو عمـل نـه ٿي سـگهيو آهي. جنهن ڪـري بوسنيائي فوج گهڻو وقت نندن هٿيارن سـان پنهنجن شهرن جو دفاع نه ٿي ڪري سگهي.

هن مشڪل صورتحال ۾ ناٽو، گـڏيل قـومن تي دٻـاءُ وجهي رهيو آهي ته هو گـورازدي مـان امن فوجـون واپس گهرائن تـه جـيئن نـاٽو جي ملڪن کي سـربن خلاف هـوائي حملن ۾ ڪابـه تڪليـف پيش نـه اچي. نـــاٽو جي ملڪن جي حڪمت عملي بـــابت تـــه في الحال ڪجهه نه ٿـو چـئي سـگهجي. چاڪـاڻ تـه هـو هيل تائين هن جنـگ ۾ پنهنجـو گهربـل انصـاف پريـو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪـام ويـا آهن. ڇـا بوسـنيا جـو مظلوم عوام اها اميد رکي سگهي ٿو ته گڏيل قومن جي امن فوج جي واپسيءَ کان پوءِ گورازدي سـربن جي جـارحيت کـان بچي سـگهندو. چاڪـاڻ تـه هيـل تائين اولهه جي ملڪن جو هن تڪرار بابت مؤقف ۾ ڪردار انتهائي مشڪوڪ رهيو آهي.

آزاد ذريعن مــوجب امن فــوج جي واپســي ڪــانپوءِ آمريڪا جي منصوبابندي هيٺ گـورازدي جـو مڪمـل ڪنٽرول سربن حـوالي ڪيـو وينـدو. ان جي عيـوض ســرب فــوج ڪــان بوســنيا جي گــادي واري شـــهر سـرائيوو جـا قبضـي هيٺ آيـل پرپاسـي وارا علائقـا خالي ڪرايا ويندا. هن وقت بوسنيا جي 80 سيڪڙو علائقي تي ســرب فــوج قبضــو ڪــري ورتــو آهي ۽ جــارح فــوج امن ڳــالهين ڪــان اڳ وڌيڪ علائقن تي قبضا ڪــرڻ جي ڪوشـشــن ۾ مصـروف آهي، جـيئن امن ڳالهين دوران پنهنجا وڌ ڪـان وڌ شــرط مڃـائي ســگهجن. ســرب فــوج جي اڳــواڻ آمريڪــا جي امن منصــوبي تي دبيــل لفظن ۾ اعــتراض اٿــاريو آهي. ســرب، امن منصـــوبي هيٺ بوســنيا جي اڌ علائقي ڪان وڌيڪ حصي جي گهـر ڪـري رهيـا آهن، جيڪـو 60 ڪان 70 سيڪڙو تي سگهي ٿو.

سربن طرفان وڌيڪ علائقا ڦٻائڻ ۽ انهن تي پنهنجي قـانوني حيـثيت تسـليم ڪـرائڻ واري هٻچ آمـريڪي امن منصوبي جي ناڪامي جا آثـار پيـدا ڪـري ڇـڏيا آهن. جــڏهن تــه خــود بوســنيائي حڪــومت بــه ان منصوبي سان سهمت ناهي. اهـوئي سـبب آهي جـو بوسنيا جي صدر عاليجاهه عـزت بيگـوچ اعلان ڪيـو آهي تـه جيڪــڏهن سـرب جـارحيت پسـند ڪنهن بـه امن منصوبي تي رضامند نه ٿيا ۽ هنن گـــورازدي تي قبضو ڪرڻ لاءِ اڳرائي ڪئي ته ان جو ڀرپور مقــابلو ڪيو ويندو ۽ اسان 15 ســالن تـائين وڙهي سـگهون ٿا.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 27 آگسٽ 1995ع)

¬¬¬

روس پارليامينٽري چونڊن جو ڇهڇٽو

گـذريل ڪجهـه هفتن ڪـان روس جي چيچنيـا مٿـان فـوجي چڙهـائي وارين خـبرن تي دنيـا جي عظيم اڳــواڻ ولاديمــير لينن جي ديس پارليــامينٽ جي چونــڊن وارو ڇهڇٽــو غــالب اچي رهيــو آهي. هڪ طرف چيچنيا لشڪر ڪشـيءَ وارو منظـر پنهنجي اهميت وڃائي رهيو آهي تـه ٻـئي طـرف ماسـڪو صدر بورس يلٽسن جي سياسي موڪلاڻي جا افواهه نئين دلچسپيءَ جو موضوع بڻجي رهيا آهن.

روس هيٺين ايوان يعني پارليامينٽ جـون چونـڊون 17 ڊسـمبر 1995ع تي ٿي رهيــون آهن. جنهن لاءِ هاڻي ڪان ئي ڪيترائي اميدوار اڻ ڳـڻيون پـارٽيون ميدان لهي پيون آهن. صدر يلٽسن کي اقتدار کان الڳ ڪرڻ واري ڊوڙ سندس ٻه وڏا مخالف شامل ٿي ويـا آهن. هڪ طـرف ڪميونسـٽ پـارٽيءَ جــو اڳــواڻ گنــادي زگــانوف، يلٽســن کي چونــڊن شڪسـت ڏيڻ لاءِ تيـارين مصـروف آهي، تـه ٻـئي طـرف اڳـوٽي نـائب صـدر اليگزينـڊر تسـڪوئي جي ”گـريٽ اسـٽيٽ مـوومينٽ“ نـئين حڪـومت جـوڙڻ

جــون دعوائــون ڪــرڻ ۾ مصــروف آهي. اهي بــه پارٽيون ئي يلتسن لاءِ حقيقي خطرو بڻجي ميـدان ۾ لٿيون آهن.

روس ۾ پارليامينٽ جي چونڊن جـو اعلان ٿينـدي ئي هن وقت تائين 262 سياسـي پـارٽيون وجـود ۾ اچي چڪيون آهن. هر پـارٽي جـو اڳـواڻ پـاڻ کي روسـي عوام جو صحيح نمائنـدو قـرار ڏيڻ وارين دعـوائن ۾ مصروف آهي. هيترين سارين پارٽين جي هوندي بــه اجا تائين عوام ۾ چونڊن بابت ڪـو گهڻو جوش، جذبو ۽ دلچسـپي نظـر نـه پـئي اچي. جـڏهن تـه ڏوهـاري گروپن سان واسطو رکندڙ شخصـيتون، منـافع خـور واپاري، رٽائرڊ ڪامورا ۽ عـام قسـم جـا سياسـتدان پارليــامينٽ ۾ ســيٽ حاصــل ڪــرڻ لاءِ هڻ وٺ ۾ مصـروف آهن. روس جي هڪ سياسـي پـارٽيءَ جي سربراهه اگوربيـونن مـوجب سياسـت جي ميـدان ۾ اهـڙا مـاڻهو بـه اميـدوار طـور نظـر اچي رهيـا آهن، جيڪي ڪنهن شهر ته ڇـڏيو پـر هڪ ڳـوٺ مـان بـه ووٽ حاصل ڪري نه سگهندا.

روسي سياست تي نظر رکندڙ ماهرن جو چوڻ آهي ته هيترين سارين پارٽين جي وجـود جـو سـبب ملڪ انـدر ماضـيءَ ۾ جمهـوريت جـو نـه هئڻ رهيـو آهي. جيڪــڏهن جمهــوري عمــل بنــا ڪنهن رڪــاوٽ جي جـاري رهيـو تـه پـارٽين جـو تعـداد خودبخـود گهٽجي ويندو. خاص ڪري چونڊن جـا ڏينهن ويجهـا اچڻ تي اڌ ڪـان وڌيڪ سياسـي پـارٽيون مقـابلي جي ميـدان مان غائب ٿي وينديون.

روس جي سياسـت ۾ هن وقت بـه وڏيـون پـارٽيون موجـــود آهن، جن ۾ هڪ پـــارٽي ”گـــريٽ اســـٽيٽ مووومينٽ“ آهي. هن پارٽيءَ جـو سـربراهه الگزينـڊر رٽسڪوئي آهي. پاڻ نه صرف ملڪ جو اڳـوڻـو نـائب صدر رهيو آهي، پر 1993ع ۾ يلتسـن حڪـومت جـو

تختو اونڌو ڪرڻ واري بغاوت جو به سـربراهه هيـو. ٻئي طرف ڪميونسـٽ پـارٽي بـه عـوام سياسـي ساک رکندڙ آهي. ڪميونسٽ پـارٽيءَ جي سـربراهه گنــادي زگــانوف پنهنجي پــارٽيءَ جي وفــدن ســان ڳالهائيندي چيو آهي تـه، ”اسـان جي آڏو وڏو مقصـد چونـڊون کٽڻ آهي ان لاءِ اسـان انتهـائي سـنجيده آهيون. اسان نه صـرف چونـڊون کٽڻ پـر حڪمـوتي معـاملا سـنڀالڻ لاءِ بـه مڪمـل تيـاري ڪـري ورتي آهي.“

چونڊن بابت عوامي راءِ جو انـدازو لڳائينـدڙ مـاهرن جـــو چـــوڻ آهي تـــه ڊسـمبر ٿينـــدڙ چونـــڊن ڪميونسٽ پارٽي مقابلي جي ميدان اڳين صف موجود هوندي. پـارٽيءَ جي سـربراهه زگـانوف چيـو آهي ته سندس پارٽي اقتدار اچڻ کـان پـوءِ آئين ترميمون آڻي حڪومت کي پارليامينٽ ڏانهن جوابده بڻائينــدي. هن نــه صــرف حڪــومت کي پارليـامينٽ ڏانهن جوابده بڻائڻ جو واعدو ڪيو آهي، پـر سـندس اهو به چوڻ آهي ته هـو روس صـدارتي نظـام جـا مخـالف آهن. ڪميونسـٽ پـارٽي ملڪ جي ڪمـزور حالت کي موجوده سياسي نظـام جي خـرابي قـرار ڏئي ٿي. جنهن ڪـــري ســـندس خيـــال روس کي صرف تڏهن ئي بچائي سگهجي ٿو، جـڏهن موجـوده سياسي نظام تبديلي آندي وڃي.

ســـپ سياســـي پـــارٽيون پنهنجي چونـــڊ مهم دوران منڊي جي سڌارن ڪانپوءِ پئدا ٿيل عوامي مشڪلاتن، ڏوهن واڌ عام ماڻهن جي ڪـريـل معيـار زنـدگي کي بحث نعرن جو موضوع بڻائي رهيون آهن.

ڪميونسٽ پـارٽيءَ جي سـربراهه زگـانوف چونـڊن دوران قومي سطح تي ٻين پارٽين سان گڏجي بلاڪ جوڙڻ وارن امڪانن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. پر هــو

ڪاپي ڏر جي گروپن سان الڳ الڳ تڪن اتحاد جو خواهشمند آهي.

ملڪ جي ٻي وڏي پارٽي ”گريٽ اسٽيٽ موومينٽ“ جي منشور جو اهم نقطو اڳوڻي سوويت يونين وارين سرحدن جي ٻيهر بحالي آهي. رتسڪوئي موجب، ”اسان جي پهرين اوليت عظيم تر روس جي اڳوڻي سوويت يونين وارين سرحدن جي ٻيهر بحالي آهي.“

رتسڪوئي جنهن وقت روس جي نائب صدر جي عهدي تي فائز هيو، ته هن 1993ع صدر يلتسن خلاف ٿيندڙ بغاوت جي سربراهي جا فرض سرانجام ڏنا هئا. ان بغاوت جا ناڪاميءَ ڪانپوءِ ڪيس ڪيترائي مهينا قيد رهڻو پيو، بعد ڪيس انساني بنيادن تي معافي ملي.

چونڊن جي هن ڇهڇٽي ڪان روس جو صدر بورس يلتسن ڪنهن به طرح غافل لاتعلق ناهي. ڇاڪاڻ ته ڊسمبر 1995ع چونڊجي ايندڙ پارليامينٽ، جون 1996ع ٿيندڙ صدراتي چونڊن تي اثر انداز ٿيندي. تنهن ڪري يلتسن جي خواهش ڪوشش آهي ته پارليامينٽ جي چونڊن سندس حمايتي ميمبر چونڊجي اچن، جيئن هو سولائي سان ٻيهر صدر چونڊجي سگهي. اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ صدر يلتسن وزيراعظم وڪٽر چرنو ميردن جي سرواٽي هيٺ نئون بلاڪ ”اور هوم رشيا“ (اسان جو گهر روس آهي) جوڙيو آهي. هن نئين بلاڪ کي اوچتو ان وقت سگهه وڏي حمايت ملي وئي، جڏهن ماسڪو جي طاقتور ميئر يوري لزڪوف سندس حمايت ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. چرنو ميدرن اعلان ڪيو آهي ته سندن بلاڪ انتهاپسندن خلاف ويڙهه ڪندو، ڇاڪاڻ ته انتهاپسند ڌريون روس جمهوري عمل سڌارن کي نقصان رسائڻ گهرن ٿيون.

روس ۾ 17 ڊسمبر تي ٿيندڙ چونڊن ۾ سوپ ڪير ماڻيندو، ان بابت ڪو به ماهر اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ تيار نظر نه ٿو اچي. پر يلتسن جي خواهش هيٺ ٺهندڙ بلاڪ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ وڌي مقابلي جا امڪان نظر اچي رهيا آهن. جڏهن ته گريٽ رشيا جو خواب ڏسندڙ رتسڪوئي صرف خوابن جي دنيا جو ئي شهزادو رهجي ويندو. چاڪاڻ ته روس جو عوام ”عظيم تر روس“ بدران بک، بدحاليءَ، ۽ بدامنيءَ جي خاتمي جو خواهشمند آهي.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 10 سيپٽمبر 1995ع)

¬¬¬

وچ اوڀر ۾ امن لاءِ ڪوششون ۽ لبيا جي وڌندڙ اڪيلائپ

آمريڪا جي ڪوشش سان وچ اوڀر ۾ اسرائيل جي تنهائي ختم ڪرڻ ۽ سندس دشمنن ۾ گهٽتائي ڪرڻ لاءِ جنهن ”امن ايجنڊا“ تي ڪم هلي رهيو آهي. تنهن

نه صرف عربن جي دنيا ۽ كيئي انوكيون تبديليون آڻي ڇڏيون آهن. پر خود هن خطي ۾ كيترن عرب ملكن كي تنهائي جو شكار به بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ كالهه اسرائيل سان سرچاءُ كرائڻ لاءِ جن ملكن كي ايجنڊا تي ركيو ويو آهي، انهن ۾ اردن ۽ شام انتهائي اهميت لائق آهن. اها اهميت ان كري نه آهي ته هو عرب ملك آهن، يا اسلامي دنيا سان واسطو ركن ٿا. پر كين ان كري ريجهائڻ يا رام كرڻ جون كوششون كيون پيون وڃن. ڇاكاڻ ته سندن سرحدون يهودي رياست اسرائيل سان ملندڙ آهن. جيستائين مصر، شام ۽ اردن كي راضي نه ٿو ركيو وڃي، تيستائين فلسطينين كي داخلي خودمختياري ڏيڻ سان به اسرائيل خلاف دشمنين ۽ ناراضگين كي ختم نه ٿو كري سگهجي. هك طرف شام، اردن، مصر ۽ سعودي عرب آمريكا جي حكمت عملي هيٺ اهميت حاصل كري ويا آهن، ته ٻئي طرف وري عراق ۽ لبيا عرب ملك هجڻ جي باوجود جيئن پوءِ تيئن تنهائي ۽ اكيلائپ جو شكار ٿيندا پيا وڃن. هو نه صرف عرب دنيا ۾ پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا آهن، پر عالمي سطح تي به كين كنهن حوالي سان اهميت لائق نه پيو سمجهيو وڃي. نئين تبديل ٿيندڙ عرب دنيا ۾ عراق ۽ خاص كري لبيا جو كوبه كردار نه رهيو آهي.

لبيا جي ليڊر كرنل قذافيءَ ان تنهائي ۽ اكيلائپ مان نكرڻ لاءِ كجهه عرصو اڳ پنهنجي ملك اندر پورهيو كندڙ 30 هارو هزار كن فلسطينين كي نيكالي ڏيڻ جو فيصلو كيو هو. ان فيصلي هيٺ فلسطيني پورهيتن كي ٻيڙين ۽ سامونڊي جهازن تي سوار كري ملك مان ٻاهر كڍي اڻ ڄاڻايل سامونڊي كنارن تي ڦٽو كيو ويو، اهي فلسطيني كو سال ٻه اڳ لبيا ۾ غير قانوني طور داخل نه ٿيا

هئا، نه ئي هو ملڪ اندر چوري چپي پورهيو ڪندا هئا. جو ڪين اوچتو خبر پوڻ يا سوگهو ٿيڻ ڪانپوءِ ملڪ نيڪالي ڏني وئي هجي. پر اهي بدنصيب ان وقت کان لبيا اندر پنهنجو گذر سفر ڪري رهيا هئا. جڏهن کان سندن ملڪ تي يهودي آبادڪارن طرفان زبردستي قبضو ڄمايو ويو. اسرائيلي قبضي کان پوءِ جلاوطن ٿيل هزارين فلسطيني مصر، شام، اردن ۽ لبنان سميت ٻين عرب ملڪن ڏانهن هليا ويا. لبيا جي معمر قذافي طرفان اوچتو فلسطينين خلاف هن آپريشن نه صرف عرب دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو، پر خود دنيا به سندس ان قدم تي عجب ۾ اچي وئي. چاڪاڻ ته عرب دنيا ۾ ڪرنل قذافي کي ”عرب ازم“ جو باني قرار ڏنو ويندو آهي.

ڪرنل قذافي جڏهن انقلاب ذريعي لبيا جي اقتدار جون واڳون سنڀاليون هيون، تڏهن هن عربن جي اتحاد لاءِ پاڻ عرب ازم جو نعرو ڏنو هو ۽ سامراجيت ۽ يهوديت خلاف جنگ ڪرڻ ۽ سندن ناجائز قبضي ۽ جارحيت جو مڪمل خاتمو ڪرڻ جو ازم ظاهر ڪيو هو. قذافي اهو شخص هو، جنهن نه صرف پنهنجي ملڪ جي عوام کي جديد شعور ۽ آگاهي جو دڳ ڏسيو هو، پر ٻين عرب ملڪن کي به ڌارين جي اڻ سڌي حاڪميت خلاف متحد ٿيڻ جو سڏ ڏنو هو. هن ازم ظاهر ڪيو هو ته نه صرف فلسطينين کي يهودين جي جارحيت ۽ قبضي کان نجات ڏياري ويندي، پر مڙني عرب ملڪن ۽ ان جي عوام کي سامراجي تسلط کان ڇوٽڪارو ڏياريو ويندو. اهوئي سبب هو جو فلسطيني سندس ايجنڊا جو اهم نقطو هيا. پر تازو جڏهن هن فلسطينين کي بنا ڪنهن سبب جي ملڪ مان ڌڪي ٻاهر ڪڍيو، ته

ان سان نه صرف عالمي سطح تي کيس خــواري □ ذلت نصيب ٿي، پــر هن 26 ســال اڳ جنهن نظــرئي هيٺ لبيا اندر انقلاب آندو هــو، تنهن ازم □ وچن جي به مٽي پليت ٿي وئي.

ڪرنل قذافي ان وقت هزارين فلســطينين کي ملڪ نيڪــالي ڏني، جــڏهن ڪجهــه ڏينهن اڳ اســرائيل □ فلسطيني لبريشن آرگنائيزيشن (پي ايل او) الهنــدي ڪناري □ فلسطيني حڪومت کي وڌيڪ اختيــار ڏيڻ لاءِ معاهدي تي صــحيحون ڪــري چڪــا هئــا. ڪجهــه ملڪ اهو سمجهي رهيا هئا ته ڪرنل قــذافي کي ان معاهدي تي اعتراض هيو □ هن ياسر عرفات جي ان قدم خلاف نفرت جو اظهار ڪرڻ لاءِ فلسطينين کي دربــدر ڪيــو هــو. پــر ســوال اهــو ٿــو پيــدا ٿــئي تــه جيڪڏهن ڪرنل قذافي کي ان معاهدي تي اعتراض هيو ته پوءِ ان وقت اسرائيل □ پي ايــل او □ ڳــالهين □ ابتدائي معاهدي جي مخــالف ڇــو نــه ڪــئي هــئي، جڏهن 2 سال اڳ اهــو عمــل □ آيــو هــو. هيــل تــائين اسرائيل □ فلســطينين وچ □ ســرچاءُ واري معــاملي تي خاموشي اختيار ڪرڻ جو ڪهــڙو جــواز هيــو. ان ڪري لبيا طرفــان فلســطينين کي نيڪــالي ڏيڻ جــو اصل سبب اسرائيل پي ايل او ٺاهه نه هيو پــر اصــل □ لبيا ان قسم جو معاملو پيــدا ڪــري عــالمي ڌيــان جو مرڪز بڻجڻ چاهي پيو. هو پنهنجي وڌندڙ تنهــائي □ اڪيلائپ خلاف ان طــريقي ســان احتجــاج ڪــري رهيو هو. ڪرنل قذافي دنيا طرفان لبيا کي وســاري ڇڏڻ تي ان خلاف هڪ صدا بلند ڪري رهيو هو. پــر افسوس جو ان صدا □ احتجــاج جــو شــڪار 3 هــزار اُهي فلسطيني بڻايا ويا، جن جــو ان معــاملي □ ڪــو به قصور نه هيو، نه هو آمريڪي امن ايجنــڊا تي اثــر انــداز ٿي پــئي ســگهيا □ نــه وري ســندن تڪليــف □ اهنجن ڪــري اســرائيل ســان پي ايــل او جــا لاڳاپــا خراب ٿي پئي سگهيا.

لبيــا هن وقت نــه عــرب دنيــا جي ڌڪ ۽ نــه وري خوشين ۾ شامل آهي. ان کي ايترو ته پاسيرو ڪيــو ويو آهي، جـو هن عـرب ملڪ مٿـان لاڪـربي ڪيس هيٺ گڏيل قومن طرفان پابنديون مڙهيل آهن. انهن پابندين خلاف ڪوبه آواز اٿـارڻ وارو نـاهي. لبيـا جي عــوام کي انهن پابنــدين ســبب پهچنــدڙ نقصــان ۽ تڪليفن ڏانهن ڪوبه عرب ملڪ يا ڪا ٻي دنيـا ڌيـان نه پئي ڏئي. ان ڪري لبيا جو ڪرنل قذافي دنيا جــو ڌيان ڇڪرائڻ چاهي ٿـو تـه سـندس خلاف هن انيـاءَ جو انت آندو وڃي. ساڻس به انصاف ڪيو وڃي.

لاڪربي ڪيس متعلق لبيا جي سربراهه جـو مؤقـف بلڪــل صــحيح آهي. آمريڪــا ۽ برطانيــه لاڪــربي معـاملي متعلــق لبيـا خلاف ڪـو بـه ثبـوت نـه ڏئي سگهيا آهن ته ان تخريبي ڪارروائيءَ ۾ لبيــا جي ٻن رهواسين جو هٿ هو. ان هوندي به لبيـا جـو مؤقـف آهي ته هـو انهن ٻن لبيـائي باشـندن کي آمريڪـا يـا برطانيه جي حـوالي ڪـرڻ بـدران ڪنهن ٽـئين ملڪ حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهي. جيئن سندن مٿــان ڪيس هلائي ثبــوت مهيــا ڪيــا وڃن. پــر هن معــاملي تي آمريڪــا ۽ برطانيــه جي هٺ ڌرمي ڪنهن بــه آزاد ملڪ ۽ ان جي باوقـار قـوم طرفـان تسـليم ڪــرڻ انتهـائي اذيت نـاڪ عمـل هونـدو. اولهــه جـا ملڪ لاڪربي ڪيس جو الزام نه صـرف لبيـا، پـر ڪـڏهن ڪڏهن ايران مٿان به مڙهيندا رهيـا آهن. جنهن مـان سندن بدنيتي وائکي ٿي پئي ٿي. ان ڪري لبيا مٿــان لاڪــربي ڪيس هيٺ مڙهيــل پابنــديون نــه صــرف عالمي اصولن جي سخت خلاف آهن. پر اهي عــرب دنيـا جي وقـار مٿـان بـه بـدنما داغ آهن. ان ڪــري ضرورت ان ڳالهه جي آهي تـه لبيـا سـان ٿينـدڙ هن

ناانصافي تي نه صرف عرب دنيا، پر سڀ آزاد انصاف پسند ملڪ آواز بلند ڪن.
هن وقت جڏهن گڏيل قومن جو ادارو پنهنجي 50 هين سالگرهه ملهائي رهيو آهي، ان وقت ان جي ميمبر ملڪن ڪي لبيا سان ٿيل ناانصافي خلاف آواز بلند ڪرڻ گهرجي. هونئن به جڏهن لبيا لاڪربي ڪيس ملوث قرار ڏنل ٻن لبيائي رهواسين ڪي ڪنهن ٽئين غير جانبدار ملڪ حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهي سندس مؤقف آهي ته انهن تي پلي آمريڪا برطانوي قانون هيٺ ڪيس هلي ته پوءِ ان خلاف هڪ طرف ڪارروائي جو ڪوبه بنياد نظر ڪونه ٿو اچي.
هتي هڪ ڳالهه ڪرنل قذافي ڪي به سمجهڻ گهرجي ته هو هاڻ ان پوزيشن نه رهيو آهي نه وري ماضيءَ واريون اهي حالتون ساڳيءَ طرح موجود آهن، جن هيٺ ”عرب ازم“ جي نعري هيٺ سڄي عرب دنيا هلچل پيدا ڪري ڇڏجي يا يهوديت سامراجيت خلاف ويڙهه جي للڪار هيٺ دنيا ڪان پنهنجو مؤقف تسليم ڪرائي سگهجي. ڇاڪاڻ ته عرب ملڪ وڏين تبديلين ڏانهن وڌي رهيا آهن. انهن ڪي پراڻن نعرن هيٺ پنهنجن انفرادي مفادن تان هٿ نه ٿو کڻائي سگهجي. نه وري ڪنهن ٻئي برادر ملڪ خاطر پنهنجون خوشيون قربان ڪري سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته عرب دنيا ڏاڍي تبديل ٿي چڪي آهي.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 21 آڪٽوبر 1995ع)

فرانس جا ايٽمي ڌماڪا ۽ دنيا جو امن

دنيا اندر ايٽمي هٿيارن جي تياريءَ ۽ ڦهلاءُ تي بندش لاءِ ٿيندڙ گهڻ طرفيون ڪوششون، جتي پنهنجا مثبت نتيجا حاصل ڪري رهيون آهن، اتي ڪجهه ملڪن طرفان ايٽمي طاقت بنجڻ واري خواهش به ڏينهون ڏينهن جنونيت جا سڀ ليڪا لتاڙي رهي آهي. اهو جنون يا خواهش ڪا ايٽم بم يا ٻين تباهي ڦهلائيندڙ هٿيارن سان محبت يا چاهت ناهي، پر اصل ۾ دنيا اندر اڳ ئي موجود ايٽمي طاقتن ڪان خوف ۽ ڊچ تي ٻيٺل آهي. ڪيترن ئي فوجي لحاظ کان ڪمزور ملڪن کي هر وقت پنهنجي وجود ۽ بقا متعلق خطرو موجود آهي، ان ئي خطري کي گهٽ ڪرڻ لاءِ نه چاهيندي به اهي طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا، جن ذانهن عام رواجي حالتن ۾ سوچڻ به گناهه تصور ڪيو ويندو آهي. ڇا ڪو ملڪ يا قوم اهو چاهيندي ته هن جي خوفناڪ هٿيارن جي استعمال سان هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جهڙا سوين شهر تباهه ۽ برباد ٿي وڃن. انسانن سميت پکي پکڻ، مال متاع، وڻ ٽڻ ۽ ساوا ساوا کيت گهڙي پل اندر خاڪ ٿي وڃن. پر پوءِ به صرف پنهنجي مخالف

قوت جي بليڪ ميلنگ، ناجائز دٻاءُ ۽ اڳرائي وارن ارادن جو توڙ ڪرڻ لاءِ فرانس ۽ چين ته ٺهيو، پر هندستان، پاڪستان، ايران به ايٽمي هٿيارن کي پنهنجي جياپي جو هڪ ذريعو سمجهن ٿا ۽ ان لاءِ هو پنهنجي بجيٽ ان مقصد لاءِ باهه جي ٻنيءَ ۾ ٻارڻ ٻٽائڻ لاءِ تيار آهن.

اولهه جا ملڪ ۽ خاص ڪري آمريڪا اڄ ڪالهه ايٽم جي عدم ڦهلاءُ جا سڀ کان وڏا داعي آهن ۽ هو ڪنهن به ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻجڻ کان روڪڻ لاءِ هر اهو طريقو استعمال ڪرڻ کان نه ٿا گسن، جيڪو سندن وس ۾ آهي. ڪنهن ملڪ جي اقتصادي ناڪا بندي ڪئي پئي وڃي، ته ڪنهن کي جوابي حملي رستي سبق سيکارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. ڪڏهن چين ۽ ايران خلاف واويلا ڪئي ٿي وڃي ته ڪڏهن پاڪستان کي لٺ ۽ چٺ سان راضي ڪرڻ جا جتن ڪيا ٿا وڃن. پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آخرڪار اولهه جا ملڪ انهن سببن تي ويچار ڪرڻ يا انهن کي کلي دل سان تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ڇو نه ٿا ٿين، جن جي ڪري ڪجهه ترقي يا فته ۽ ترقي پذير ملڪن کي اها ڏکي واٽ اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن آمريڪا، روس ۽ اولهه جا ٻيا ملڪ پاڻ ايٽمي قوتون نه بڻجن ها يا آمريڪا وانگر ان جي استعمال توڙي ان جي استعمال ڪرڻ جي ڌڙڪي جو سبب نه بڻجن ها ته خوفناڪ هٿيارن جي هي ڊوڙ شروع ئي نه ٿي سگهي ها.

اڄ چين، فرانس، ايران، هندستان، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن تي عالمي امن تباهه ڪرڻ جو الزام هڻندڙ، اهو ڇو ٿا وسارين ته جنهن خوفناڪ راند جي ابتدا هنن پاڻ ئي ڪئي هئي. ان ۾ ٻيا ملڪ به مجبورن شامل ٿي ويا آهن. ترقي پذير يا ايٽمي صلاحيت نه رکندڙ ملڪن اڄ جيڪو سفر شروع ڪيو آهي، اولهه

جي ملڪن خاص ڪري آمريڪا ۽ روس ته اها منزل ماڻڻ ڪانپوءِ بـه ان معـاملي ۾ ايـتري اڳـڀرائي ڪـئي آهي، جو ان تي پهچڻ لاءِ ترقي پذير ملڪن کي اجـا سوين سال گهـرجن. اسـٽار وار پروگـرام، خلا مـان خلا ۾ وار ڪنـدڙ ڏور مـار ميزائيـل سسـٽم، سـيارن رستي دنيا جي جاسوسي ڪرڻ جا طريقـا، مخـالف ملڪ جي اليڪٽرانڪ سسٽم کي جام ڪـرڻ جـا گُـر ڪنهن ٽين دنيا جي ملڪ کي نه، پر روس ۽ آمريڪـا کي ئي حاصل آهن. ان صورتحال ۾ بـاقي دنيـا مـان اها اميد رکڻ ته هو پنهنجي ممڪن دفاع کان بــه بي نيـاز بڻجي، عـالمي طـاقتن جي خواهشـن جي غلام بڻجي ويندي، ناممڪن ڳالهه لڳي ٿي.

اسان جو هتي ڪو به اهڙو مطلب ناهي ته دنيا انــدر ايٽمي هٿيــارن جي تيــاري ۾ ڦهلاءُ کي نــه روڪيــو وڃي، يـا ان رجحـان جي حوصـلي شـڪني نـه ٿيڻ گهرجي. پر سوال اهو آهي ته جيستائين خود وڏيـون طـاقتون مهلڪ هٿيـار تيـار ڪـرڻ کـان پاسـو نـه ڪنديون ۽ اڳ موجود ايٽمي هٿيارن کي تباهه ڪــرڻ لاءِ اڳڀرائي نه ڪنديون، تيستائين ڪنهن به ملڪ کي ان ڳالهه جو رضا خوشيءَ توڙي دٻـاءُ ۾ زبردسـتيءَ سـان پابنـد ڪـري نـه ٿـو سـگهجي. هـتي اسـان هندسـتان ۽ پاڪسـتان جـو ننـڍڙو مثـال پيش ڪـرڻ گهـرون ٿـا. ٻنهي ملڪن ۾ پنهنجي وجـود کـان وٺي ڪيئي تڪرار موجود آهن، پاڪستان توڙي هندسـتان اجا سـوڌو هڪ ٻـئي کي دلي طـور تسـليم نـه ڪيـو آهي. ٻنهي طرفن کان موجـود مـذهبي تـوڙي جنگي جنـون ڪـڏهن ڪـڏهن پـاڳلپڻي وارين حـدن کي بـه اورانگي وينـدو آهي. ڪشـمير مسـئلي سـيڙهه جي ڪنڊي واري حيثيت اختيـار ڪـري ورتي آهي. ان ئي مسئلي تي نه صـرف ٽي جنگيـون ٿي چڪيـون آهن.

پـر خـود پاڪسـتان جـو هڪ حصـو ان کـان الڳ ٿي
چڪو آهي. ان صورتحال ۾ جيڪـڏهن ڪنهن بـه هڪ
ڌر وٽ ايٽمي صـلاحيت موجـود آهي تـه ٻـوءِ ٻي ڌر
مـان اهـا توقـع ڪـيئن ٿي رکي سـگهجي تـه هـوءَ
پنهنجي تحفظ يا امڪاني خطري کان بچڻ لاءِ ساڳي
واٽ اختيار نه ڪندي. اها ساڳي صورتحال ٻين انهن
ملڪن سـان بـه لاڳاپيـل آهي، جيڪي ان قسـم جي
خطرن ۽ انديشن جي گهيري ۾ آهن.
اڄ ڪالهه فرانس طرفان لڳاتـار ايٽمي ڌماڪـا ڪيـا
پيـا وڃن. جنهن تي آمريڪـا ۽ ان جـا اتحـادي ڏاڍا
مچريل نظر اچي رهيـا آهن. جـڏهن تـه ان کـان اڳ
چين ۽ ايران سميت پاڪستان کي بـه سـاڳي طـرح
جي ڪاوڙ ۾ ڪـروڌ کي منهن ڏيڻـو پيـو هـو. گـذريل
ڏينهن فرانس پئسفڪ سـمنڊ انـدر ڪجهـه ئي مـدي
اندر ٽيون ايٽمي ڌماڪو ڪيو آهي. 60 ڪلو ٽنن جي
هن ايٽم بم، جيڪـو هيروشـيما ۽ ناگاسـاڪيءَ تي
ڪيرايل آمريڪي ايٽمي بمن کان چئـوڻ تي طـاقتور
هـو. فـرانس جي پـروارن ملڪن ۾ خـاص ڪـري
پئسفڪ سمنڊ سان لاڳاپيل ملڪن کي ڏاڍو پريشـان
ڪـري ڇـڏيو آهي. فـرانس جي ايٽمي ڌمـاڪن تي
آمريڪا، جپـان، ڏکڻ ڪوريـا، نيوزيلينـڊ ۽ ٻين ملڪن
ڏاڍي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيـو آهي تـه ان سـان
فـرانس جي عـالمي ڪـردار تي خـراب اثـر پونـدو.
مـٿين ملڪن جي لفـاظي احتجـاج ڪانسـواءِ خـود
فرانس اندر عوام طرفان ننـڍي پيمـاني تي ڌمـاڪن
خلاف مظاهرا ڪيا ويا آهن.
فرانس جي ايٽمي ڌماڪي تي دنيا طرفان ردعمل يا
اُتان جي عوام طرفان احتجـاج ڪـا انـوکي ۽ اچـرج

جوڳي ڳالهه ناهي. عالمي امن لاءِ اهو عمل هڪ سٺو سنوڻ آهي. پر هتي اسان آمريڪا سميت انهن بين ملڪن جي عوام کي به اپيل ڪنداسين ته هو به پنهنجن ملڪن جي ايٽمي سگهه ۾ ان مان جوڙيل خوفناڪ هٿيارن خلاف آواز بلند ڪن. جيئن اڳ ئي ايٽمي قوتون بڻجي ويل ملڪ نه صرف پنهنجي جوهري مرڪزن ۾ پيانڪ هٿيارن جي تياري بند ڪن، پر هڪ اهڙي عالمي معاهدي ڏانهن اڳتي اچن، جيئن عالمي سطح تي نه صرف خوفناڪ هٿيارن جي تياري کي بنجو اچي، پر اڳ موجود هٿيارن کي تباهه ڪرڻ جو به ڪو امڪان پيدا ٿي پئي. ٻي صورت ۾ دنيا اندر ايٽمي عدم ڦهلاءَ وارا خواب صرف خوبصورت خواب ئي رهجي ويندا.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 31 آڪٽوبر 1995ع)

¬¬¬

اسرائيلي وزيراعظم رابن جو موت ۾ وچ اوير ۾ امن جي خواهش

4 نومبر تي هڪ يهودي انتها پسند هٿان اسرائيلي وزيراعظم اسحاق رابن جي قتل سان وچ اوير ۾ سرچاءَ ۾ امن واري خواهش کي زبردست ڌڪ لڳو آهي. رابن، اسرائيل جو اڪيلو ڌرتي ڄائو حڪمران هو، جنهن جنگ سٽيل ۾ باهه اوڳاڇيندڙ خطي ۾ امن

جو ٻوٽو پوکيو. پر جڏهن اهو سدا بهار ٻوٽو سرهاڻ ۾ سگهنڌ وارو ثمر ڏيڻ جي عمر تي پهچڻ وارو هو ته ان جي خالق کي ان جي ثمر کان محروم ڪيو ويو.

گذريل اڌ صديءَ کان عرب دنيا اندروني ويڙهه، سرحدي جنگين ۾ دهشتگرديءَ جو اڏو بڻيل رهي آهي. ڪٿي مدي خارج شهنشاهتون قائم آهن ته ڪٿي وري جنگجو فوجي جرنيل عوام جي اڇي ڪاري جا مالڪ بڻيا ويٺا آهن. انتها پسند مذهبي تنظيمن ته هن خطي کي دوزخ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. مذهب جي نانءُ جو غلط استعمال جيترو هن خطي ۾ ٿيو آهي، اوترو شايد دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ نه ٿيو هجي. مسلمان هجن يا يهودي ۾ عيسائي هڪ ٻئي جي ئي رت جا پياسا بڻجي ويا آهن. هن خطي ۾ جنونيت پاڳلپڻي ورايون حدون به اورانگهي چڪي آهي. هيل تائين 11 سربراهه ان جي باهه ۾ پسم ٿي چڪا آهن. اڃا به خبر ناهي ته ڪيترن ماڻهن کي رت ۾ باهه جي اوڙاهه ۾ ڌڪيو ويندو.

جيڪڏهن عرب دنيا اندروني نااتفاقين، آپيشاهيءَ ۾ ننڍڙن مفادن خاطر مستقل دشمنين جو ميدان نه بڻيل هجي ها ته اڄ فلسطيني ٻين جي درن تي دربدر نه هجن ها، اسرائيلي جارحيت ۾ اڳرائي موجوده شڪل نه وٺي سگهي ها. اسرائيل جي تشدد ۾ والار پسندي واري روپ پٺيان جتي ٻيا ڪيترائي سبب موجود آهن، اتي عرب دنيا جي ڪمزورين، نااتفاقين، غلط حڪمت عملين ۾ ڇڙواڳي به پنهنجا عرب دشمن منفي اثر ڏيکاريا آهن. جيڪڏهن عرب دنيا پاڻ ئي زواليت جو شڪار نه هجي ها ته هڪ ننڍڙي ماڪوڙيءَ جيترو ملڪ هيڏين اجگر قوتن جي گهيري ۾ هجڻ باوجود گولان جي ٻهاڙين، الهندي ڪناري ۾ لبنان جي ڪجھ حصي تي والار نه ڪري سگهي ها.

اسان تسليم ڪريون ٿا ته اسرائيل کي طاقت ۽ قوت بخشيندڙ ۽ سندس جنگي جارحيت کي هٿي ڏيندڙ آمريڪا ۽ برطانيه سميت اولهه جا ٻيا ملڪ به رهيا آهن. پر عرب ملڪن، پنهنجي دشمن جي اتحادين سان جيڪو لاڳاپو رکيو آهي ۽ انهن سان دوستين جا جيڪي معراج ماڻيا آهن. ان ۾ قصور وار صرف اسرائيل کي قرار ڏئي نه ٿو سگهجي. سعودي عرب، مصر، اردن، ڪويت وغيره آمريڪا جا پڳ مٽ يار رهندي به اسرائيل کي پنهنجي اڳرائي وارن مقصدن کان باز رکي نه سگهيا. فلسطينين کي دربدر ٿيڻ کان بچائي نه سگهيا. لبنان کي تباهه، برباد ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کان بچائي نه سگهيا. لبيا تي پابندين خلاف ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي سگهيا. عراق سان پاڻ نبيرو ڪرڻ بدران ان خلاف عالمي طاقتن جي فوجي ڪٽڪن کي ڪاهي آيا. اڄ به عراق ۽ لبيا جو عوام عرب ملڪن جي ڪانئرپڻي جي سزا ڀوڳي رهيو آهي.

عرب دنيا کي اسرائيل جهڙي ننڍڙي ملڪ هٿان جيڪا ذلت ۽ خواري نصيب ٿي آهي. ان جو هڪ وڏو سبب اهو به رهيو آهي ته اتان جي حڪمرانن ۽ عوام وچ ۾ وڏيون وٿيون ۽ وڇوٽيون رهيون آهن. شهنشاهن عوام سان جيڪو سلوڪ ڪيو آهي، تنهن عوام کي نراساين ۽ ويڳاڻپ جي کُن ۾ اڇلي ڇڏيو آهي. عوام جا حڪومتن سان لاڳاپا ايترا ته خراب رهيا آهن، جو جڏهن به ملڪ خلاف ڪا جارحيت ٿي آهي ته ان کي ملڪ نه پر حڪمرانن خلاف جنگ سمجهي عوام ان کان پري رهڻ گهريو آهي. ان ئي سبب ڪري وچ اوڀر جا حڪمران ۽ عوام به الڳ الڳ جنسون ٿي رهجي ويا آهن. جڏهن ته اسرائيل، وچ اوڀر جو ملڪ هوندي به جمهوريت جي ڌاڳي ۾ عوام ۽ حڪمرانن کي تسبيح جي داڻن وانگر پوئي ڇڏيو آهي. هڪ اڳرائي پسند ملڪ جي سياستدانن

جي اخلاقيات ۽ سياسي سمجهه ته ڏسو جو جــڏهن
وزيـــراعظم رابن جي قتــل كـــانپوءِ قـــائم مقـــام
وزيراعظم شمعون پيريز اقتدار جون واڳون سنڀالي
ٿو ته اتان جي مخالف ڌر لكوڊ پارٽي جـو سـربراهه
نئين حكمران سان تعاون كرڻ جو اعلان كري ٿو.
لكوڊ پارٽي جو سربراهه بينجمن اسرائيلي ٽيليويزن
كي انــٽرويو ڏينــدي چــوي ٿــو تــه، ”جمهــوريت ۾
حكومتـون قتـل سـان نـه پـر چونـڊن سـان تبـديل
ٿينديون آهن.“
وچ اوڀـر ۾ اسـرائيل كي سـيڙهه جي كنـڊي واري
حيــثيت رهي. جنهن ڏينهن كـــان هن رياســـت جـــو
مذهب ۽ نسل جي بنياد تي وجود ٿيو آهي، ان ڏينهن
كان هن خطي جي ڌرتي تتل ٽامون بڻجي وئي آهي.
مذهب جي بنياد تي نه صـرف هي ڌرتي فلسـطينين
كـان خـالي كـرائي وئي پـر سـڄي دنيـا مـان تڙيـل
يهودين لاءِ هن ملک جون سـرحدون كوليـون ويـون.
ڌرتي ڌڻين كي دربدر كري روس، آمريكا، جرمـني،
برطانيه ۽ ٻين ملكن مان يهودي آڻي صرف مـذهب
جي بنياد تي هک هنڌ كٺي كيا ويا. اسرائيل ۾ آبـاد
ٿيندڙ يهـودين جي نـه قـوم سـاڳي هـئي، نـه سـاڳي
ٻولي ڳالهائيندڙ هئا، پر صـرف هک جنـون جي بنيـاد
تي كين متحد ۽ منظم كيو ويو. سندن اتحاد ۽ ٻـڌي
كي برقرار ركڻ لاءِ سندن ذهنن مٿـان عـرب ملكن
۽ دربدر ٿيل فلسطينين جـو خـوف ۽ ڌهكـاءُ سـوار
كيـو ويـو. جنهن كـري خـوف ۾ محـروم ٿيڻ واري
احساس هيٺ سندن وچ ۾ قوم ۽ ٻوليءَ جي بنيـادن
تي تضاد دٻيل رهيا. هو پنهنجي ناجائز وجود جي بقـا
لاءِ ايذا ته وحشي بڻجي ويا، جو هنن پاڻ كي مهـذب
۽ جمهوريت پسند سڏائيندي بـه هٽلـر ۽ موسـوليني
جي ظلمن ۽ شـرمناكين كي بـه مـات ڏئي ڇـڏي.
مصر ۽ شـام، لبنـان ۽ اردن خلاف اڳرايـون كيـون
ويون. لبنان كي پنهنجي وحشـپڻي جـو مركـز بڻـائي

چڏيو. عراق خلاف به توسيع پسندي ۽ جارحيت کان نـه ڪيـايو ويـو. پـر ڏرتي کـان ڏڪجي ڏار ڪيـل فلسـطيني سـندن هـر اڳـرائي آڏو لوهـه جي ديـوار بڻجي ويا. فلسطينين پي ايل او جي پليٽ فـارم تـان اسـرائيل خلاف جنهن تحـريڪ جـو آغـاز ڪيـو، تنهن هيــترن ســارن عــرب ملڪن جــو نڪ ۾ دم ڪنــدڙ اسرائيل کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.
فلســطينين جي اڻٿڪ جدوجهــد جي نــتيجي ۾ نــه صرف عرب دنيا جي عوام ۾ سـجاڳي اچڻ لڳي پـر وچ اوڀر سان مفاد رکنـدڙ ملڪ بـه هن مسـئلي جـو ڪو نه ڪو حل سوچڻ تي مجبـور ٿي پيـا. اسـرائيل جو امن ۽ استحڪام ايتري قـدر تـه خطـري ۾ پئجي ويو، جو هو پنهنجي دشمنن سان هڪ ٽيبـل تي ويهڻ لاءِ تيـار ٿي ويـو. آمريڪـا ۽ برطانيــه جهــڙا ملڪ، جيڪي ڪالهه ياسر عرفات کي دهشتگرد قرار ڏيندا هئا، سي سندس استقبال ڪرڻ تي مجبـور ٿي ويـا. هڪ طرف فلسطينين جي لڳاتار جدوجهد ۽ جستجو دنيـا کي هن مسـئلي ڏانهن متوجهـه ڪيـو، تـه ٻئي طرف ڪويت تي عراقي چڙهـائي کـان پـوءِ شـروع ٿيندڙ نـار جنـگ آمريڪـا ۽ اولهـه جي ملڪن کي وچ اوڀــر متعلــق پنهنجن پاليســين ۽ حڪمت عملين ۾ تبديلي آڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. عراق، شام ۽ لبيا ڏينهـون ڏينهن اسـرائيل جي وجـود لاءِ خطـري جي گهنڊ ثابت ٿيا. ڪيترن ئي عرب ملڪن جا حڪمـران ۽ شهنشاهه ته آمريڪـا جـا دوسـت هجڻ ڪـري اڻ سڌي طرح اسرائيل جا به يار بڻيل هئـا، پـر انـدر ئي اندر عوام منجهه جيڪا سجاڳي پئـدا ٿي رهي هـئي. تنهن شهنشاهن سميت سندن پرڏيهي آقـائن کي بـه ڏڪائي ڇڏيو. ان لاءِ ضـروري هيـو تـه اسـرائيل جي چـوڌاري ڪُـر ڪٽنـدڙ خطـرن جـو خـاتمو آنـدو وڃي. جيئن هي يهودي رياست مستقل خوف واري حــالت مان ٻاهر نڪري سگهي.

متين ئي سببن جي ڪري آمريڪا ۽ اولهه جي ملڪن سيپٽمبر 1993ع ۾ اسرائيل ۽ پي ايل او وچ ۾ ”اوسلو ٺاهه“ ڪرايو. هي ٺاهه دنيا جي تاريخ ۾ هڪ انوکي قسم جو واقعو هو. ٺاهه ڪندڙ ڌريون يعنيٰ اسرائيل جي ليبر پارٽي جي سربراهه ۽ وزيراعظم اسحاق رابن ۽ پي ايل او جي سربراهه ياسر عرفات هن ٺاهه ذريعي هڪ طرف اڌ صديءَ کان هلندڙ دشمني ۽ ويڙهه کي دوستي ۽ امن ۾ تبديل ڪيو هو ته ٻئي طرف هنن پنهنجو وجود ئي داءَ تي لڳائي ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ ته ٻنهي طرفن کان موجود انتها پسند ان قسم جي معاهدي کان خائف هئا. اسرائيل جي وزيراعظم رابن پنهنجي ملڪ جي سالميت ۽ استحڪام آڏو ناچ ڪندڙ خطرن کي ٽارڻ ۽ امن حاصل ڪرڻ لاءِ والاريل عرب علائقن تان هٿ ڪڍڻ جو فيصلو ڪري انهن انتها پسند يهودين کي پنهنجو دشمن بڻائي ڇڏيو هو، جيڪي عظيم تر اسرائيل لاءِ هر ڪڏي کان ڪڏو ڪم ڪرڻ لاءِ به تيار هئا. هو هزارين سال اڳ واري اسرائيل جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ان کي ٻيهر وڃائڻ کي وڏو گناهه سمجهي رهيا هئا. هو ماضيءَ واري اسرائيل جي وري ظهور پذير ٿيڻ کي قدرت جو ڪرشمو سمجهندي، ان جي بچاءَ ۽ استحڪام لاءِ ”مقدس جنگ“ وڙهڻ لاءِ تيار هئا.

”اوسلو ٺاهه“ يهودين وچ ۾ داخلي تضادن کي چٽو ڪري ڇڏيو. جيڪي ماڻهو اڳ مذهب جي بنياد تي متحد هئا، سي هاڻ پنهنجي قومي، لساني ۽ نسلي بنيادن تي وکرڻ لڳا. ڪيئي انتهاپسند تنظيمون منظر عام تي اچي ويون. متحد مذهبي قوم وارو تصور ۽ ان بنياد تي بيٺل اتحاد ۽ پائيچارو ڇيهون ڇيهون ٿيڻ لڳو. نه صرف ”اوسلو ٺاهه“ يهودين جي اتحاد کي پچي پورا پورا ڪري ڇڏيو پر خود فلسطيني به هن سوال تي ورهائجي ويا. پي ايل او

 الفتح وارو سـگهارو گـروپ محـدود خودمختيـاري حاصـــل کـــرڻ لاءِ ان ٺاهـــه کي پنهنجي هڪ وڏي سـوپ قـرار ڏئي رهيـو هـو تـه ٻئي طـرف حمـاس تنظيم ان ٺاهـه کي فلسـطينين سـان غـداري قـرار ڏيندي ان کي نه صرف رد کري ڇڏيو، پـر اسـرائيل خلاف ڪارروائين شروع ڪـرڻ جـو اعلان بـه ڪـري ڇڏيو.

پي ايل او والاريل الهندي ڪناري غزا جي پـٽيءَ جيڪا محدود خودمختياري حاصل ڪئي هئي. ان کي صرف جنون انتها پسـندي جي بنيـاد تي رد ڪـرڻ هڪ ناانصافي چئي سگهجي ٿو. نـار جي جنـگ کـان پوءِ فلسطيني جيئن پوءِ تيئن اڪيلا ويڳاڻا ٿي رهيـا هئا. گـوريلا جنـگ بـه جيتـوڻيڪ وڏيڪ عرصـي تـائين پنهنجي پوري طاقت سان جـاري رهي، پـر اُهـا ڪي به مثبت نتيجا ڏئي نه سگهي. اٿلندو سندن جدوجهـد پنهنجن ميزبان ملڪن لاءِ پريشانين مشڪلاتن جـو سبب بڻجي رهي هئي. ڪيـترن ئي عـرب ملڪـن نـه صرف فلسطينين کي امداد ڏيڻ بند ڪري ڇڏي، پـر هو ڪين پنهنجن ملڪـن به برداشت ڪـرڻ لاءِ تيـار نه هئا. فلسـطيني تـيزيءَ سـان پنهنجـا بيس ڪئمپ وڃائي رهيا هئا. ان لاءِ هنن وٽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪـو به چارو نه هو ته هو والاريل الهنـدي ڪنـاري غـزا جي پـٽي محـدود خودمختيـاري حاصـل ڪـري، ان علائقي کي پنهنجو بنياد بڻائي مڪمل آزادي ماڻين.

سـرد جنـگ جي خـاتمي کـانپوءِ دنيـا تبـديل ٿي رهي هئي. صرف لٺ جي بنياد تي پنهنجا حـق حاصـل نـه ڀيا ڪـري سـگهجن. ان لاءِ ٻين پـر امن طـريقن کي آزمـائڻ لاءِ بـه ميـدان موجـود هـو. اهـڙيءَ طـرح اڌ صـدي کـان جنـگ جي حـالت رهنـدي بـه ڪجهـه حاصل نه ڪري سگهندڙ فلسـطينين ٻي واٽ اختيـار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اوسـلو ٺاهـه تي تنقيـد ڪنـدڙ ڌريون هاڻ انهن حقيقتن کان اڪيـون ٻـوٽي نـه ٿيـون

سگهن ته ان ناهه ئي تازو مصر ۽ ٿيندڙ ناهه ۾ فلسطينين کي وڏيک اختيار ڏيڻ جو دڳ کوليو. ان ئي واٽ رستي هو ڪجهه ئي عرصي اندر مڪمل آزادي واري منزل ماڻڻ وارا آهن. جنهن جو احساس هاڻ خود انتها پسند فلسطيني تنظيم حماس کي ٿيڻ لڳو آهي. جنهن ڪري هن تازو پي ايل او سان نه صرف ناهه ڪيو آهي، پر فلسطيني ڪائونسل لاءِ ٿيندڙ چونڊن ۾ حصي وٺڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان ڪائونسل جي چونڊن سان ئي دنيا جي نقشي تي هڪ فلسطيني آزاد ۽ خودمختيار رياست وجود ۾ اچي ويندي. فلسطين جي آزادي ۽ خودمختياري جا چٽا آثار نظر ايندي به ڪجهه انتها پسند فلسطيني ڌريون ان ساڳي واٽ تي هلي رهيون آهن، جنهن محرومين کان سواءِ ڪجهه به نه ڏنو آهي. ايتري قدر جو هي انوکي منزل ماڻيندڙ ياسر عرفات به انهن انتها پسند تنظيمن جي نشاني تي آهي.

حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسحاق جي پوئلڳن کي هڪ ڪندڙ اسحاق رابن جي موت کان پوءِ وچ اوير ۾ امن لاءِ ٿيندڙ ڪوشش کي جيتوڻيڪ ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي، پر پوءِ به تاريخ جي ڦيٿي کي ڪو به ابتو ڦيرائي نه ٿو سگهي. جن انتها پسند قوتن سمجهيو هو ته هو رابن کي ماري امن ۾ سرچاءَ وارين ڪوشش کي ڪچيءَ ۾ ئي دفن ڪري ڇڏيندا. عوام انهن کي تاريخ جي ڪباڙ خاني ۾ اڇلي ڇڏيندو. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته في الحال والاريل الهندي ڪناري ۽ غزا جي پٽي ۾ امن واريون ڪوششون اهي گهربل نتيجا ڏئي نه سگهنديون. جنهن جي ياسر عرفات ۽ رابن کي اميد هئي. ٻنهي طرفن کان انتها پسند قوتن جي وري اڀرڻ جو انديشو موجود آهي. خاص ڪري الهندي ڪناري ۾

اسـرائيلي فـوج جي موجـودگي يهـودي بسـتيون ٻرندي تي تيل جـو ڪم ڏئي سـگهن ٿيـون. رابن جي موت کان پوءِ خود اسـرائيل بـه انـدرين تضـادن جـو شـڪار ٿي سـگهي ٿـو. ليـبر پـارٽي جي موجـوده وزيراعظم شمعون پيريز لاءِ به مشـڪلاتون پئـدا ٿي سگهن ٿيـون. خـاص ڪـري سـندس مخـالف لڪـوڊ پارٽي هن صورتحال مان ڀرپور فائـدو حاصـل ڪـرڻ جي ڪوشش ڪندي، جيڪا شروع کان سرچاءَ واري عمـل جي مخـالف رهي آهي. ٻـئي طـرف اسـرائيل اندر عـام چونـڊن بـه هڪ سـال وجي رهيـو آهي. جنهن ڪـري ٻئي ڌريون اهڙي واٽ اختيـار ڪنـديون، جنهن سان اسرائيلي عـوام جي وڏ ڪـان وڏ حمـايت حاصل ٿي سـگهي. جيتـوڻيڪ يهـودي معاشـرو ”امن ٿاهه“ کانپوءِ پڇ ڊاهه جو شـڪار آهي، پـر عـوام جي اڪثريت هاڻ ان حقيقت کي تسليم ڪـرڻ لڳي آهي ته مسـتقل دشـمنين جي خـاتمي لاءِ والاريـل عـرب علائقن تـــان قبضـــو ختم ڪرڻـــو پونـــدو. اڳـــوڻي وزيـراعظم کي امن لاءِ کيـل پيش قـدمي عـوام جي وڏي انگ جي حمايت حاصل هئي. اهو ئي سبب هيو جو هن نـه صـرف فلسـطينين کي خودمختيـاري ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هـو، پـر لبنـان جي قبضـي هيٺ آيـل علائقي سـميت شـام جي گـولان وارين پهـاڙين تان به قبضو ختم ڪـرڻ جـو اصـولي فيصـلو ڪـري ڇڏيو هـو. پـر هُن ان عمـل جلـدي ڪـرڻ کـان ان ڪري پرهيز ڪئي هئي، جو ايندڙ سـال عـام چونـڊن هو مخالف لڪوڊ پارٽي کي اهـڙو ڪـو بـه موقعـو ڏيڻ لاءِ تيار نه هو، جنهن سان انتها پسند ٻيهر اقتدار اچي وڃن ســـرچاءَ واري عمـــل کي نقصـــان

رسـائين. هـتي اسـان آمريڪـا جي ڪـردار کي بـه نظرانداز نه ٿـا ڪـري سـگهون، جنهن عـرب دنيـا پنهنجي حمايت برقرار رکڻ لاءِ اسرائيل تي بدسـتور دٻاءُ موجود رکيو تـه هـو نـه صـرف فلسـطينين جي علائقن تـان قبضـو ختم ڪـري پـر شـام جي گـولان پهـاڙين لبنـان جي ڪجهـه سـرزمين تـان بـه والار ختم ڪـري.
جيڪڏهن ايندڙ سال اسرائيل چوندن جي نتيجي لڪود پارٽي به اقتدار اچي ٿي ته ان لاءِ اها ڳالهـه انتهائي مشڪل هوندي ته هو آمريڪا جي ناراضـگي کٽي سرچاءَ واري عمـل کي پوئـتي ڌڪـي ڇـڏي. ان ڪـري رابن جي مـوت سـان وچ اوپـر امن وارين ڪوشش کي عارضي طور ته نقصان رسيو آهي پر مسـتقبل اهي ڪوشـشـون پرپـور طـريقي سـان جـاري رهنـديون. هن عمـل خـاص ڪـري والاريـل بيت المقدس جي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ وقت دشواريون پيش اچي سگهن ٿيون. ڇاڪاڻ ته يهودي تـوڙي مسـلمان هن شـهر متعلـق انتهـائي حسـاس آهن. ڪا به ڌر ان تان دسـتبردار ٿيڻ لاءِ تيـار نـاهي. ڪجهـه وقت اڳ اسـرائيلي حڪـومت ان ڳالهـه جـو اشارو ڏنو هو ته بيت المقدس گڏيل ڪنٽرول ڏئي سگهجي ٿو. عرب ملڪ فلسـطيني في الحـال ان رٿ تي ڪا به ڳالهه ٻول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. ڇاڪاڻ ته سندن نظر هيءُ مقدس شهر صرف مسـلمانن جي ڪنــٽرول ئي ڏنــو وڃي. بيت المقــدس جي قبضي کان سـواءِ والاريـل علائقن يهـودي بسـتين جي موجودگي بـه ڇڪتـاڻ اضـافو ڪـري سـگهي ٿي. ڇاڪــاڻ تــه انتهــا پســند يهــودي مســلمان تنظيمون ڪنهن به وقت اهڙي صورتحال پئدا ڪــري سگهن ٿيون، جيئن ٻيهر ڇڪتاڻ اضافو ٿئي.
رابن جو قاتل وگل عامر

اسرائيلي وزيراعظم اسحاق رابن کي قتل کندڙ انتها پسند يهودي نوجوان وگل عامر جو چوڻ آهي ته ”مون کي خدا جو حکم هو، جنهن هيٺ مان اسرائيل جي وزيراعظم کي خدا ڏانهن موکلي چڏيو.“ قتل جو اقرار کندڙ نوجوان پنهنجي ان کڏي عمل تي نه پشيمان آهي، نه وري ان تي کيس پڇتاءُ آهي. هو چئي ٿو ته مان اهو عمل اڪيلي سر کيو، ڇاڪاڻ ته خدا طرفان مون کي وزيراعظم کي قتل کرڻ جون هدايتون مليل هيون. 27 سالن جو وگل عامر تل ابيب جي بار الن يونيورسٽيءَ قانون جو شاگرد هو ساڳي وقت کمپيوٽر شعبي به پڙهندو هو. وگل عامر جو پيءَ رابي شولومو اٺن ٻارن جو پيءُ آهي. وگل عامر رابي جو ٻيو نمبر پٽ آهي. سندن خاندان تل ابيب کان اتر طرف حرزليا جي شهر رهندڙ آهي. وگل جي پيءَ پٽ جي ان عمل تي رئندي چيو ته، ”منهنجي پٽ ڇا کري چڏيو. اي خدا هن اهو چو کيو؟“ اها ته خبر نه پئي پئجي سگهي ته هو وزيراعظم رابن جي قتل تي روئي رهيو هو يا پنهنجي پٽ جي کارروائي تي پر هن جي اکين نير وهي رهيا هئا. هو چئي رهيو هو ته ”هُن جي ذهن قتل جي سوچ کيئن آئي؟ هن جي اٿڻ ويهڻ مان ته اسان کڏهن به اهو اندازو نه لڳايو هو ته هو ايئن کندو.“

وگل عامر ننڍپڻ هک يهودي مذهبي اسکول تعليم حاصل کئي بعد اسرائيل فوج جي ”ايلائٽ گولان انفينٽري بريگيڊ“ شموليت اختيار کئي. ان کانپوءِ هن يونيورسٽي داخلا ورتي. سندس دوستن جو چوڻ آهي ته هو گذريل ٽن سالن کان هک يهودي انتها پسند تنظيم ”ايل گروپ“ سان وابستا هو. جڏهن ته ان تنظيم جي سربراهه اويشي راوڊ ان کان انکاري آهي. هن ٻڌايو آهي ته وگل

عامر سندن تنظيم جـو ميمـبر نـه هيـو. وگـل عـامر متعلق ٻڌايو وڃي ٿو ته هن والاريـل الهنـدي ڪنـاري جي هيبرون شهر جا ڪيـترائي ڀيرا دورا ڪيـا ۾ اتي انتها پسند يهودي آبادڪارن جي گـروپن سـان لاڳاپـا قائم ڪيا. قاتل عامر الهندي ڪنـاري ۾ يهـودين جي آبادڪاريءَ جو زبردست حـامي هيـو. اهـو ئي سـبب هيو جو هو نه صرف فلسطينين جو ڪٽر مخالف هو، پر ساڳي وقت وچ اوڀـر ۾ امن لاءِ ٿينـدڙ ڪوشـشـن کي به نفرت جي نگاهه سان ڏسندو هو.

4 نومبر تي وگل عامر پنهنجي شهر کان بس ذريعي تـل ابيب پهتـو. ظـاهري طـور تـه هـو ”تـاريخي امن ريلي“ ۾ شـرڪت ڪـرڻ آيـو هـو، پـر اصـل ۾ هـو وزيــراعظم رابن کي ئي قتــل ڪــرڻ لاءِ گهــران سنبري نڪتو هو. وگل عامر گرفتـاريءَ ڪـانپوءِ جـاچ ڪندڙ پوليس عملدارن کي ٻڌايو آهي ته هُن ان کان اڳ بـه بـه ڀيرا رابن کي قتـل ڪـرڻ جي ڪوشـش ڪئي هئي، پر ان ۾ ڪامياب وڃي نه سگهيو. پر هن ڀيري هـو پنهنجي ارادي کي تڪميـل تي رسـائڻ لاءِ بيچين هيو ۾ ونجهه ملندي ئي رابن کي رت ۾ ٻـوڙي ڇڏيو.

جنهن وقت رابن هڪ لـک مـاڻهن جي امن ريلي کي خطاب ڪرڻ ڪانپوءِ تل ابيب جي ”سٽي هـال“ کـان ٻـاهر نڪـري رهيـو هـو تـه عـامر سـندس مٿـان ٽي گوليــون هلايــون. قاتلانــه حملــو انتهــائي ويجهي مفاصلي تان ڪيـو ويـو. جنهن ڪـري ڪـا بـه گـولي خطـا نـه وئي. چاڪـاڻ تـه وگـل عـامر کي پنهنجي گرفتاري جو ڪو به خوف نه هو، هو قتل ڪانپوءِ پئـدا ٿيندر نتيجن کان بلڪل بي پرواهه هو. ان ڪـري هن انتهـائي آرام ۾ سـڪون سـان پنهنجي ڪـارروائي مڪمـل ڪـئي ۾ گرفتـاري ڏئي ڇـڏي. چاڪـاڻ تـه سندس موجب هن اهو عمل خدا جي حڪم تي ڪيو هو.

4 نومبر کان اڳ وگل عامر ڪجهه هفتا اڳ وزيراعظم رابن کي ان وقت قتل ڪرڻ جو منصوبو سٽيو هو، جڏهن رابن تل ابيب جي اتر ۾ هڪ هاءِ وي جي افتتاح واري تقريب ۾ موجود هو. ان کان اڳ رابن کي 22 جنوري 1995ع تي قتل ڪرڻ جي سازش سٽي وئي هئي. هن پيري قاتل اهڙي وقت ۾ موقعي کي تاڙيو هو، جيڪو سندس نظرئي ۾ سوچ جي بلڪل ابتڙ هو. اسرائيلي فلسطينين سان امن ناهه جو جشن ملهائي رهيا هئا ۾ امن جي علامت کي گولين سان پروڻ ڪيو ويو.
پرڏيهي وزير شمعون پيريز به نشاني تي هو:

قاتل وگل عامر انڪشاف ڪيو آهي ته هو نه صرف رابن کي مارڻ گهري پيو، پر پرڏيهي وزير ۾ هاڻوڪو قائم مقام وزيراعظم شمعون پيريز به سندس نشاني تي هو. ”جيڪڏهن رابن ۾ شمعون پيريز امن ريلي مان گڏجي نڪرن ها ته مان ٻنهي کي نشانو بڻايان ها.“ وگل عامر جاچ ڪندڙ آفيسرن کي ٻڌايو آهي ته هو رابن کي قتل ڪرڻ لاءِ گاڏين جي پارڪنگ طرف ويو، جيئن ڪنهن کي به اهو شڪ نه پوي ته هو ڪنهن ٻئي مقصد خاطر رابن جي ويجهو وڃي رهيو آهي. هو پاڻ کي ڊرائيور ظاهر ڪندي رابن جي پرسان پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.
وگل عامر جو 5 مهينا پراڻو انٽرويو:

مستقبل جي قاتل، وگل عامر کان 5 جون 1995ع ۾ هڪ خبرون ڏيندڙ ايجنسيءَ ”ايل اي ٽي“ جي صحافي بارٽن گيلمن والاريل الهندي ڪناري ۾ انٽرويو ورتو هو. جنهن ۾ هن اسرائيلي حڪومت ۾ پي ايل او وچ ۾ سيپٽمبر 1993ع ۾ اوسلو ۾ ٿيل

ٿاهـه تي شـديد تنقيـد ڪنـدي چيـو هـو تـه، ”يهـودي الهنـدي ڪنـاري تـان قبضـو ختم نـه ڪنـدا، اسـان اسـحاق رابن جي ڪنهن بـه قـدم سـان ٻـڌل نـه آهيون.“
ڪٽر يهودي وڳل عـامر انـٽرويو ڏينـدي چيـو هـو تـه، ”الهندو ڪنارو اسـان لاءِ انتهـائي پـاڪ ۽ پويـتر جـاءِ آهي، ٻه هزار سال اڳ اسرائيل جي تمام وڏي آبادي يروشلم ۽ سماريا ۾ رهنـدي هـئي.“ ”اوسـلو ٺاهـه“ تي تنقيد ڪندي چيو هو ته، ”حڪومت جي ڪرنگهي وارو هـڏو انتهـائي ڪمـزور آهي ۽ هـو امن حاصـل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڏيڻ لاءِ تيار آهي.“
وڳل عامر انٽرويو ڏيندي چيو هو تـه، ”هي حڪـومت گهڻو وقت جٽـاءُ نـه ڪـري سـگهندي.“ ان وقت هن اهڙو ڪـو بـه تـاثر نـه ڏنـو هـو تـه هـو ئي رابن جي خاتمي جو سبب بڻبـو. وڳـل عـامر ڪـان هي انـٽرويو والاريـل الهنـدي ڪنـاري جي هڪ يهـودي بسـتيءَ ۾ ورتــو ويــو هــو. ان مــوقعي تي بســتيءَ ۾ يهــودي نوجوان فلسطينين سان ٺاهه خلاف مظـاهرو ڪـري رهيا هئا ۽ سندن بينرن تي لکيـل هـو تـه ”اسـرائيل جي سرزمين خطري ۾ آهي.“ بســتيءَ ۾ هڪ ”بيت الخلا“ جي پٽ تي اوسلو ٺاهه خلاف بيـنر لڳـل هـو، جــڏهن تــه تــوائليٽ جي بــاقي پــتين تي بــه رابن حڪـومت خلاف نعـرا ۽ فلسـطين سـان نفـرت جـو اظهار ٿيل هو. وڳـل عـامر جـيئن تـه ٻين اسـرائيلين وانگر فوج ۾ خدمتون سرانجام ڏئي چڪو هـو. تنهن ڪري ڪيس پاڻ سـان هٿيـار رکڻ جي اجـازت مليـل هئي. هو انٽرويو ڏيڻ وقت به هٿياربند هو ۽ رابن تي حملي وقت بـه پنهنجي قـانوني هٿيـار سـان هـو. ان وقت امن ريلي ڪان ٿورو پري انتهاپسند يهـودي امن معاهدي خلاف مظاهرو ڪـري رهيا هئا.
عالمي ردعمل:

نومـبر 1995ع تي اسـرائيلي وزيـراعظم رابن جي اوچتي قتل ڪيترن ئي ملڪن ڪي لوڏي چڏيو. خاص ڪري وچ اوپـر جي ملڪن □ خوشـيءَ □ خـوف جـو گڏيل ردعمـل سـامهون آيـو. ڪـتي مـاڻهن خوشـين وچان جشن ڪيا ته ڪتي وري لڙڪ لاڙي هن عظيم اڳواڻ ڪي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. هـتي خـاص طـور فلسـطينين جـو ردعمـل انتهـائي اهميت لائـق آهي. چاڪـاڻ تـه اسـرائيلي □ فلسـطيني گـذريل اڌ صـديءَ ڪـان هڪ ٻـئي جـا جـاني دشـمن رهيـا آهن. نفرتون ايتريون ته عـروج تي رسـي چڪيـون هيـون جو ڪنهن ڪي به اها اميـد ڪـا نـه هـئي تـه هي ٻـئي ڌريون هڪ ميز تي ويهي ڳالهيون بـه ڪـري سـگهن ٿيون. پر دنيا ڏٺو ته جيڪي فلسطيني □ عـرب ملڪ نه صـرف والاريـل علائقن تـان اسـرائيل جـو ناجـائز قبضو چڏائڻ لاءِ آتا هيا، پر هو ته اسـرائيلي رياسـت ڪي فنا ڪـرڻ جـو نعـرو بلنـد ڪيـو وينـا هئـا، تن نـه صــرف هن قتــل جي مــذمت ڪــئي، پــر اردن جي شاهه حسين ته رابن جي آخري رسـمن □ شـرڪت لاءِ به تيار هيو. پر اتهاپسندن طرفان ڪنهن امڪاني ردعمل ڪي نظر □ رڪنـدي اسـرائيلي حڪـومت جي خواهش تي هن تـل ابيب وڃڻ ڪـان پاسـو ڪيـو. ان هوندي به عرفات هن ڪارروائي جي مـذمت ڪـئي. مصر جي حسني مبارڪ به رابن جي آخـري رسـمن □ شرڪت ڪئي.

خاص ڪـري والاريـل الهنـدي ڪنـاري □ فلسـطينين طرفان مليـل جليـل ردعمـل جـو اظهـار ڪيـو ويـو. ڪجهــه فلســطينين هن ڪــارروائي تي خــوش ٿي جشــن ملهايــا □ متــايون ورهــايون، تــه ڪن وري افسوس جو خاموش اظهـار ڪيـو. چاڪـاڻ تـه رابن ئي سندن خوشين □ اضـافي جـو هڪ هلڪـو ڪـرٽـو

ثابت ٿيو هو. لبنان، شام، لبيا، عراق ۽ ايران جي حڪومتن توڙي عوام جو ردعمل خوشيءَ وارو هو. هنن رابن کي دشمن ۽ دهشتگرد قرار ڏيندي، سندس قتل کي پنهنجي پوڪيل پوک لڻڻ واري چوٽيءَ سان تشبيهه ڏني. ٻئي طرف مصر ۾ شاگردن طرفان خوشيءَ ۾ مظاهرا ڪيا ويا. هن موقعي تي سعودي عرب جو ردعمل انتهائي احتياط جوڳو هو. ٻئي طرف هندستان ۾ هڪ ڏينهن جو سرڪاري سطح تي سوڳ ملهايو ويو. جڏهن ته پاڪستان معاملي کان پاڻ کي لاتعلق رکيو.
وزيراعظم رابن جي آخري رسمن ۾ آمريڪا جي صدر ڪلنٽن، روس جي وزيراعظم وڪٽر چرنو مائدرن، ترڪيءَ جي وزيراعظم تانسو چلر، جرمنيءَ جي چانسلر هيلمٿ ڪوهل، برطانيه جي وزيراعظم جان ميجر، فرانس جي صدر جيڪسن چيراڪ، ڏکڻ آفريڪا جي صدر نيسلن منڊيلا سميت 4 هزار مهمانن شرڪت ڪئي. جڏهن ته 3 لک 50 هزار اسرائيلين پنهنجي مقتول وزيراعظم جي آخري رسمن ۾ ڪيس خراج عقيدت پيش ڪيو. اسرائيل جي تاريخ ۾ رابن پهريون وزيراعظم هو، جنهن کي وڏي اعزاز سان دفنايو ويو ۽ عالمي ليڊرن جي ايڏي وڏي انگ سندس تدفين وارين رسمن ۾ پاڻ هلي اچي شرڪت ڪئي.
هن وقت اسرائيل سوڳ ۾ ٻڏل آهي، پر جيئن ئي رابن جي قبر جي مٿي سڪڻ لڳندي تيئن دلين ۾ دفن ٿيل تضاد ٻيهر اڀرڻ لڳندا. جنهن سان اهو اندازو لڳائڻ ۾ آساني ٿي سگهي ٿي ته يهودي رياست جا حڪمران ۽ عوام ڪهڙي نئين حڪمت

عملي اختيار ڪندا. حڪمرانن جي سوچ ۽ عمل ڪي هڪ پاسي رکي اسرائيل جي اندر ۽ والاريل علائقن ۾ عام يهودين جي فلسطينين ۽ امن واري تسلسل ڏانهن ڪهڙي سوچ جڙندي، ان سوچ جي بنياد تي ئي وچ اوڀر ۾ امن لاءِ موجود خواهش جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 12 نومبر 1995ع)

¬¬¬

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

ساٿيهه اشاعت گهر طرفان اسان سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت سان گڏ ڏيهي توڙي پرڏيهي سياست ۽ عالمي نظرين تي وڏ ڪان وڏ جامع ۽ ترقي پسند

سوچ جي ترجماني ڪندڙ مواد ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا رهنداسين. ان مواد ۽ نئين تخليقن سان گڏ اهي پراڻيون شايع ٿيل لکڻيون به شامل هونديون، جيڪي وقتي حالتن مطابق هجڻ سان گڏ، مارڪسي ليننِي سائنسي سوچ جي ترجماني ڪندڙ پڻ هونديون. جيئن سنڌي قوم پنهنجي صحيح ۽ سچي تاريخ، ادب ۽ ثقافت سميت انهن اهم سياسي مسئلن ۽ نظرين کان پڻ واقف ٿيندي رهي، جيڪي نه صرف پوري دنيا تي اثر انداز ٿي رهيا آهن، پر اسان جي پنهنجين اندروني حالتن سان پڻ لاڳاپيل آهن.

اسان پنهنجي عمل جي شروعات سنڌ جي هڪ عظيم انسان باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي زندگيءَ تي هڪ ڪتاب ڇپائڻ سان ڪري رهيا آهيون.

باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، پهريون ماڻهو هو، جنهن سنڌ اندر صحيح معنى ۾ سماجوادي فڪر جو ڦهلاءُ ڪيو ۽ پورهيت راڄ قائم ڪرڻ لاءِ انقلابي تحريڪ جو بنياد وڌو. هن سنڌ جي هارين، مزدورن ۽ شاگردن کي ڏيهي توڙي پرڏيهي ڦورن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. ڪامريڊ، سنڌ جي مظلوم پورهيت عوام جي جان مدي خارج سياست مان آجي ڪرائي، کيس صحيح سياسي لائين تي آندو. هن دور ۾ سنڌ جي پورهيت عوام ڪامريڊ جي ڏسيل مارڪسي-ليننِي انقلابي نظرئي جي سرواڻي هيٺ وڏا ڪارناما سرانجام ڏئي رهيو آهي. هو ڏيهي ۽ پرڏيهي ڦورن خلاف ويڙهه جي شروعات ڪري چڪو آهي.

ڪامريڊ جتوئي نه صرف سنڌ جي مدي خارج سياست ۾ انقلابي تبديلي آندي، پر هن ماٺهوءَ ئي سنڌي ادب ۾ پهريون ڀيرو رجعت پرست ادبي رجحانن کي شڪست ڏئي، ترقي پسند ادبي قدرن جو بنياد وڌو ۽ سنڌي ادب کي دنيا جي سماجوادي فڪر جي ترجماني ڪندڙ ادب سان ہٿ ڪري بيهاريو. ڪامريڊ هتان جي اديبن کي پهريون ڀيرو دنيا جي انقلابي ادبي ڌارا کان واقف ڪري، ڪين ان سان سلهاڙي ڇڏيو.

سنڌ جو هيڏو وڏو انقلابي رهنماءُ اڄ اسان جي بي حسيءَ جو شڪار بنجي چڪو آهي. اسان ڪيس نظرانداز ڪري چڪا آهيون، وساري چڪا آهيون. ان جو وڏو ثبوت اهو آهي جو اڄ ڪامريڊ جي وفات ڪئي 14 سال ٿي چڪا آهن، پر اسان اڄ تائين نه ته ڪامريڊ جي سوانح عمري لکي سگهيا آهيون ۽ نه وري سندس نهايت املهه ڪتاب، لکڻيون، سياسي ۽ نظرياتي مقالا ۽ مضمون ڇپائڻ جي ڪا ضرورت محسوس ڪئي آهي. اسان کي پنهنجو ايندڙ نسل ان بي حسيءَ، سستيءَ ۽ ڪاهليءَ تي ڪڏهن ڪو نه بخشيندو.

اڄ ڪامريڊ جتوئيءَ کي سڀ ادارا، پارٽيون ۽ تنظيمون وساري چڪيون آهن. هتان جي نئشنلسٽن ان ڪري ڪامريڊ کي پنهنجو نه ڪيو آهي، جو ڪامريڊ قومي مسئلو سماجوادي نقطي نظر سان حل ڪرڻ پئي گهريو ۽ پاڻ سنڌ وطن جي پورهيتن کي ڌارين توڙي پنهنجن ڦورن، ہنهي ڪان نجات وٺرائي ڏيڻ لاءِ ڪوشان هيو. جيڪا ڳالهه هتان جي مٿئين طبقي جي مفادن جي رکوالي ڪندڙ

نيشنلسٽن کي ڪا نه وٽي. ان ڪري هنن ڪامريڊ جو ”جيئي سنڌ“ جو نعرو ۽ قومي خودمختياريءَ جو پروگرام ته پنهنجو ڪيو، پر هو ڪامريڊ جي ”پورهيت راڄ“ قائم ڪرڻ واري پروگرام کان پاسيرا ٿي ويا.

ڪامريڊ جتوئيءَ کي پاڪستان جا نقلي ترقي پسند ان ڪري وساري چڪا آهن، جو ڪامريڊ، پاڪستان کي هڪ وفاقي گهڻ قومي ملڪ مڃيندي، هتان جي مظلوم قومن جي قومي خودمختياريءَ جو حامي هيو. سندن نظريو هو ته، هتي تيستائين پورهيت راڄ قائم ٿي نه ٿو سگهي، جيستائين هتي قومي جبر جو خاتمو نه ٿو ٿئي ۽ قومون پنهنجي حقيقي آزادي ۽ خودمختياري نه ٿيون ماڻين. ان ڪري نقلي ترقي پسندن، ڪامريڊ جو ”پورهيت راڄ“ قائم ڪرڻ وارو نظريو ته پنهنجو ڪيو پر، هتان جي مظلوم قومن لاءِ ڪامريڊ طرفان پيش ڪيل پروگرام کي پٺتي اڇلائي ڇڏيو.

ٻنهي ڌرين ڪامريڊ کي ٻن الڳ الڳ حصن ۾ ورهائي سندس نظرئي جي اصل روح جي نفي ڪئي آهي. هنن ڪامريڊ جي هڪ مڪمل سياسي ماڻهوءَ کي ترار سان ٻه ٽڪر ڪري ختم ڪيو آهي. هاڻ ڪامريڊ جي صحيح پيروڪارن ۽ همت وارن ڪارڪنن تي فرض عائد ٿئي ٿو ته هو عوام آڏو سندس صحيح ۽ سچو رخ پيش ڪن ۽ سندس نظرئي تحت ڪم ڪري هتان جي مظلوم عوام کي دکن ۽ دردن مان ڇوٽڪارو ڏيارين.

سچ ته ڪامريڊ جتوئي، هتان جي مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جي جيڪا

واٽ ڏسـي آهي، سـا مارڪسـزم -ليـنـنزم جي عين اصـولن مـوجب آهي. ڪامريـڊ هتـان جي حـالتن ضرورتن کي نظر رکي جيڪو پروگـرام اسـان کي ڏئي ويـو آهي، سـو سـنڌ جي مـاڻهن جي گهـرجن موجب آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي ته سـندس ڏسيل واٽ تي هلي، پنهنجو مستقبل روشن ڪيـون. جـيئن ملڪ حقيقي امن قـائم ٿـئي خوشـحالي اچي.

(رک سنڌي جي مرتب ڪيل ڪتاب ”باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي“ جا ٻه اکر، چپيل، جون 1984ع)

¬¬¬

ترقي پسند اديب گوبند مالهي

ساٿيهه اشاعت گهر طرفان اسان اهڙو مواد پيش ڪندا رهنداسين، جيڪو سنڌ □ انقلابي ماحول □ سياسي سجاڳي پيدا ڪري سگهي. اسان جي پٺتي پيل سماج □ نئون روح ڦوڪي، ان کي تازو توانو رکڻ سان گڏ ان جو آئيندو به روشن ڪري سگهي. جيئن سنڌي قوم غفلت جي ننڊ ڇڏي سجاڳ ٿي، پنهنجو وڃايل قومي وقار بحال ڪرائي □ ٻيهر دنيا جي آزاد قومن سان گڏ ترقيءَ جي ڊوڙ □ شريڪ ٿي سگهي.

ان مقصد تحت اسان هند □ سنڌ جي ترقي پسند اديب سائين گوبند مالهيءَ جو ورهاڱي کان اڳ ڇپيل اصلوڪو ناول ”انقلابي سپاهي“ ٻيهر ڇپائي رهيا آهيون. گوبند مالهيءَ جو هيءُ ناول سنڌي زبان جي انهن ٿورڙن اصلوڪن ناولن منجهان هڪ آهي، جيڪي برصغير □ انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ توڙي طبقاتي سماج خلاف ٿيندڙ جدوجهد جي پس منظر □ لکيا ويا آهن □ خاصي شهرت حاصل ڪري چڪا آهن.

گوبند جون لکڻيون، هند سنڌ جي سياسي □ سماجي حالتن جون آئينيدار آهن. سندس لکڻيون سماجي حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل هجڻ سان گڏ، انقلابي عمل کي تيز ڪرڻ جون سموريون گهرجون پوريون ڪن ٿيون. هن جون لکڻيون اڄ به اسان جي لاءِ ايتريون ئي سودمند آهن، جيتريون اهي لکڻ وقت هيون.

هن نـاول چپجڻ کـان ٿـورو اڳ (جـولاءِ 1984ع ۾) سنڌ ۾ ”نيو فيلڊس پبليڪيشـن“ طرفـان گوبنـد جـو هڪ ٻيو اصلوڪو ناول ”شرم ٻوٽي“ ڇپجي پڌرو ٿيـو آهي. جيڪو سنڌ ۾ غير طبقاتي سـماج لاءِ جدوجهـد جي پس منظــر ۾ لکيــل آهي ۽ ســنڌ جي پرنــدڙ جـاگيرداري سـماج جي قـدرن جي تصـوير ڪشـي ڪــري رهيــو آهي. جــڏهن تــه هيءُ نــاول ”انقلابي سپاهي“ برصغير، هنـد سـنڌ ۾ انگريـزن خلاف ڏيهي ماڻهن جي هلايل آزاديءَ جي تحريڪ جي پس منظر ۾ لکيل آهي. اهي ٻئي نـاول اسـان جي هن دور جي حالتن مطابق آهن. هن وقت سنڌ ۾ سنڌي ماڻهو ٻه طرفي ويڙهه وڙهڻ ۾ مشغول آهن. هڪ طرف هــو مادر وطن کي پرڏيهي پرمـارن جي چنـبي مـان آزاد ڪرائڻ جي جنگ جـوٽي چڪـو آهي تـه ٻـئي طـرف ڏيهي ڦـورن ۽ لٽـيرن جي سـتيا نـاس ڪـري غـير طبقاتي سماج قائم ڪـرڻ لاءِ جدوجهـد ۾ مصـروف آهي. ان ڪـري گوبنـد مـالهيءَ جـا هيءُ ٻـئي نـاول اسان جي ضرورتن جو پورائو ڪندڙ آهن ۽ انهن جو عملي اڀياس ڪـرڻ ۽ انهن ۾ ڏسـيل واٽ تي عمـل ڪرڻ اسان جي فرضن ۾ شمار ٿئي ٿو.

(رک ســنڌي طرفــان گوبنــد مــالهيءَ جي ڪتــاب ”انقلابي سپاهي“ جا ٻه اکر، ڇپيل، آگسٽ 1984ع)

¬¬¬

اسان جو لينن

ساٽيهه اشاعت گهر طرفان دنيا جي پهرين سماجوادي رياست سوويت يونين جي باني، دنيا جي پورهيت عوام جي سرواڻ ۽ عظيم انقلابي اڳواڻ ولاديمير ايليچ لينن جي سوانح حيات تي هي ننڍڙو ڪتاب ”اسان جو لينن“ پيش ڪندي فخر محسوس ڪري رهيا آهيون.
هي ڪتاب، برصغير جي ڏتڙيل عوام جي لاءِ سندن ئي هڪ گهڻ گهري مائل مليح آباديءَ ڏاڍي دلچسپ، سولي ۽ سمجهه پرئي انداز ۾ تحرير ڪيو آهي. جيئن هر ننڍو وڏو، پڪو پختو هن کي سولائي سان سمجهي ۽ ان مان لاڀ پرائي سگهي. هي ڪتاب سوويت انقلاب ۽ ان جي بانيءَ متعلق هتان جي هارين، مزدورن ۽ شاگردن کي ابتدائي سياسي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ڏاڍو ڪارگر ثابت ٿيندو.
ڪامريڊ لينن، اسان سڀني جو آهي، پوءِ ڇاهي اهي هند ۾ هجن يا سنڌ ۾، آفريڪا ۾ هجن يا آمريڪا ۾.
ڇو جو لينن اسان سڀني لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ سندس نظريو ۽ انقلابي ڪارناما دنيا جي مڙني مظلوم قومن ۽ عوام لاءِ مشعل راهه آهن. هن وقت جيڪي قومون ۽ طبقا پنهنجي آزاديءَ ۽ آسودگيءَ جي لاءِ جنگ ۾ جنبيل آهن، تن لاءِ مارڪسزم ۽ لينزم هڪ اهڙو هٿيار آهي، جنهن

سان دنيا جي هر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، برائيءَ ۽ بچڙائيءَ جو خاتمو آڻي سگهن ٿا.
—ان ڪري لينن جي راهه، اسان جي راهه آهي.
—۽ ڪامريڊ لينن جو سدا حيات نظريو اسان جو هٿيار آهي.

(رڪ سنڌيءَ طرفان ڪتاب ”اسان جو لينن“ تي لکيل پهه اکر، چيپل، نومبر 1984ع)

¬¬¬

اسان جي سنڌ

الا ائين نه ٿئي، جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

لطيف، سچل ۽ ساميءَ جي سنڌ تڏهن جيئندي، جڏهن سنڌي ٻولي پنهنجا بنيادي حق ماڻيندي، سنڌي ماڻهو پاڻ پرا ٿيندا ۽ سندن حقن جو احترام ٿيندو. پاڻ طبقاتي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ مان جند آزاد ڪرائي، پنهنجي ديس جي نئين سر اڏاوت ڪندا ۽ ان کي سرسبز ۽ شاد آباد بڻائيندا.
سنڌيت جي سلامتيءَ لاءِ جيڪي به ماڻهو جدوجهد ۾ مصروف آهن، اسان انهن سان گڏ آهيون. اسان جو هر قول ۽ فعل ان جدوجهد سان لاڳاپيل ۽ واڳيل رهندو. اسان جي هيءَ ڪوشش به ان عمل

جي هڪ ڪڙي آهي. اسـان نـئين سـال جي آمـد تي هي پيٽا سنڌ ماتا جي چـرنن ۾ پيش ڪـريـون ٿـا. ان اميد ۾ آسـري سـان تـه هيءُ سـال اسـان لاءِ وڏيڪ نيڪ فال ثابت ٿينـدو ۽ اسـان پنهنجي پنـڌ کي وڌيڪ تـيز ڪنداسـين، جـيئن مـنزل وڏيڪ ويجهي اچي ۽ ڪاريءَ رات جو انت اچي.

(رڪ سـنڌي طرفـان ڪتـاب ”اسـان جي سـنڌ“ تي لکيل ٻه اکر، چپيل، جنوري 1985ع)

¬¬¬

سنڌ ۾ رهندڙ ڪن ڌرين ڪجهه ڏينهن کان سنڌي ٻوليءَ خلاف خاموش جنگ شروع ڪري ڏني آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن ۽ رسالن ۾ سنڌي ٻوليءِ جي بنيادي حقن خلاف مخصوص طبقي جي پريس هاءِ گهوڙا شروع ڪري ڏني آهي. انهن ڌرين کي ماضيءَ مان سبق پرائڻ گهرجي ۽ ڪين هاڻ پنهنجي مستقبل تي ويچار ڪندي پرامن ۽ عزت پرئي ان فيصلي کي قبول ڪرڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ جو سنڌ پيدائشي وطن آهي ۽ هوءَ ئي هن وطن جي واحد نمائنده ٻولي آهي. هنن کي ڪڙي منهن به سنڌ جي واحد لساني ۽ ثقافتي حيثيت کي تسليم ڪرڻو پوندو. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون هن ڌرتيءَ جي پاتال ۾ ڪتل آهن ۽ جيڪا ڌر ان کي اکيڙڻ جي ڪوشش ڪندي سا پاڻ نقصان هيٺ ايندي. پاڻ هتان جي اصل وارث ٻوليءَ سان ٽڪراءَ جو شڪار ٿي تباهه ۽ برباد ٿي ويندي. ڇو جو سنڌي ٻولي هزارين سالن کان هتي ٻاهران ايندڙ قومن جي زبانن سان منهان منهن ٿيندي ۽ ڌارين قومن جي ثقافتي ۽ لساني شاونزم جو مقابلو ڪندي، هن منزل تي پهتي آهي، جتي ڪيس ڪابه طاقت نه مٽائي سگهي ٿي ۽ نه نظرانداز ڪري سگهي ٿي.

هن وقت جڏهن 1973ع جي آئين ۾ ترميمون ڪيون پيون وڃن ته ان وقت اسان سنڌ واسي پنهنجو پراڻو ۽ جائز مطالبو دهرائيندي حڪومت کان گهر ٿا ڪريون ته آئين جي ٻولين واري ايڪٽ ۾ ترميم ڪري سنڌي ٻوليءَ کي قومي ۽ سنڌ جي واحد سرڪاري زبان جو درجو ڏنو وڃي ۽ ان کي سرڪاري سطح تي اهي مڙئي سهوليتون ڏنيون

وچن، جن جي اها اهل آهي. ڇو جو حڪومت ڪيتري وقت کان هڪ مخصوص طبقي جي غلط □ گمراهه ڪن پروپئگنڊا جي اثر هيٺ اچي سنڌي ٻوليءَ جي جائز حقن □ گهرن کي نظرانداز ڪندي رهي آهي. جڏهن ته سنڌي پاڪستان جي واحد ترقي يافته □ شاهوڪار زبان آهي، جيڪا پاڪستان جو ڪروڙين عوام ڳالهائي □ سمجهي سگهي ٿو. جيڪا سنڌ جي 90 سيڪڙو عوام جي زبان آهي. ٻيو ته ٺهيو پر 1973ع جي آئين هيٺ سنڌي ٻوليءَ کي جيڪي حق مليل هئا، سي به حڪومت هڪ مخصوص اقليت کي خوش ڪرڻ لاءِ نه ڏنا آهن □ هميشه ان کي نظرانداز ڪرڻ واريءَ پاليسيءَ تي عمل ڪيو آهي.

حقيقت □ سنڌي ٻولي، ايترا حق پنهنجي ڌرتيءَ تي به نه ماڻي سگهي آهي، جيترا ڪيس سندس اهميت □ افاديت تسليم ڪندي ٻاهر مليا آهن. دنيا جي انصاف پسند ملڪن سنڌي ٻوليءَ جي قدر □ قيمت کي تسليم ڪندي، سنڌي ماڻهن جي جذبن □ امنگن جو احترام ڪندي، سنڌ ٻوليءَ کي سڀيون سهوليتون ڏنيون آهن. اسان جي پاڙيسري ملڪ هندستان □ جتي صرف 30 لک سنڌي رهندڙ آهن، اتي سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي قومي ٻولي تسليم ڪيو ويو آهن. (هندستان □ سنڌي سميت 16 قومي ٻوليون آهن) بمبئي، نئين دهلي □ ڪڇ ڀڄ جي ريڊئي □ ٽي وي تان جهجهي انداز □ سنڌي پروگرام ايندا آهن. اتي سنڌي ميڊيم اسڪول، ڪاليج □ يونيورسٽين □ سنڌي ٻوليءَ جا شعبا قائم ٿيل آهن.

هندستان ته ڇڏيو پر انڊونيشيا، هانگ ڪانگ، ملايا، سينگاپور ۾ ٿائيلينڊ ۾ سنڌي پروگرام ريڊيو ۾ ٽي وي تان پيش ڪيا ويندا آهن. انهن ملڪن ۾ سنڌي ٻارن لاءِ سرڪاري طرح پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم وٺڻ لاءِ اسڪول ڪليل آهن. پر جڏهن ته سنڌي ٻولي جي پنهنجي ماتر ڀوميءَ ۾ ان کي ريڊئي ۾ ٽي وي تي جائز حصو نه ٿو ملي. ڪراچي، سنڌ جي گاديءَ واري شهر ۾ سنڌي اسڪول ۾ ڪاليج ناهن، زندگيءَ جي هر شعبي مان سنڌي ٻوليءَ نيڪالي ڏني پئي وڃي. اخبارن، رسالن ۾ ڪتابن مٿان عتاب نازل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ٿيندڙ هر ڪوشش کي مشڪوڪ نظرن سان ڏٺو وڃي ٿو.

ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته سنڌ ۾ ريڊئي ۾ ٽي وي توڙي ٻين سرڪاري توڙي خانگي نشري توڙي اشاعتي ادارن ۾ سنڌيءَ جو 75 سيڪڙو عمل دخل هجڻ گهرجي ها ۾ پنجاب جتي 3 لک سنڌي ڳالهائيندڙ، بلوچستان جتي 8 لک سنڌي ڳالهائيندڙ رهن ٿا، اتي سنڌي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مرڪزي سرڪار تناسب جي حساب سان سنڌي ميڊيم تعليمي ادارا کولي ها ۾ اتي جي نشري ۾ اشاعتي ادارن ۾ سنڌيءَ کي تناسب جي حساب سان جڳهه ملڻ گهرجي ها. جڏهن ته دنيا جي جن ملڪن ۾ هزارن ۾ سون جي تعداد ۾ سنڌي رهن ٿا، اتي به انهن کي پنهنجي مادري زبان ۾ تعليم پرائڻ ۾ پنهنجي ٻولي ۾ ريڊيو ۾ ٽي وي تان پروگرام ڏسڻ جو موقعو ملي ٿو. آل انڊيا ريڊيو جي هڪ معلوماتي پروگرام موجب دنيا جي 48 ملڪن ۾

سنڌي زبان جا پروگرام ريڊيو ٽي وي تان نشر ٿين ٿا.

ان صورت اسان اهو پڇڻ گهرون ٿا ته جتي 3 ڪروڙ کان وڌيڪ سنڌي ڳالهائيندڙ آهن جيڪو ديس سنڌي ٻوليءَ جو وطن آهي، اتي سنڌي زبان سان اها ٻه اکيائي ڇو ٿي ڪئي وڃي.

اسان سنڌي ڳالهائيندڙ سمجهندڙ سرڪار کان گهر ٿا ڪريون ته:

1.سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي سنڌ جي اڪيلي صوبائي زبان تسليم ڪيو وڃي ان کي سرڪاري سطح تي ترقي وٺرائي مختلف سطحن تي رائج ڪيو وڃي.

2.سنڌ جي ريڊئي ٽي وي تان 90 سيڪڙو باقي صوبن مان تناسب مطابق سنڌي پروگرام ڏنا وڃن. ريلوي اسٽيشنن، روڊن، ڳوٺن آفيسن جا نالا سنڌي لکرايا وڃن.

3.ڪراچي سميت باقي صوبن تناسب جي لحاظ کان سنڌي ميڊيم تعليمي ادارا کوليا وڃن مقابلي جي امتحانن لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪيو وڃي.

4.سنڌي ڪتابن، رسالن اخبارن تان بندش لاٿي وڃي، نوان ڊڪليئريشن ڏنا وڃن کين اشتهار پني جي ڪوٽا پوري ڏني وڃي. سنڌي اديبن صحافين کي ملڪ جي ٻين صحافين اديبن جيترا حق ڏنا وڃن.

5.سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ سرڪاري طرح ادارا لئبرريون کوليون وڃن اڳ ڪليل ادارن کي ترقي وٺرائي وڃي.

من ڪا منهنجي آهي ڪنهن ڪوهياري جي ڪن پوي!

(رک سنڌي طرفان ڪتاب ”سنڌي ٻولي رت رتولي“ تي لکيل مهاڳ، ڇپيل مارچ 1985ع)

¬¬¬

رالف فاڪس

انسـاني آزادي، جمهـوريت، سـماجواديت ۽ امن لاءِ وڙهندڙ جوڌو رالف فاڪس، هڪ وڏي رتبي وارو مارڪسي عالم، صحافي ۽ تـرقي پسـند اديب هجڻ سان گڏ فرانس جي ڪميونسـٽ پـارٽيءَ جـو جـاڪوڙي اڳـواڻ هـو. جنهن 2 جنـوري 1937ع تي پنهنجي جنم ڀومي کان پري پورهيت عوام جي حقن لاءِ لڙنـدي، فاشسـٽن، هٽلـر ۽ فرانڪـو جي غنـڊن سان وڙهندي، اسپين جي هڪ ڳوٺ لوپرا ۾ پنهنجي جان گهوري ڇـڏي. هن عظيم انسـان 1900ع ڌاري هـالي فيڪس (فـرانس) ۾ جنم ورتـو. پـاڻ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصـل ڪيـائين. جـڏهن آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ پهرين سـماجوادي رياسـت سوويت يونين جنم ورتو ته رالـف فـاڪس ان ديس ۾ پهچي، اتـان جي پـورهيتن سـان ڪلهـو ڪلهي ۾ ملائي ڏڪـر ۽ سرمائيدار ملڪن جي فوجي مداخلت خلاف جدوجهد ڪئي. اُتان واپس موٽڻ بعـد 1920ع ۾ پاڻ ڪميونسٽ پـارٽي جـو ميمـبر ٿيـو ۽ زنـدگيءَ

جي آخـري گهـڙين تـائين ان مقصـد لاءِ جدوجهـد ڪندي، نيٺ ان ئي مقصد خاطر لڙندي امر ٿي ويو. رالف فاڪس نه صرف هڪ سچو ڪميونسـٽ ليـڊر هيو، پر پاڻ سٺو صحافي ۾ تـرقي پسـند مارڪسـي اديب پڻ هو. هن ڪيترائي ڊراما لکي، ڪميونزم تي ڪتاب لکي، لينن جي پهريون دفعـو بهـترين سـوانح ترتيب ڏني، ايشيا جي پراڻي تاريخ مارڪسي نقطي نظـر سـان لکي، وڏو ڪارنـامو سـرانجام ڏنـو. هن عظيم انســان 37 ســالن جي مختصــر زنــدگي ۾ ڪارنهن ڪتاب لکيا:

(1) نوجـوان ڪپتـان (نـاٽڪ) (2) اسـٽيپ جـا مـاٿهو (3) طوفـاني بهشـت (4) لينن (5) برطـانوي سـامراج جي نـو آباديـاتي پاليسـي (6) آئرلينـڊ جـا مسئلا ۾ مـارڪس اينگلس (7) برطانيـه ۾ طبقـاتي ڪشمڪش (ٻه جلد) (8) ڪميونزم (9) چنگيز خان (10) پرتگال (11) فرانس جو مسـتقبل (12) نـاول ۾ عوام.

اسان سندس جڳ مشهور ڪتاب ”ڪميونزم“ جي پهرين حصي جو ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون. جيڪو سـنڌي ٻـوليءَ جي تـرقي پسـند اديب گوبنـد پنجابي جو ڪيل آهي. اميـد تـه هي ڪتـاب سياسـي ڪارڪنن، اديبن، هارين ۾ مزدورن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو ۾ ترقي پسـند ڪـارڪنن لاءِ ابتـدائي سياسـي تعليم جون ضرورتون پوريـون ڪنـدو. اسـان اوهـان سان گڏ آهيون!

(رڪ سنڌي طرفان رالف فاڪس جي ڪتاب ”مارڪسواد“ تي لکيل پهاڪر. ڇپيل، جولاءِ 1985ع)

”سچ“ سنڌ جي عوام جي ملڪيت آهي

”سچ“ اخبار اڄ پنهنجي هڪ سال جو سفر طئه ڪيو آهي. اسان اهو اڙانگو سفر ڪيئن طئه ڪري اوهان تائين پهتا آهيون، سچ جي راهه □ ڪهڙيون رڪاوٽون وڌيون ويون، ڪهڙيون لالچون □ خوف ڏنا ويا، ڪنهن اسان جي وچ □ ويهي سچ جي پرم کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن کان قطعه نظراسان کي پنهنجي عوام طرفان جيڪا موٽ ملي، جيڪو آڌر ڀاءُ ڪيو ويو، تنهن اسان جا حوصلا □ همت پهاڙ جيڏي مضبوط ڪري ڇڏي. اسان کان سپ سور وسري ويا، مايوسيون اميدن □ آدرشن اڳيان پرزا پرزا ٿي ويون.

اج کان هڪ سال اڳ جڏهن جناب آغـا سـليم پنهنجي گهــر گهــرائي مــون کي ســچ جي ســٿ شموليت جي دعوت ڏني هئي ته ڪيترن ئي دوستن سچٽن نئين اخبار شموليت وارن خطرن آگاهــه ڪيو هو. رسڪ نه ڪٽڻ جا مشورا ڏنا هئا. چاڪاڻ ته سنڌي اخبارون جنهن ٻڌي جي حساب سان نڪــري بند ٿي رهيون هيون. ان صـورتحال ڪنهن نـئين اخبار کي جنم ڏيڻ، ان کي ڪاميابيءَ سـان هلائڻ ان ســفر کي هميشــه لاءِ جــاري رکڻ جي دعــويٰ ڪرڻ ڪنهن وڏي خوشفهميءَ ڪانسواءِ ڪجهه به نه هئي. ڪا بـه خـبر نـه هـئي تـه اخبـار جـا مـالڪ هن مقصـد سـان ڪيـتري حـد تـائين لاڳاپيـل آهن. هـو پنهنجن خوابن جي ڪهڙي تعبير ڏسڻ گهرن ٿا. سـچ جي ســـٿ شـــامل ٿيڻ ڪـــانپوءِ جـــڏهن منهنجي ملاقات اخبار جي پـارٽنر جنـاب حمـزي خـان پليجي سان ٿي ته سندس اخبـار لاءِ محبت پـري رٿابنـدي، عوام تائين هڪ خوبصـورت مقصـدن پـري اخبـار پهچـائڻ وارو عـزم درياهـه دلي اهڙيـون ڳـالهيون هيون، جو اسان جو همت حوصلو ويـتر وڌي ويـو. اخبار سـان رشـتو هڪ ملازم بـدران پنهنجي تخليـق واري سوچ تبديل ٿي ويو، مان خود سندس چــوڻ تي ڪراچيءَ کان حيدرآباد منتقل ٿيڻ کي اخبار جي ڀلائيءَ بهتريءَ لاءِ ضروري ڄاتو. جيڪڏهن حمزي خــان پليجي جي اخبــار ســان محبت ان لاءِ هــر مشـــڪلات کي مرڪنـــدي منهن ڏيڻ واري خـــوبي منهنجي لاءِ سـونهون نـه بڻجي هـا تـه هونـد اخبـار جهڙي غير مستقل روزگار تي مان پنهنجي صحافتي بنياد کي الوداع ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيان ها.

سچ جڏهن اچا مارڪيٽ ۾ به نه آئي هئي ته اسان جي ڪجهه سچٽن ڪاروباري مفادن لاءِ جيڪي منفي پرچار جا طوفان ڪڙا ڪيا، سچڻ پائي ۾ خير خواهي جي نالي تي جنهن نموني بدگمانيون پئدا ڪيون، تنهن اڳيان اسان جي پڙهندڙن ۾ عوام طرفان مليل همت افزايون ۾ پنهنجائپون وڌيڪ سگهاريون ۾ حوصلو بخشيندڙ هيون. اخبار ڪنهن مخصوص پارٽي، طبقي يا فرد جي نمائندگي ڪرڻ بدران پاڻ کي عوام جي ملڪيت بڻائي ڇڏيو. سچي ملڪ جي عوام لاءِ تعمير ۾ ترقي جي هڪجهڙن موقعن، نسل پرستيءَ جي خاتمي، مذهبي فرقيواريت جي حوصلي شڪني، قومن جي پئدائشي حقن جي حاصلات ۾ انساني بنيادي آزادين جي تصور جي ساپيان لاءِ جدوجهد ۾ جاکوڙ ڪرڻ "سچ" جو مينيفيسٽو بڻجي ويو. اخبار پنهنجن انهن مقصدن جي حاصلات لاءِ هر قسم جي لالچن ۾ خوف کي پنهنجي پر مان به لنگهڻ نه ڏنو. سنڌي عوام جي حقن لاءِ جاکوڙ جي سلسلي ۾ سچ انتهائي ٻي ڊپائي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. شاهه جو اهو شعر اسان جو سونهون بڻجي ويو ته:

منجهان منهنجي روح جي وڃي ساجن وسري،
ته مر لڳي لوهه، تر ٻاٻيهو تي مران

"سچ" هڪ سال اندر جيڪي ڪاميابيون ماڻيون آهن، انهن پٺيان ڪنهن هڪ شخص جو طلسماتي ڪردار موجود نه آهي، پر سچ ۾ اسان جي سچي عوام، مڙني خير خواهن، همدردن، هڏ ڏوکين جون همتون ۾ ڪاوشون شامل آهن—اسان

انهن جا به ٿورائتا آهيون، جن اسان لاءِ شڪ ۽ گمان پکيڙيا، اسان تي مثبت تنقيدون يا طبرا ڪيا. اسان جي هن مختصر سفر ڪي ڪاميابي تي رسائڻ لاءِ اڻ ڳڻين ماڻهن جون محنتون شامل آهن. ڪن هٿ ۾ هٿ ڏئي اسان جو ساٿ ڏنو، ڪن ٻاهران ويهي دعائون ڪيون ۽ حوصلو وڌايو.

”سچ“ جي اخباري دنيا ۾ انفراديت سندس مانوارا ليکڪ آهن، جن هن اخبار کي پڙهندڙن جي جيءَ ۾ جاءِ ڏني آهي. اسان کي اڃا سوڌو اها خبر نه پئجي سگهي آهي ته سراج الحق ميمڻ، قمر شهباز، انور ابڙو، نصير اعجاز ۽ بيدار جعفري جو هن اخبار سان ڪهڙو رشتو آهي، جن عوام کي حقيقتن جو ادراڪ ڪرائڻ لاءِ هي فورم چونڊيو آهي. سندن لکڻيون ئي سچ جو املهه سرمايو آهي، جن هن اخبار جي نه صرف پنهنجي انفراديت قائم رکي آهي پر عوام سان ناتن ۽ رشتن کي وڌيڪ سگهارو ۽ اٽوٽ بڻائي ڇڏيو آهي. سچ جو انسان دوست، وطن پرست ڪردار انهن ليکڪن جي لکڻين ۾ شهپارن مان ليئا پائيندو نظر ايندو آهي. سچ کي سچي سنڌ ۾ متعارف ڪرائڻ، عوام جي هٿن ۾ رسائڻ ۾ سندن مسئلن ۽ معاملن کي حڪمرانن ۽ ڪامورن تائين پهچائڻ ۾ اسان جي نمائندن، ايجنٽن ۽ هاڪرن جي جنهن محنت ۽ محبت وارو جذبو موجود رهيو آهي. ان هن اداري کي بنا ڪنهن شڪ جي عوام جي ملڪيت بڻائي ڇڏيو آهي. مون کي پنهنجي نمائندن ۽ ايجنٽن جي اخبار سان محبت جو اندازو ان وقت ٿيندو آهي، جو هو ڪا خبر نه لڳڻ تي يا ڪنهن معاملي جي صحيح

نمائندگي نه ٿيڻ تي اسان کان ناراض ٿي ويندا آهن.

ان ڳالهه □ ڪو شڪ ڪونهي ته اسان جي ٽيم ڪجهه شخصن تي ٻڌل آهي، پر پوءِ به اسان اڄ اهو وڏي واڪ اعلان ڪيون ٿا ته سچ عوام جي ملڪيت آهي، اهو ئي سندس ڌڻي □ مالڪ آهي. اسان جا مقصد □ مرادون اهي ئي آهن ته، حق □ سچ جي وات تي هلندي، پنهنجي قومي آجپي واري جدوجهد □ پنهنجي حصي پٽاندڙ ڪردار ادا ڪريون. ان لاءِ وري به عوام کي اسان جو سونهون □ رهنماءُ ٿيڻو پوندو. عوام جي سگهه ئي اسان جو هٿيار آهي، انهن جون محبتون ئي اسان جا سڀ ڏک سور دور ڪري سگهن ٿيون. شل اسان کي ڌڻي سچ جي لڄ رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

سچ ڏي اهڙي سگهه، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي
ڳچي ٽئي ڳچ، پر چوان جو چوڻو هجي!

(رک سنڌي طرفان سچ اخبار جي نيوز ايڊيٽر طور
سالگرهه جي موقعي تي لکيل مضمون، چپيل،
پهرين آگست 1999ع)